# شاه عبداللطيف
# مدبر، معلم ۽ مهربان

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو



ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# شاھ عبداللطيف

# مدبر، معلم ۽ مهربان

(ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ)

ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجو

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

2012

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب : شاهہ عبداللطيف: مدبر، معلم ۽ مهربان
ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
ڇاپو : پهريون 2012
تعداد : هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ: سارنگ ابڙو اقبال ابڙو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: ظفر آفتاب
ڇپيندڙ : عريبہ پبليڪيشنس، ڪراچي.
0300_2152634
ڇپائيندڙ : ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
قيمت : 150 روپيا

Title of Book : Shah Abdul Latif: Muallam, Mudabar ain Mahrban
Writer : Dr. Abdul Jabbar Junejo
Edition : First 2012
Quantity : One Thousand Copies
Composing : Sarang Abro/Iqbal Abro
Computer Lay Out : Zafar Aftab
Printed by : Areeba Publications, Karachi
Published by : Culture Department, Government of Sindh
Price : Rs 150/-

نوٽ : هي ڪتاب، ڪلچر ڪتاب گهر، ويجهو ايم. پي. اي هاسٽل،
سر غلام حسين هدايت الله روڊ تي وڪري لاءِ موجود آهي.
فون: 99206144، 021-99206073

# اِنتساب

انهن ستلن جي نالي، جي اجرڪ اوڍي پيير ڏگها ڪري مٺلن وانگر ستا رهن ٿا ۽ هن مانجهاندي جي ماڳ ڪي ساٽيهہ ٿا ڄاڻن. ڪتاب نٿا پڙهن، رسالي سان روح نٿا ريجهائين ۽ اُنهن لاءِ ئي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ ننڊون ڪندي سلطاني سهاڳ ڪيئن ملندو!

عبد الجبار

# سٽاءُ


- اداري پاران 7
- مهاڳ 9

**ڀاڱو پهريون: شاهه عبداللطيف: مدبر، معلم ۽ مهربان**

باب پهريون: مدبر 13

باب ٻيو: معلم 37

باب ٽيون: مهربان 55

**ڀاڱو ٻيو: رسالي جا بنيادي انگ اکر ۽ سُرن کي سمجهڻ**

باب پهريون

- رهنما 67
- ڏول مارئي 74

باب ٻيو

- موسيقي 79
- آسا 94
- پرڀاتي 100

باب ٽيون

- ڪيڏارو 107
- مهاڻا 113

# اداري پاران

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ، ثقافتي سرگرمين سان گڏ علم، ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ذڪر جوڳو ڪم ڪيو آهي. جنهن جو مثال گذريل ڇئن سالن دوران ڪوٺايل ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن جي انعقاد ڪرڻ سميت سنڌي ٻوليءَ، ادب، ثقافت، تاريخ ۽ تحقيق تي مشتمل ڪيترن ئي ڪتابن جي اشاعت شامل آهي.

محترمه سسئي پليجو صاحبه جي گهري دلچسپيءَ سبب ثقافت کاتي هر ميدان ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. خاص طور تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ هُن نه صرف ريسرچ سيل جو قيام عمل ۾ آندو پر گڏوگڏ شاهه سائينءَ تي تحقيقي ڪمن کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ پڻ جوڳا اُپاءَ ورتا آهن. ثقافت کاتي پاران هر سال ميلي جي موقعي تي ڇهه ڇهه ڪتاب منظر عام تي آندا ويندا رهيا آهن. هن سال به حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 268 هين عرس جي موقعي تي ايترا ئي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا پيا وڃن، جن ۾ هي ڪتاب ”شاهه لطيف _ معلم، مدبر ۽ مهربان“ شامل آهي. هي ڪتاب سنڌ جي ناليواري استاد، ليکڪ، شاعر، اديب، محقق ۽ لطيف شناس ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جن جو آهي، جيڪو هُن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مڪمل ڪري، هن ميلي جي موقعي تي ڇپائيءَ لاءِ ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي

حوالي ڪري ڇڏيو هو.

هي ڪتاب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي لطيف سائينءَ تي ڪيل تحقيق، خاص ڪري سنڌس پيغام جو نچوڙ آهي، جيڪو هن بنهه سولي نموني سان ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ لکيو آهي. پر هيءَ به حقيقت آهي ته هُن شاهه سائينءَ جي مختلف پهلوئن تي جيڪا روشني وڌي آهي ۽ سندس فڪر کي سمجهائڻ ۽ عام ڪرڻ لاءِ نوان رُخ ۽ جنهن نموني راهون ڏسيون آهن. اُهي سيني پڙهندڙن لاءِ ڪارائتيون آهن. هي ڪتاب شاهه سائين تي ٿيل تحقيق جي حوالي سان نهايت ئي اهميت جوڳو ۽ ايندڙ پيڙهين لاءِ لطيف شناسيءَ جي ڏس ۾ نهايت ئي مددگار ثابت ٿيندو.

ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ محترمه سسئي پليجو صاحبه جي خصوصي دلچسپيءَ ۽ رهنمائيءَ تي اسين سندس ٿورائتا آهيون ۽ اميد ڪريون ٿا ته سندس اهڙي رهنمائي ثقافت کاتي جي بهتريءَ لاءِ هميشه جاري رهندي.

اميد آهي ته ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو هي ڪتاب پڙهندڙن ۾ مستقبل ۾ شاهه سائينءَ جي فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪندڙن وٽ وڏي مڃتا ماڻيندو ۽ ثقافت کاتي لاءِ پڻ اعزاز جو باعث بڻبو.

**عبدالعزيز عقيلي**

سيڪريٽري

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# مُهاڳ

پيارا ٻارو ۽ نوجوانو!

شايد آءُ پنهنجي جوانيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم دورانِ زندگيءَ ڪي پنهنجن خواهشن جو ٻيو روپ ڄاڻندو هوس، جو اُستاد محترم پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جو ڪمزور هٿ منهنجي پُر قوت ٻانهن ۾ ڦٻي ويو. هڪ ڏينهن مون کي چيائين تہ: ”زندگي هڪ پُر معنيٰ حقيقت آهي، اُن کي منظم نموني ۽ دين جي روشنيءَ ۾ گذارڻ کپي“. اُن کان پوءِ حضور ڪريم ﷺ، اصحابن، اڪابرن، صوفين، حضرت مجدد الف ثاني، شاهه ولي الله، شاهه ڪريم، خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري، مئين عبد الرحيم گرهوڙي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو خاص طور ذڪر ڪيائين. پڙهائيندو هو تہ سندس زبان ۽ بيان جو تسلسل مون کي گهٽو وٽندو هو ۽ دل چوندي هئي تہ پيو ڳالهائي. سندس چوڻ هو تہ اڪابرن جي زندگي اسان لاءِ مشعل راهہ آهي. شاهه عبد اللطيف جي رسالي سان تہ ڪو ازلي انگ هوس جو بيتن جو بيان ڪندي ۽ معنيٰ سمجهائيندي ٿڪندو ڪونہ هو ۽ جوش ۾ وقت جي ڪا سمجهہ ئي ڪانہ پوندي هئس. سائين جتوئي صاحب رسالي کي مقصد ۽ معنيٰ جو هڪ بحر بي پايان ۽ انسان ذات لاءِ پيغام ڄاڻندو هو.

اڄ 13 فيبروري 2009ع تي سائينءَ جون ذڪر ڪيل ڳالهيون مون کي شدت سان ياد پيون ۽ ويچارڻ لڳس تہ شاهه عبد اللطيف جي ڏسيل واٽ جيِ اِن پهلوءَ بابت ڪجهہ لکان ۽ رسالي جي پيغام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان، جنهن مان

شاگرد ۽ طالب علم ڪجهہ فائدو وٺن.

رسالو مطلب ۽ معنيٰ جو هڪ خزانو آهي، زندگيءَ جي اُنهن پهلوئن تي روشني وجهي ٿو جي انساني زندگيءَ جا ئي مختلف پهلو آهن. انسان کي رسالي جي رهنمائيءَ جي گهڻي ضرورت آهي. عام طور رسالي بابت تحقيق جي کوٽ جي شڪايت ڪئي ويندي آهي. اُن باري ۾ گذارش آهي تہ رسالي جي متن، معنيٰ، ترتيب ۽ تحقيق تي محققن گهڻو ڪم ڪيو آهي. آءٌ اُن کان گهڻو مطمئن آهيان. مون بہ کي ڪتاب ۽ مقالا پنهنجي حال ۽ سمجهہ موجب لکيا آهن. آءٌ ان خيال جو آهيان تہ شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي ڪو عام رواجي شاعر نہ آهي، هُو شعر جي دنيا ۾ بلاغت، فصاحت ۽ سلاست سبب هڪ وڏو رهبر شاعر آهي. ڪيس رڳو صوفي شاعر چئي پاڻ تان بار لاهي نٿو سگهجي. شاهہ جو رسالو رازن ۽ رمزن سان گڏ عام فهم، معنيٰ ۽ مطلب جو اتساهہ سمونڊ آهي.

رسالي جي پيغام کي سمجهڻ لاءِ رڳو شاهہ صاحب کي عوامي شاعر چوڻ بہ ڪافي نہ آهي. اِهي چند خيال ذهن ۾ رکندي هن ڪتاب ۾ مون چند معروضات پيش ڪيون آهن ۽ ڪتاب کي (شاهہ عبد اللطيف: مدبر، معلم ۽ مهربان) عنوان ڏنو اٿم. ڪتاب ۾ انهن ٽن پهلوئن جي روشنيءَ ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام جو جائزو ورتو اٿم. مثال ڏيندي ذيلي موضوع بيان ڪيا اٿم. ڪوشش آهي تہ شاهہ صاحب جي ڏنل تعليم مان ڪجهہ پرائجي.

پيارا ٻارو ۽ نوجوانو! منهنجو ڪتاب خاص طور اوهان لاءِ لکيل آهي. پنهنجي لطيفي ڄاڻ ۾ اضافو ڪريو ۽ ٻين تائين بہ پهچايو.

ڊاڪٽر عبد الجبار جوڻيجو
بدين

# پاڳو پهريون

شاهه عبداللطيف: مدبر، معلم ۽ مهربان

باب پھريون

# مدبر

پيارا ٻارو ۽ نوجوانو!

شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1690_1752ع) دنيا جي اُنهن سياڻن، مدبرن، اڪابرن ۽ شاعرن مان آهي جن دل جي دنيا جو سير ڪرائيندي انسان ذات جي رهنمائي ڪئي. هُن جا وڏا اصل هرات (افغانستان) جا هئا. انهن مان مير علي نالي بزرگ سنڌ ۾ آيو ۽ ان جي اولاد مان شاهه عبداللطيف ڄائو جو پنهنجي نيڪ نالي (شاهه عبداللطيف ڀٽائي) سان اڄ به هند، سنڌ ۽ شعر جي سڄي دنيا ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. سندس ٽڙ ڏاڏو شاهه عبد الڪريم بلڙيءَ وارو به هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي ۽ والد شاهه حبيب به هڪ نيڪ انسان ۽ مدبر هو. هُن ۾ به شعر چوڻ ڏانهن دلي لاڙو هو جو جڏهن شاهه عبد اللطيف وڻ جي ٿُڙ ۾ ايڪانت ۽ عبادت خاطر ويٺو هو ته ڪيس ڳوليندي ڳوليندي هيءَ موزون سٽ الاپيائين: لڳي لڳي واءُ ويا انگڙا لتجي، ته شاهه عبد اللطيف جواب ڏنو هو: پيئي ڪٽي پساهه پسڻ ڪارڻ پريءَ جي. وري جڏهن سير سفر ۾ گهڻو عرصو گذري چڪو ته شاهه حبيب فرزند دلبند ڏانهن نياپو موڪليو هو ته اُهو به موزون هو. چي:

ڪا جا نينهن نِنڊاهه مون واجهائيندي نه ورو!
جيڪي مٿي ڪندا سو جانب ڪريو جيئري

لطيف جواب موڪليو:

متان ٿئين ملور، ڪي اڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد ٻنهي جي هيڪڙي.

ڪن بين بيتن جي بہ پيءُ پٽ جي وچ ۾ ڏي_وٺ ٿي هجي پر جا فرزند دلبند پاران پالوٽ ٿيڻي هئي ۽ سمنڊ جي اٿل ٿيڻ واري هئي تنهن والد سڳوري کي روڪي ڇڏيو. شاهہ عبد اللطيف جو ننڍيڻ بہ عام ٻار جهڙو نہ هو. اُستاد کان تعليم وٺڻ لاءِ بہ وينو پر هُن جي اندر ۾ جو علم جو بحر موجود هو تنهن جي اُٿل بہ ڪا گهٽ نہ هئي. ڪن ڪيس اُمي سڏيو۽ ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ٻين محسوس ڪيو تہ جنهن جي ڪلام ۾ علم جو درياءَ پيو ڇوليون هڻي سو خود علم جي زيور کان وانجهيل ڪيئن هوندو! ههڙو ٻالڪ علم جي زيور سان آراستہ ٿي ميدان شعر جو شهسوار ٿيو ۽ ”شاهہ جو رسالو“سندس علميت جو ساکي بڻيو. دنيا ڏٺو تہ هي نہ عام شاعر هو ۽ نہ عام شخص!

شاهہ عبد اللطيف جنهن سطح تي رسالو تصنيف ڪيو اُن موجب هو هڪ مدبر ليکجي ٿو. جنهن حوالي سان شاعر خدا جا شاگرد ليکجن ٿا اُن موجب بہ هو حسان بن ثابت، حافظ، رومي، سعدي ۽ خيام، ڪبير، غالب، ميران ۽ سهجو، بابا فريد ۽ خواجہ فريد توڙي شاهہ حسين ۽ بلهي شاهہ وانگر هڪ عظيم شاعر ٿي ساماڻو. شاهہ عبداللطيف جي هڪ هڪ سِٽ ۾ علم، هنر، فن ۽ فڪر جا سمونڊ سمايل آهن. هُن اڳ وارن جي ڳالهہ ڏيان سان ٻڌي ۽ پوءِ وارن کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي. اِن ريت سڄي دنيا کان داد حاصل ڪيو. داد حاصل ڪرڻ وارن جو درجو ٻين کان مٿاهون آهي. شاهہ عبد اللطيف تہ پنهنجي فڪر ۽ فن ۾ هوندئن ئي يڪتا آهي. آخر مدبر ڪنهن کي ٿو چيو وڃي؟ مدبر اُهو آهي جنهن کان ٻيا سکن. هُن جي ڳالهہ من ۾ پيهي وڃي. هُو اثر ۽ انداز بيان ۾ منفرد هجي. شاعريءَ جي ميدان ۾ بہ مدبر انسان موجود آهن. انهن جو چوڻ ڪي سکڻا لفظ نہ آهن، پر انهن ۾ معنيٰ جا موتي سمايل آهن. انهن وٽ تعليم ئي تعليم آهي، جيتوڻيڪ آهن شعر چوڻ وارا. سڻن لفظن ۾ زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪن ٿا. شاهہ صاحب بہ ائين ڪيو.

ڪبير مشرقي شاعريءَ ۾ سچ جو ساڪي ۽ انسان جي مقام کان خلق کي واقف ڪرڻ وارو مها ڪوي آهي. هند سنڌ ۾ ڪبير جو اثر واضح آهي. هُو اهڙين ڳالهين ڏانهن اشارا ڪري ٿو جن ڏانهن هونئن هر ڪنهن جو خيال نه به هوندو آهي. اَن جي داڻي جي حقيقت ڇا آهي. اُهو چڪيءَ ۾ پيسجي ٿو ته اُن ڏانهن فڪري انداز ۾ ڪير ٿو ڏسي؟ ڪير ٿو تجسس سان سوچي ته اَن جي داڻي کي چڪي پيهي چورو (اَٽو) ڪري ڇڏيندي. ڪبير کهڙو ٿو سبق حاصل ڪريا هيئن ٿو چوي:

چلتي چڪي ديک ڪي، ديا ڪبيرا روءِ،
دو پاٽن ڪي بيچ ۾، ثابت رهيا نه ڪوءِ.

ڪنيار کي مٽي ڳوهيندي ٿو ڏسي ته مٽيءَ جي زبان ۾ گفتگو ڪندي ڪنيار کي حقيقت کان واقف ڪري ٿو ته اج تون ٿو مونکي ڳوهين ۽ سڀاڻي آءٌ توکي قبر ۾ سوڙهو ڪنديس:

ماٽي ڪهي ڪنمار ڪو، ٿُو روندي توهي،
اِڪ دن ايسا آئيگا، مين رونڊونگي توهي.

هي حقيقتون آهن ڪي اَڻ ٽيٽيون نه آهن، پر شاعرُ انهن ذرڙن مان وڏا سبق اخذ ڪري خلق جو ڌيان ڇڪائي ٿو. هم آواز لفظن مان به وڏا سبق حاصل ڪري ٿو. ڇي:

ساجن هم تم ايڪ هين، ديکن ڪي هين دو،
من سي من ڪو تولئي، ڪبهي نه دومن هو.

سڪ، سوز، برهه دو من هوءِ وڇوڙي جا رنگ، غم ۽ خوشيءَ جا روپ جيڪي لطيف، سچل، بيدل ۽ بيڪس وٽ ڏنائين اُهي ڪبير وٽ به نمايان آهن. برهه لاءِ چوي ٿو:

برهه برهه مت ڪو ڪهي، برهه هي سلطان،
جس گهٽ برهه پنجي، او گهٽ هي مستان.

چوي ٿو دل به هڪڙي اٿم هڪ ئي ساجن جو طالب آهيان:

ساجن ميرا ايڪ هي، دوجا ڪرون نه ڪوءِ،
دوجا ساجن تب ڪرون، جب ڪل دو جي هوءِ.

ڪبير جا رنگ انيڪ آهن. ڪهڙا پسي ڪهڙا پسجن! انبلٺ ريڪا جا رنگ ڪير ڇهي، ڪير پسي. پرينءَ جي رنگ ۾ سڀ ڪجهه رنگيو پيو آهي. چوي ٿو:

پيتم پريت لگائڪي ديسان دور نه جا،
رهه هماري نگري، مين مان گو تو ڪا،

سپنا! تم جو ناهي جوتنا سارا انيڪ،
جب سرون تو دوجين، جب جاگون تو ايڪ.

سپنا! تم سلطان هي، اُتم تيري ذات،
سؤڪوهين ساجن وسي، تو آڻ ملائي رات.

ساڌوءَ جي سنگت بابت به ڪبير صاف لفظن ۾ گفتگو ڪري ٿو ۽ نيٺ هيئن ٿو چوي ته ساڌو ويا ته نڳ رهيا، اُهي به غنيمت آهن. جي اُهي ويا ته پوءِ ڪُوڙن کي ڪير پڇندو جيڪي سچ کي لڪائين:

ساڌو چليا نڳ رهيا، نڳ پي چلڻهار،
آئي اُسي کي وار، جو سانچي ڪو جوتنا ڪهين.

هنديءَ ۾ ڪبير، دادو، تلسي ۽ ٻيا ڪيترا ڪوي/شاعر آهن جن ميدان ماريو آهي ۽ سنڌ وارن تي به اثر ڇڏيو اٿن. عورتن ۾ به ڪي نالا آهن جي هنديءَ جون ڪويتريون/ شاعرائون ٿيون. ميران ته واهڙ وهائي ڇڏيا. ڪنهن ڇيج جو نظارو ڏسي گهوٽ ڏسي وجد ۾ اچي ويئي. جڏهن سندس شادي راج گهراڻي ۾ ٿي ته گهوٽ ڏسي چيائين: بس هي! ههڙو گهوٽ!! هُن جون اکيون ته الک سامهون هيون. هن ته ڪنهن انترياميءَ جي آس پي رکي. راج محل کان دل جي سهاري

جوڳڻ بنجي مندر ۾ وڃي پهتي. آلاپڻ لڳي تہ:

اي ري مين تو پريم ديواني ميرا درد نہ جاني ڪوءِ،
سُولي اوپر سيج هماري، ڪسي جو سونا هوءِ.

چوڻ لڳي تہ ڀڳوان کان گهٽ ٻيو ڪجهہ قبول ڪونهي. ميران جي اندر ۾ ڇا هو _ درد ڪهڙو هو ڪنهن نہ ڄاتو هو_ مٿان وري جو لتا ڳايو تہ ماڻهن جا طاق لڳي ويا. ڪنهن چيو تہ: ڇا ميران، لتا کان بہ سٺو ڳايو هوندو؟ جواب ڇا ڏجي! عشق وارن جون رمزون ڪو اسان جي سمجھ ۾ اچي سگهن ٿيون! وري ٻي ڪويتري سهجو ٻائي تہ هٿن مان پئي وڃي. ڪٿي هندو زال جي پريم کي اهميت نہ ڏيون پر اکين سان هي رنگ ڏسي ڏوڙ ۾ ڪيئن ٿبي هٽون! جڏهن ٻيا تہ ٻيا پر اسان جو ميون مولوي عبد الرحيم گرهوڙي بہ مجبور ٿي پيو ۽ دل کي چيائين تہ: هينئڙا هندو زال کان، هاريا هيٺ ۾ ٿي!! اُهو مولوي جو نيٺ مهاديو جي مڙهيءَ خلاف وڙهيو ۽ شهيد ٿيو، هاڻي اچو سَهجُو ٻائيءَ ڏانهن جنهن ٻن دوهن ۾ ڳالهہ سمجهائي ڇڏي :

ٻانهن ڇُڙائي جات هو، نہ بل جان ڪي موهي،
هردي ۾ سي جائوگي، تو مرد بندون گي توهي.

محبت جو هي معيار تہ ڄڻ ڪجهہ نہ هو. ماءُ کي زال چئلينج ٿي ڪري :

نينهن سگا سوئي سگا، هد سگا نہ ڪوءِ،
مان بيٺي تِريا جَري، اچرج جڳ ڪو هوءِ.

فارسيءَ واري بہ هن صورت حال کي تسليم ڪيو ۽ برملا چيو :

دا محبت چون زن هندي، هر ڪسي مردانہ نيست،
سوختن بر شمع مرده، ڪار هر پروانہ نيست.

اردو ۽ فارسيءَ جي شاعرن بہ پنهنجو مدبرانہ ڪردار نباهيو

آهي. فارسيءَ جو اثر سنڌي شاعريءَ تي ٿيو ۽ ڪن فارسي شعرن جو اولڙو سنڌي شعر تي آهي. مثلاً هي شعر:

درميان قعر دريا تخته بندم ڪرده اي،
بازمي گوئي ڪ دامن تہ مڪن هوشيار باش.

شاهه عبداللطيف جو هي بيت، مٿئين بيت جو اولڙو آهي:

مون کي مون پرين، پڌي وڌو پار ۾،
اُيا ايئن چون، مڇڻ پانڌ پسائين.

حافظ فارسي زبان جو اُهو نشانبر شاعر آهي جنهن کي سنڌي شاعريءَ ۾ اهميت بہ آهي ۽ ديوان حافظ کي فال ڪڍڻ جي حوالي سان بہ ڄاتو وڃي ٿو. خود امانت جو بار پاڻ تي هموار ڪرڻ لاءِ فال جو لفظ بہ ڪم آڻي ٿو:

آسمان بار امانت نتوانست ڪشيد،
قرعہ فال بنام من ديوانہ زدند.

حافظ، سعدي، عمر خيام، فردوسي ۽ ڪن ٻين فارسي شاعرن جي ڪلام جو سنڌ ۾ غلغلو رهيو ۽ ترجما بہ ٿيا. سعديءَ جي گلستان ۽ بوستان جا ترجما غلام محمد شاهواڻي ڪيا ۽ روميءَ جي مثنويءَ جو ترجمو اُستاد مولانا دين محمد اديب ڪيو. سعديءَ واري سادگي ۽ سليس بيان شاهه صاحب وٽ بہ آهي. حافظ لاءِ مشهور آهي تہ ڪنهن مغنيہ ۽ رقاصہ وٽان لنگهندي منهن ٻئي طرف ڦيريائين تہ اُن چيو تہ مون کي نيڪ ناميءَ ڏي وڃڻ ئي نہ ڏنائون تڏهن هن حال کي پهتيس. حافظ جي هن شعر جو شان نزولِ اِها واردات آهي ـ چوي ٿو:

دار ڪوءِ نيڪ نامي مارا گذر نہ دادند
گر تو نمي پسندي تغيير ڪن قضا را.

هي روحاني رمزون ۽ صوفيانہ رنگ مشرق جي شاعريءَ ۾ رهيا آهن.

خواجہ مير درد چيو:

جگ ۾ آکر اِدر اُدر ديکا،
تو هي آيا نظر جدر ديکا.

غالب ۾ گهڻي ڪشش آهي. هُو هڪ منفرد شاعر آهي. کيسو خالي رهندو هوس، خرچ وڏا هئا. غم دوران ۾ سرگردان ۽ پريشان هو تہ دنيا جي رنگينين ۽ غم جانان ۾ بہ گم هو_ چي:

بازيچئہ اطفال هي دنيا ميري آگي،
هوتا هي شب و روز تماشا ميري آگي.

سب ڪهان ڪچهہ لالہ و گل ۾ نمايان هوگئين،
خاڪ ۾ ڪيا مورتين هونگين ڪہ پنهان هوگئين.

جن شاعرن جو ذڪر ڪيوسين اُنهن مان ڪي شاهہ صاحب کان اڳ جا آهن تہ ڪي پوءِ جا آهن. شاهہ حسين ۽ بلهي شاهہ جي ڪاپائتي ۽ شاهہ صاحب جي ڪاپائتي ڏيان ڇڪائي ٿي_ بابا بلهي شاهہ ڪاپائتيءَ کي نصيحت ڪئي تہ ”ڪر ڪتڻ دل ڏيان ڪڙي“ تہ شاهہ صاحب چيو:”ڪتڻ جا ڪانہ ڪرئين ستي ساهيين هڏ“. درد جي باري ۾ شاهہ حسين چيو: ”مائي ني مين ڪنون آکان، درد وڇوڙي دا حال“ خواجہ فريد چيو:

ڪيا حال سڻاوان دل دا،
ڪوئي محرم راز نہ ملدا.

۽ مخدوم طالب المولیٰ تازو تازو چيو:

ڪنهن سان ڳالهہ ڪريان،
ڪنهن کي دانهن ڏيان،
هِن دردن جي هِن سورن جي.

شاهہ صاحب شاعرن جي هن قطار ۾ نمايان بيٺو آهي. درد جو

بيان ته ڪو ڪائنس سگهي. درد جي شدت جو بيان هيئن ڪري ٿو :

حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مِرُن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوڀڙ اُڀري ڪينڪي.

ايئن نه آهي ته درد وغم جو بيان ڪندي هر شاعر مايوسيءَ جي درياءَ ۾ غرق ٿي ويجي ٿو. ڪو ڪو اهڙو هوندو نه ته بيشتر حد ۾ رهن ٿا. هر موضوع بابت جيڪي به چون ٿا تنهن ۾ توازن آهي. تدبر سان خوشيءَ ۽ غم جو بيان ڪن ٿا. خوشيءَ جي موقعي ڪي امير خسرو رنگ جو نالو ڏي ٿو_ آج رنگ هي _ اُن رنگ جو ذڪر سچل سرمست وٽ به آهي :

معشوقان ميندي لائي وي،
محبوبان ميندي لائي وي،
گم عاشقان دي رنگ هين.

عرض آهي ته شاه صاحب دنيا جي هن رنگ محل ۾، شاعرن جي هن محفل ۾ هڪ رهبر شاعر آهي. پنهنجي رهبرانه ۽ مدبرانه انداز ۾ هو اهڙو اظهار به ڪري ٿو:

جي تو بيت ڀانئيا، اُهي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

اهڙو اظهار سندس باري ۾ مئين عبد الرحيم گرهوڙيءَ هيئن ڪيو :

آهي عبد اللطيف تي، رضا مندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

شيخ اياز ته شاه صاحب کي ٻي نذر عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ اِهو به چيو :

ڪٽان ڪنيم ڪيچ مان، ڪليا تنھنجا ڪيت،
مون وٽ آھن بيت، تو وٽ آھن آيتون.

ڪنھن ڪنھن شاھ صاحب جي ذات ۽ رسالي کي نہ ساراھيو آھي! ذات ۽ دفتر پريا پيا آھن. ھن راقم ھن کان اڳ شاھ صاحب بابت ڇھہ ڪتاب ۽ پنجاھ مقالا لکڻ سان گڏ ڪي بيت بہ چيا آھن. ھڪڙو ھي آھي :

شاعر پنھنجي شاھ تان، گھٽو ئي گھوريان،
گفتا ھن گٽوان جا، چِت اندر چوريان،
تڪيان ۽ توريان، لک سان لفظ لطيف جو.

ڪيئن ڪيئن شاھ صاحب رھبري ڪري ٿو، اُن جو ٿورو جائزو وٺون. انسان ذات کي ئي ڪائنات جو ادراڪ آھي. انسان جڏھن قديم زماني ۾ اڻ سڌريل حالت ۾ ھو ۽ تھذيب تائين نہ پھتو ھو تہ بہ ڪيس ڪو عقيدو ھو. وڻن، پٿرن، باھ ۽ ٻين شين کي پُوڄيندو ھو. جڏھن تھذيب ۽ تمدن ڪيس مذھب تائين پھچايو تہ ھي اعتقاد انسان جي زندگيءَ ۾ ھڪ سنگ ميل ثابت ٿيو. تھذيبون قائم ٿيون، ميٽجي ويون ۽ وري ٻيون آيون. مختلف عقيدن کان وٺي منگولن ۽ ڏاڍن مڙسن دنيا جي صورت بدلائي ڇڏي. تائو جين، ٻڌ، عيسيٰ ۽ موسيٰ جا پوئلڳ ھن سلسلي جا عقيدا، دين ۽ ڌرم آھن. ھند سنڌ ۾ آخري عقيدا ھندو ۽ مسلم قومن جا آھن. شاھ صاحب سُر رامڪليءَ ۾ ھندو فلسفي جي پوش ۾ جوڳين جي حوالي سان ڳالھ ڪئي آھي. ھونئن رسالي ۾ مقامي موضوعن، سورمن ۽ سورمين جو تذڪرو پڻ ڪيو آھي. پھرين ئي سُر ڪلياڻ ۾ عقيدي جي ڳالھ کي اوليت ڏي ٿو _ خدا جي وحدانيت جي ڳالھ ڪندي رسالت کي دل سان مڃڻ لاءِ چوي ٿو :

وحدہٗ لا شريڪ لہٗ، جان ٿو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نر تئون منجھان نينھن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي.

مسلمان لاءِ اسلامي عقيدو بنيادي حيثيت رکي ٿو: قرآن ۽ حديث جي تعليمات موجب زندگي گذاري، عمل ڪري ۽ ٻين سان همدرديءَ وارا لاڳاپا رکي. ٻين لفظن ۾ زندگي حقوق الله ۽ حقوق العباد موجب گذاري. انهيءَ جي سمجهاڻي ديني عالم به ڏين ٿا. شاعر پنهنجي لفظن ۽ پنهنجي انداز ۾ اُها ڳالهه سمجهائين ٿا. عالم سڳورا خطبن ۾ سامهون ويٺل نمازين کي ويٺا سمجهاڻيون ڏين پر سنڌ جي ڪن ڏورانهن علائقن ۾ اهو ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڪٿي ماڻهن ۾ الله ۽ رسول جي شناخت ۽ ڄاڻ به نه آهي. رڳو سندن چوپايو مال ئي سندن حياتيءَ جو اثاثو آهي. هڪڙو نذير آهي ته اهڙي ڪنهن همراهه به ڏينهن نماز پڙهي ته سندس ٻڪري مري وئي. جڏهن ڪا ٻڪري جهلڻ نٿي ڏنو ته ان کي هڪل ڪري چيائين: پٽاري ٻن رڪعتن جو خرچ آهين. ڪنهن ٻئي کي صلاح ڏني ته هل ڳئي تي ڄِت ٻانگ جي وتاڳ ئي ڪونهي (يعني ٻانگ ٻڌجي ئي ڪونه ٿي).

گذارش آهي ته جن کي دين جو ڪو شعور ئي ڪونهي انهن ڏانهن تبليغ جو رخ ڪجي. شاعر جو پيغام وسيع آهي. هُو هڪ هڪ رويي جي سمجهاڻي ڏي ٿو. اڳرائي، ڪاوڙ ۽ بغض کي هيٺئن نندي ٿو:

هُو چوَنئي تون مَر چئو، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پانڌ ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

اِهو ناصحانو رنگ شاهه صاحب وٽ مخصوص انداز ۾ آهي. هُو سورمين کي دلنشين انداز ۾ عمل جي تلقين ڪري ٿو. سهڻيءَ کي چوي ٿو:

ساري سک سبق، شريعت سندوسهڻي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.

رسالي جي ڪردارن ڪي مخاطب ٿي سنئين راهہ ونڻ جي هدايت شاهہ صاحب سراسر ڪندو اچي. ليلا پنهنجي سوچ ۽ عمل ۾ ڇاتو ٿي تہ هُوءَ مٿانهين درجي تي هئي، اُن جو اظهار هيئن ٿي ڪيائين:

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سر تئين،
هٿ ڇُهڻ هارجي، ڳڙي ڪانڌ ٿياس،
ڏولي ڏيليياس، آيم ڏنئون ڏهاڳ جو.

اِهو بہ احساس هوس تہ :

ڏاهي هيس ڏيهہ ۾، سرتين منجهہ سڄاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، جو منهن مٿاهون نہ ڪٽان.

اِهوئي تہ شاهہ صاحب چيو ٿي:

سارج سيئي، ليلا لڪڻ پانهنجا،
ورسين وڙهيو اُٿئين، ڏوراپا ڏيئي،
نہ ڄاڻان ڪيهي، چنيسر جي چِت ۾.

هوشيار بہ هئي، ڪانڌ جي ڪل بہ هيس، هندورن ۾ هئي، معاملن جي ڪا پروڙ هيس ڪ نہ! ڪانڌ تہ اڳ ئي وسوسن ۾ هو. مٽيو/هار اچي بهانو بنيو! پٽ راڻيءَ لاءِ هڪڙو هار کهڙي وڏي وٿ ڇئجي! بس! پنهنجا لڇڻ آڏو آيا. گهٽي ڏاهپ تخت بخت اونڌو ڪري ڏنو. ليلا کي هدايت ٿو ڪري تہ پنهنجي ودئي جو نہ ويج نہ طبيب! هاٿي جيئري زيارت جو ڪو امڪان ڪونهي. ڪٺي اکين جي پنبٽن سان مالڪ جي پيرن جي کِهہ چنڊئين تہ بہ پيو ٿيو خير!

سورميون شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ مرڪزي حيثيت رکن ٿيون. مارئي، سهڻي، سسئي، نوري، مومل ۽ سورٺ بابت بہ وٽس اهڙو ئي مناسب ۽ مثبت پيغام آهي جهڙو ليلا کي ڏنائين. مڙني جا ڪردار مختلف آهن. ڪا نهٽي آهي (نوري) ڪا نماڻي (مارئي)، ڪا پُر عزم ۽ وفا جي پتلي آهي (سسئي). ڪا ڪانڌ جي زندگيءَ خاطر راڄ

ڀاڳ، مال منال، گهوڙا هاٿي ڏيڻ لاءِ تيار آهي (سورٺ). تہ ڪا وقتي آٿت خاطر ٻُل ٿي ڪري (مومل). ۽ ڪا پيار خاطر پاڻ کي درياءَ ۾ ٿي اُڇلي (سهڻي). محقق ۽ رسالي جا پارکو هنن سورمين کي ٻاهريون پردو ٿا سڏين جن وسيلي شاھ صاحب انسان کي سبق ٿو ڏي. هڪڙو سبق هي بہ آهي تہ پير تي پختو رهڻ ۽ من کي قابو ڪرڻ، عزم ۽ پختي ارادي ۾ سسئي ۽ مارئي ٿيڻ کپي. نهنائيءَ ۾ نوري ۽ سورٺ ٿيڻ، پيار ۾ سهڻي ٿيڻ پر هٺ ۽ پنهنجين خواهشن ۾ ڪڏهن بہ ليلا ۽ مومل نہ ٿيڻ جي شاھ صاحب تلقين ڪري ٿو. رسالي ۾ ٻيا بہ ڪردار آهن: پنهون، راڻو، ڏياچ، چنيسر، ميهار، عمر ۽ تماچي. انهن جو بہ هڪڙو ڪردار آهي پر سُر گهاتو وارو جُنگ جوان مورڙو منڌڙو واڳونءَ سان جنگ لاءِ تيار ٿيو ۽ ڪامياب ٿيو. اجا ٻيا بہ آهن جن کي شاھ صاحب نمايان ڪري ٿو اُهي آهن امام حسين، جادم جکرو، سپڙ سخي ۽ لاکو ڦلاڻي وغيره اجا کي ٻيا بہ آهن جيڪي ڪٿي ڇِٽا تہ ڪٿي ڏنڏلا نظر اچن ٿا. اُهي آهن: وڻجارا ۽ سندن وهون، بروو ڏم، ڪانگ ۽ ٻيا پکي، جوڳي، ٻيجل، ڪاهوڙي، مارو، کيت، وڳند ۽ ڪاپائتي وغيره. شاھ عبد اللطيف انهن سيني کي ماهرانہ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. ڪٿي بہ سندس ڪلام ۾ جهول نظر نٿو اچي. ڪاهوڙين ۽ جاکوڙين کي نہ رڳو سُر ڪاهوڙيءَ ۾ داد ڏي ٿو بلڪ سارنگ ۽ مارئيءَ ۾ بہ انهن جي جيوت جو ذڪر ڪري ٿو. سنڌ اصل ۾ زرعي معيشت ۽ مالوند ماڻهن، هارين، ماروئن، سنگهارن ۽ محنت ڪشن جو ملڪ آهي. انهن جي زندگيءَ جو بيان طرح طرح پهلوئن کان ڪري ٿو. ڪاهوڙي محنت ڪش تہ لوڏ مان پڌرا آهن:

مون ڪاهوڙي لڪيا، آين نہ آرام،
ڪيائون تن تمام، جہ ڏوٽي ڏٺ گڏ ٿيا.

—

هُو ڏوٽي هُو ڏينهن، هُو ڏونگر هوءِ لڪيون،

ڪنهن جنهن لڏا نينهن، پٽان لهسن لڪ ۾.

مارئيءَ جو ملير ۽ اُن جا غريب مارو ماڻهو شاهه صاحب لاءِ هڪ ضروري ۽ موزون موضوع آهي، جنهن ۾ هُو اُنهن جي سادي ۽ فطري جيوت جو تذڪرو ڪرڻ سان گڏ عمر بادشاهه جي ڏاڍ جو بيان ڪري ٿو. مارو ماڻهن جون ضرورتون محدود، سادي زندگي، اجهو ۽ خوراڪ بہ سادي، لٽو بہ پورو پُنو ليڙون ليڙ ڪيترن پهلوئن جو ذڪر مارئيءَ ۾ موجود آهي:

ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ،
عمرا! ڪريو آڪ، پهريو ٿي پن چران.

—

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
آباڻن جي آسري، ڪتي ڪانہ ڪيام،
جا ڏيٿ ڏڪيام، تنهن جو پرور پت رهائين.

—

پٽولا پنهواريون، مور نہ مٽي ڪن،
جہ لاڪ رتائون لوئيون، تہ سالنئا سونهن،
اُن ايلا چنئون اگري، بخمل بافتن،
سکر پانئيان سومرا، ڪٽي ڪان ڪنهبن،
جا ڏنمر ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لج مران.

جي بادشاهه پانهين ذريعي خوراڪ، لباس، آسائش ۽ محلاتن جون آڇون ڏي ٿو تہ بہ انڪار ڪري ٿي ۽ جڏهن خفا ٿي چويس ٿو تہ آخر چو ضد تان نٿي لهين! تنهنجن مفلس مائٽن وٽ آهي ڇا جو منهنجن محلن، شاهي لباس ۽ شاهي دسترخوان جو مقابلو ڪري سگهن. بادشاهه کي هيئن حتمي جواب ٿي ڏي:

ايءُ نہ مارُن ريت، جُہ سيڻ مٽائن سون تي،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
ڀڪن جي ڀريت، ماڙين سين نہ مٽيان.

بادشاھ شڪست کائي ڀوئتي ھٽي ويو. نيٺ مارئي وطن موٽي ۽ پنھوارن سان اچي ملي.

پنھوارن ڀاڀوھيو وريا واھوندا.

اھڙا غريب مارو ماڻھو سُر سارنگ کي سينگاري ويٺا آھن. وسي تہ ٿر نہ تہ بر ـــ ھر وقت آسمان ۾ اکيون. وٺو تہ اُن جو ذڪر خوشيءَ سان ٿيو:

بـــر وٺـــا ٿـــر وٺـــا، وٺـــيـــون تـــرايـــون،
ڀـــرھ جـــو ڀـــٽـــن تـــي، ڪـــن ولـــوڙا وايـــون،
مـڪـڙ ڀـريـن ھـٽـڙا، سـنـگـھـاريـون سـايـون،
سـاري ڏُھـن سـامـھـيـون، ٻـولايـون، رايـون،
ٻانھيون ۽ ٻـايـون، ڀـکـي سـونـھـن ڀـانـھـجـي.

—

اڄ رسيلا رنـگ، بـادل ڪـڍيـا بـر جـن سيـن،
ساز سارنـگـيـون سـرنـدا، وڄـائـي بـر چـنـگ،
صراحيون سارنـگ، ڀـلـٽـيـون رات ڀـڏام تـي.

رسالي جا ٻيا ڪردار بہ دلچسپ آھن ۽ انھن جو مجموعي ڪردار آھي ۽ انھن ۾ ڪي منفرد حيثيت ۾ بہ آھن. ڪي خوش طبعن وارا بہ آھن. اھڙو ھڪ ڪردار وڳند جو آھي. اِھو سُر بلاول جي چوٿين داستان ۾ آھي. اُن سان گڏ ابڙي، جادم ۽ ٻين جو ذڪر آھي. وڳند فقير ھڪ منفرد ۽ مزاحيہ ڪردار آھي. ھن جي پردي ۾ شاھ صاحب ھڪ اھڙي حقيقت تي روشني وڌي آھي جا فقط پنھنجين خواھشن جي اثر ھيٺ آھي. وڳند جو بيان انھيءَ انداز ۾ آھي تہ ھُو

بدبوءِ جو نشان آهي ۽ خوشبوءِ جو طالب آهي. بظاهر هي ڪردار غير سنجيده نوعيت جو آهي، پر رهبر شاعر هن ۾ خوشطبعيءَ جي پوش ۾ سبق ڳجهو رکيو آهي:

اَسور سندي آسري، وينو آهي وڳند،
هڏ نہ ڇڏيندو هنڌ، آيس بوءِ بهار جي،

—

وڳند وري آيو بدو سين بدبوءِ،
خاوند ڏي خوشبوءِ، تہ سرهو ٿيان سيگهہ ۾.

رسالي جا پيا ڪردار ۽ ٽاٽا بہ جِيون جي سفر سان ٺهڪندڙ آهن. اُن سان گڏوگڏ رسالي جو انداز بيان بہ شاهہ صاحب جي عظمت ۽ تدبر جو مثال آهي. سندس بيت ۽ وايون فقط لفظن جو ميڙ نہ آهن، بلڪ هڪ پُر معنيٰ اظهار آهن. جي ڪنهن ڪي ساراهي ٿو تہ رڳو سندس وصفن ۽ ڪارنامن جي حوالي سان، هُو وقت جي موجود حاڪم جو قصيدو نٿو پڙهي پر گذري ويل حاڪمن ۽ سخين جي واکاڻ ڪري ٿو. مثلاً سُر پرڀاتيءَ ۾ سپڙ سخيءَ کي ساراهي ٿو:

تون سپڙ آءُ سيڪڙو، تون ڏاتار آءُ ڏوهہ،
تون پارس آءُ لوهہ، سچين تہ سون ٿيان.

—

ڏاتار ڏک ڪيا، پاٽان متي مڱڻي،
مون در ڇڏيو مڱڻا، مڱين ڪوهہ پيا،
تڏهن تو پيا، وچان ولها ڏينهڙا.

ابڙي سمي کي ساراهيندي چوي ٿو:

ابڙو وڏ وڙو سوڙو، جهلي سؤ سامن،
سرٽين جا سوٽا سهي، سمون سونهن سين،
تنهن وٽ سپ اچن، ڪنڌ نہ ڪڍي ڪچ ڏٽي.

ائين ڏياچ، پنهون ۽ پيا ڪردار بہ شاھ صاحب تمام اهم ڪري ڄاتا ۽ انهن جو تذڪرو سورٺ ۽ سسئيءَ جي سُرن ۾ آهي ۽ ٻين ٽاڻن ۽ اهڃاڻن وسيلي شاھ صاحب مدبرانہ انداز ۾ گفتگو ڪري ٿو. اِن طرح هر سُر جو هڪ وايو منڊل بہ آهي. جيئن سارنگ ۾ آسمان مان مينهن وسڻ جي ڳالھہ آهي ۽ ڪن سُرن ۾ زمين تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو بہ بيان آهي، اُهو هيٺين ريت آهي:

ڍنڍ، درياءَ، سمنڊ: (ڪاموڏ، سهڻي، سري راڳ، گهاتو ۽ سامونڊي)

بحيثيت ڪردار جي نوريءَ جي نهٺائيءَ، نوڙت، عجز ۽ انڪساريءَ جو حوالو ڏيئي آيا سين، پر پاڻيءَ وارو پهلو بہ آهي ۽ وايو منڊل ۾ ڍنڍ موجود آهي. هيءَ ڪينجهر ڍنڍ صدين کان موجود آهي. هن ڍنڍ جو حوالو "نوري ۽ ڄام تماچيءَ" جي داستان سُر ڪاموڏ ۾ خاص حيثيت رکي ٿو. هِت سرِ دست ڪينجهر ڍنڍ پاڻيءَ جو وايو منڊل طور هڪ نظارو پيش ڪري ٿي ۽ داستان سان ربط ۽ هم آهنگي رکي ٿي. ڪينجهر ڍنڍ جي پس منظر ۾ شاھ صاحب طرح طرح جي حوالن سان ڳالھہ ڪري ٿو:

ٿيا تماچي ڄام سين، مهاڻا محروم (محرم)،
ننڍي وڏي گندري، مٿي ماڙيءَ ڏوم،
جي ڪينجهر جي روم، سڀ انعامي ٿيا.

عام روايت آهي تہ نوري هڪ ڪوجهي ڇوڪري هئي، درويش جي دعا سان هڪ نهايت ئي خوبصورت ڇوڪري بڻجي پئي. جڏهن ڄام تماچيءَ ڪينجهر ۾ چنڊ جهڙو شعاع ڏٺو تہ درٻارين کيس ٻڌايو تہ سائين! اِهو چنڊ ناهي پر ميربحرن جي ڇوڪري نوري آهي جا رات ۾ ڪينجهر کي ڏينهن ڪري ويئي آهي!

ڄام هي نظارو ڏسي پڪو ارادو ڪري ويئو تہ ڪينجهر جي هن چنڊ کي هلي ڏسجي. جڏهن ڏٺائين تہ زبان مان خدا جي واکاڻ وارا لفظ نڪري ويس:

تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين پيو جهڙي سونهن سندياس،
مَڏ مياڻيون مَڪڙا، مڙئي معاف ٿياس،
مور ڇل مٿاس، هٽي ڄام هٿن سين.

اهڙي نهنئي جو ڄام جي پٽ راڻي ٿي تہ بہ اوهڙي جي اوهڙي. وري ڄام بہ صدقي پيو وڃي ۽ مورڇل بيٺو هٽي. ٻين راڻين کي نظر انداز ڪري ڇڏيائين:

ڪوءِ سميون ٻن سومريون، جي اڇن اوڇي ڳاٽ،
ورسي ڪينجهر ڄائيون، جن تماچيءَ جي تات،
راڻين ملا رات، ماڻڪ مي پرائيو.

ڪينجهر ڍنڍ جا نظارا ٻيا بہ ڪي آهن، پر هي بيت انهن جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ سونهن جا رنگ پسائين ٿا :

هيٺ جر مٿي ميجر، پاسي ۾ وڻراهہ،
اڇي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اُترواءَ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

—

هيٺ جر مٿي ميجر، ڪنڌي ڪُونر ترن،
ورئي واهوندن، ڪينجهر ڪٿوري ٿئي.

مائوزي تُنگ جي مقولن ۾ آهي تہ: "جيتري نهنائي اوتري ترقي". دين ڌرم ۽ سماجي ڊوڙ ڊڪ ۾ بہ نهنائيءَ جي اهميت آهي. نوريءَ کي تہ نهنائيءَ جي سُتي پيل هئي جو ڄام تماچيءَ جي پٽ راڻي بڻي. الله صمد سو ڪري جو چاهي، ڪينجهر کي منڇر تي سبقت اُن ڪري ملي جو شاهہ صاحب ڪينجهر کي ئي ڳايو.

ڍنڍ ڪناري ڪان هتي هاٽي هلون درياءَ ڪناري....سنڌوءَ ڪناري، جِت ميهار ساهڙ (ساهڙ ذات جا بہ آهن) دونهين دکايو ويٺو هو. شايد ميران جو هي دوهو هِن دونهينءَ تي صادق اچي ٿو:

نـدي ڪـنـاري دونــهــان اُٿــت هــي،
جــا مــيــن جــانــون ڪــڇ هــوءِ،
ڪارن جوڳن يئي، وِهيا نـ حلتا هوءِ.

ميهار نـ تـ رانجهو يا اجا ڪو بيو دونهين دکائي وينو هو. شاهه صاحب سهڻي ميهار جي داستان جا مختلف تاڻا ۽ درياءَ جي دهشت جو بيان موثر انداز ۾ ڪيو آهي. درياءَ جي دهشت جو هن ڪان وڌيڪ ڪهڙو نظارو هوندو:

دهشت دم درياءَ ۾، جت ڪنن جا ڪڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل دڙڪا،
ساهڙ تون سُڻ ڪا، فريادي فقير جي.

هِت درياءَ جي دهشت ڪي سمنڊ سان ڀيٽيو ويو آهي. انهيءَ بيان کي وڌيڪ چٽو ڪندي شاهه صاحب فرمائي ٿو:

دهشت دم درياءَ ۾، جِت لڙ لهريون لس ليٿ،
آٽــيــو اويــارن ۾، پــانــدي پــوڙي پــيــٿ،
جِت چڪڻ جي چپيٽ، اُت ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

اهڙي صورتحال ۾ درياءَ جي چاڙهه دوران سهڻي ساهڙ سان ملڻ لاءِ درياءَ ۾ گهڙي ٿي. شاهه صاحب اُن خطري واري منظر ڪشي ڪري ٿو:

ڪاري رات ڪڇو گهڙو اوڙتيهين اونڌاهي،
چــنــڊ نــالــو نــاهه ڪــو درياءَ دڙ لائــي،
ســاهــڙ ڪــارڻ ســهــڻــي، آڏيءَ ٿــي آئــي،
اِي ڪم الاهي، نات ڪنن ۾ ڪير گهڙي.

سهڻيءَ کي درياءَ ۾ ڪو بـ خوف خطرو ڪونهي، ڪو بـ گهير، ڪپر يا اُپڪري هن لاءِ برابر آهي، جتان گهڙي اهو گهيڙ آهي:

جتان گهڙي تتان گهيڙ، ڪپر پچن ڪوڙيون،
ڏم سين ڄُسو ظاهراً، من ميهار سين ميڙ،
سا ندي پانئي نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.

هونئن تہ شاهہ صاحب همت ڏيارڻ لاءِ ايئن بہ چوي ٿو تہ گهڙيا
سي چڙهيا، پر ڪڏهن صورتحال جي مد نظر اِن جي اُبتڙ روڪي بہ
ٿو:

متان گهڙين سهڻي! آٿئي درياءَ ۾ دم،
ڪاري رات ڪُنن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪم؟
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي واريون.

متان وري اِها هدايت تہ:

مرج وٺ ميهار، متان موٽين سهڻي!
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيڪارين.

نيٺ پيلو پُري پيو ۽ سهڻي لڙهي ويئي. ساهڙ دير مان شڪ ۾ پئجي
ويو. هن ملاحن کي سڏ ڪيا ۽ پاڻ بہ درياءَ ۾ گهڙڻ لاءِ تيار ٿيو. اِنهن
منظرن جي نشاندهي شاهہ صاحب هيئن ڪري ٿو:

اُيو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آءُ پڻ وڃهان هٿڙا، آئين پڻ وڃهو چار،
گهوريون ڪارونيار، مان ملنئون سپرين.

سهڻي تہ لڙهي ويئي. ميهار ڪنڌيءَ تي بيهي آهون دانهون ڪيون:

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن عاشق اُيو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياءَ تو تي ڌانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

سهڻي تہ وڃي توڙ پهتي، اُن نظاري کي شاهہ صاحب هيئن ٿو
بيان ڪري:

ڪانڌي ڪنگ ٿياس، وَهڻ جنازو سهڻي،
ٻگها جي پيئن جا، ڪلها تن ڏناس.
اڪئين ملڪ ڏناس، تہ بہ من ڪاڍو ميهار ڏي.

سڀ وسيلا ويا ۽ سهڻي ميهار وقتي طور جدا ٿي ويا. اُنهن جي عشق جي روئداد هر ڪنهن کي جدا جدا نظر آئي. ڪن هن داستان کي ئي قبول نہ ڪيو جنهن ۾ هڪ عورت گهر کي ڇڏي درياءَ اُڪري عاشق سان ملڻ وڃي. هر پڙهندڙ جي راءِ جدا رهي.

رسالي جي سهيڙيندڙن ۽ شارحن پنهنجون تاويلون بہ جدا جدا پيش ڪيون. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي راءِ سڀني کان مختلف ۽ منفرد آهي. هونئن "شاهہ جي رسالي" ۾ عام طور پنجون نمبر سُر سهڻي آهي، پر علامہ صاحب جي ويچار ۾ هِن سُر ۾ انسان جي منطقي پڄاڙي سُر سهڻيءَ ۾ نمايان آهي. روحاني ترقيءَ ۾ بہ هي سُر انتها جي مقام تي آهي. اُن ڪري پنهنجي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي ۾ سُر سهڻي بلڪل آخر ۾ رکيائين ۽ اُن جي آخري وائي: ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري. عام طور لفظ "هوت" سسئيءَ جي داستان سان واسطو رکي ٿو پر هتي "محبوب" جي عام معنيٰ ۾ آندل آهي. علامہ صاحب جي زندگيءَ جي سڃاڻپ بہ هيءَ وائي بنجي ويئي. ياد رهي تہ علامہ صاحب خود بہ هڪ شام درياءَ ڪناري وڃي اُن ۾ داخل ٿي ويو (يا ڪِري پيو) هو. پنيان جيڪا تحرير ڇڏي ويو ان ۾ هن وائيءَ جو مُڪڙو بہ هو. وائيءَ ۾ زبان جي لحاظ کان ڪي عربي لفظ بہ آهن جي اُن جي معنيٰ جي پوري جاڻ ڏين ٿا پر عام پڙهندڙ لاءِ البت ڏکيا آهن. سهڻيءَ/سالڪ جي جذبن جي پوري ترجماني ڪن ٿا:

ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري الا
گولي پيچ گناهہ کان، ڪونهي سُور ثواب،

نـڪي تـفـاوت ۾، نـڪي مـنـجـهـہ ربـاب،
خـوديـائـي خـوب ٿـيـيـن، لائـيـن جـي لـعـاب،
هُـو جـي جـرڪـن جَـرَ تـي، سـي تـان سـپَ حـبـاب _ الـخ

ميهار کي سهڻي نہ ملي، علامہ قاضيءَ کي شاديءَ کان پوءِ بہ سهڻي نہ ملي ۽ هڪ سال جي اندر هو بہ درياءَ داخل ٿي ويو.

تون بہ لهر مان بہ لهر، آ تـہ پـرچـون پـاڻ ۾.

پاڻيءَ جو وڏو ذخيرو سمنڊ (يا سمونڊ) آهي، جيڪو رسالي جي ٻن سُرن سِري راڳ ۽ سامونڊيءَ ۾ موجود آهي. هنن سُرن ۾ وڻجارن جي سامونڊي سفر ۽ واپار جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اُن کي انساني سفر سان ڀيٽيو ويو آهي. جڏهن انساني سفر جنهن ٻيڙيءَ وسيلي ٿئي ٿو سو سندس جسم آهي. اُن ٻيڙيءَ کي شاهہ صاحب ٻيا ٻيا نالا ڏنا آهن. وڻجارا ڏيساور مان کهڙا کهڙا وکر آڻين ٿا، اُن جو تذڪرو شاهہ صاحب هيئن ڪري ٿو:

ڪـر قـل قـوتـا پـاراچـا، پـاٽـيـث پـاتـائـون،
ڪوٺيون قيمت سنديون، تـر ۾ تـاڪـيـائـون،
لاڄن منـجـهـہ لـطـيف چـئـي، ٻـيـڙا ٻـڌائـون،
نـذر نـبـي ڄـام جـو، چـڙهـنـدي چـيـائـون،
جي ڇُهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

سمنڊ ۾ سفر لاءِ وسيلن کي ٻيڙي چيو ويو آهي. اُن جي تياري اول اڇي ٿي. سڙهن ۽ لاڄن جي درستي ڪئي ٿي وڃي. اُن باري ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو :

سـڙهـ سـنـوان لاڄـو نـوان، اولا سـنـدن عـاج،
سـاٿـي سـفـر هـلـيـا، ڀـري جُـنـگ جـهـاج،
حـاصـل ڪـريـيـن حـاج، واحـد وڻـجـارن جـي.

جهاز جي حفاظت ڏيان ۾ اچي ٿي. سمنڊ ۾ لاهہ چاڙهہ جو هر

وقت خطرو آهي. اُن جو ذڪر شاهه صاحب هيئن ڪري ٿو:

لُڙ لهريون لس ليٽ، جتي انت نہ آب جو
الله اُت م اوليين، ٻيڙا متي ٻيٽ،
جوڪو ٿئي م جهاز ڪي، ڦرهي اڇن ڦيٽ،
لڳي ڪام لپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

سمنڊ سوجهڻ وارا غواص ٻوٻا پاتار منهن ۾ ڪن ٿا ۽ ماڻڪ موتي ميڙي ٿا اچن. هن مهم کي شاهه صاحب ساراهي ٿو:

ايءَ گت غواصن، جئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتارجي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، موتي لال هٽن سين.

ٻيڙيءَ ذريعي ٻہ اونهي سمنڊ جو سفر بر سر ڪجي ٿو ۽ اُن تياريءَ ۾ اهو ڏسبو آهي تہ ڪٿي ٻيڙيءَ ۾ ڪو سوراخ تہ ڪونهي، جي هوندو تہ اُن جي مرمت ڪبي ۽ ٽُن ڳنڍبا :

ٽُن ٽُنيدو آءُ، مڪ ڏيهاڻي مڪڙي،
سانباهي سموند جي، منا مورم/لاهہ
اڄ ڪ سنجهہ صباح، اهرندي اتانگ تڙين.

تياريءَ کان پوءِ سولي تڙ تان ٻيڙي تانگهي پاڻيءَ کان سمنڊ ۾ لاهبي ، فرمائي ٿو :

تانگهي تاڻي، ٻڏ ڀنهنجو تر هو
اونهي ۾ آڻي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.

ٻيڙي، تراز ڪشتي ۽ ٽُرهو وغيره لفظ هم معنيٰ آهن. ٻيڙيون نديون وڏيون ٿي سگهن ٿيون. اُنهن کان وڏا جهاز آهن، جيڪي اڳ سڙهن ۽ هوا جي رخ تي هلندا آهن، هاڻي مشينن ذريعي هلن ٿا ۽ سمنڊ جو سينو چيري ڪنڌ ڪيڙي ڇڏين ٿا. ٻيڙي هجي يا جنگ جهاز

خبر داري سان سمنڊ ۾ اڳتي وڌندو. ويرون بہ وڙهن ٿيون، غفلت نہ ڪبي. دنگيءَ جي پوري سنڀال ڪبي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو :

بندر جان پئي، تہ سڪاڻيامَ سمهو،
ڪپر ٿو ڪُن ڪري، جئن ماڻي منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

سمنڊ ساڳيو آهي. اڇو تہ سُر سِريراڳ جي سمنڊ کان اڳتي هلي سُر سامونڊي جي سمنڊ ۾ هلون، جتي وڻجارا وڃڻ وارا آهن ۽ انهن جون زالون بيقرار آهن، ونجهہ کي چنبڙيون پيون آهن، چي نہ وڃ. هن رقت آميز منظر کي اهڙي ئي نرم دل وارو لطيف ورلاپ پيو ڪري:

پگهہ پاسي گهار! آيل سامونڊين جي،
وڃهي جي جنجار، متان وڃنئي اوهري.

—

ننگر ۽ ناڙيون، پگهہ ڪٽي پنڌ پيا،
بندر بازاريون، سُڃا سامونڊين جي.

—

سي ئي جوين ڏينهن، جڏهن سجڻ سفر هليا،
روئان رهن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪيئن،
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.

هاڻي اُن جو وچوڙو جيءَ کي پيو جهوري، الائي ڪڏهن موٽندو:

آيل ڍولي سان، اچي تہ جهيڙيان،
لاتئي ڏينهن گهڻا، مون سين ڪيئي ٿورڙا.

—

سر لوهيڙا ڳيا، ڪُسر نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍوليا ڏينهن اچڻ جا.

وري ياد ٿي ڪري تہ پرينءَ ڪهڙيءَ ريت ڀڳهہ ڇوڙيا:

مون اُپن تڙ وٽ، پرين ڀڳهہ ڇوڙيا،
ڪا مُنهين ۾ گهٽ، ناتہ سجڻ سباجها گهڻو.

لنڪا ڏانهن واپار لاءِ هليا ويا. هاڻي ڪاري ڪيڙائو وڻجارا منهنجي ڀلي ڀاڳ سان موٽي اچي ملن:

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اوهريا،
سڻي سون لنڪا جو سڪ نہ سامونڊين،
پرهہ ڀڳهہ ڇوڙيا. ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ڀاڳ ڀڙن، جي ڪهيا ڪارونڀار ڏي

اچي ٿو ٻارهين ماهہ ۾ ساڳئي سفر تي ٿو سنيري، وڻجاري، وڻجاري جي ماءُ کي ٿي چئي تہ سمجهائينس، ساڳي ڪهاڙي ساڳيو ڳن:

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نہ پلئين،
آيو ٻارهين ماهہ، پڙ ٿو سفر سنبهي.

سفر تہ ڏوراهون آهي ۽ سمنڊ بہ عميق، وري وڻجارن جو وڇوڙو ۽ وهُن (زالن) جا ورلاپ ۽ دل ڏاريندڙ آهون. اِهي آهون ۽ دانهون دل وارن لاءِ بہ دل ڀڄائيندڙ آهن. سهي وڃون نہ تہ چپ تي پاسيرا ٿي وڃون. شاهہ صاحب تہ بيان ڪري وڃي ٿو ۽ اسين ننڍڙي دل وارا ٻڌي بہ تڪر تي ٿا پئون.

اسان جو رهبر ۽ مدبر شاعر اسان کي تدبير ۽ حڪمت سان سمجهائي ٿو نہ تہ هي معاملو ايترو آسان ڪونهي جو سوچجي تہ بس هي بہ هڪ داستان آهي ۽ بس!

باب ٻيو

# معلم

پيارا ٻارو ۽ نوجوانو!

شاهه عبد اللطيف ڪامل اُستاد آهي. هُو سچ تہ اعليٰ اُستاد، اتاليق، ماستر، ليڪچرار، پروفيسر ۽ هڪ معلم آهي. اڄ جي اِنهن عهدن ۽ گريڊن وارن مان ڪي پڙهائڻ نٿا گهرن ۽ چيوگم ويٺا چٻين تہ پئي ناهي. حقيقي اُستاد ۽ معلم جيڪي آهن سي تہ پڙهائڻ لاءِ آتا آهن، رڳو پگهار کڻڻ لاءِ ڪونہ ويٺا آهن.

شاهه صاحب جيڪي سيکاري ٿو اُهو ڪئين رنگن، روپن، طريقن، وسيلن ۽ ڪائنات جي ڪل موجودات ۽ وستوئن جي مثالن سان سمجهائي ٿو. هن فهرست ۾ انسان کان وٺي مک تائين خلقت اچي وڃي ٿي.

مک جو مثال هيئن وٺي ٿو:

اک پـريـان جي اک ۾ جـنـيـن وڌي اک،
ٻي مڙيائي مک، جا مانيءَ ڪارڻ منهن پٽي.

پکين، گلن، وڻن، جيتن جڻين، جانورن، انسانن ۽ ٻين اهڃاڻن وسيلي مثال ۽ تشبيهون ڏيڻ سان شاعر ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. محبت جو مثال ڏيڻ لاءِ شاهه صاحب مينهن جي سڱ (پُور) جي تشبيهہ هيئن ٿو ڏي:

جڻن مينهن ڪُنڍيءَ پُور، تئن دل وراڪو دوست سيـن.

ڪيترا پکي رسالي ۾ مثال طور آندل آهن. اُهي آهن: ٽر

ٻابيهو، تاڙو، ٻگهه، تتر، چَتون، چپ چڙي چيهو زاغ/ ڪانگ، ڪونج، ڪوول، ڳجهه، هنجهه، مور، طُيور، لبلو، بحري باز ۽ هُما وغيره. پکين بابت هي سٽون مشهور آهن:

ڪڏي ڪي ڪانگن، نوالا نيڻ ڏيان (آسا)
ڪر ڪنيو ڪانگ لنئي، منيءَ تي مضبوط (پورب)
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا. (موملراڻو)
اُڏاڻا اوڙ ڪري، ڪارين پکين ڪاڻ (ڪيڏارو)
هينئڙو بحري باز، چوري ڪيو چنبن ۾ (آسا)
چڙيءَ جئن چهنج پري، لڏيائون لُئا (آسا)
آڙيون ابر آسري، تارا تنوارين (سارنگ)
(ڪن پڙهڻين ۾ آرون آيل آهي)
شڪار تون شهباز جو تون تان منجهه شڪار (سري راڳ)
رُجن ۾ رڙ تي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ (معذوري)
رجن ۾ رڙ تي، ڪر چتونءَ جي چانگار (معذوري)
رُجن ۾ رڙ تي، ڪر ڪرڪي ڪونج (معذوري)
جئن سو هرڻ هُما، سرگردان سنسار ۾ (ديسي)
تـ مر لڳي لُوهه، تر ٻابيهو تي مران (حسيني)
اڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار (سارنگ)
ڳجهڙين ڳارو، راتو ڏينهان روهه ۾ (ڪيڏارو)

فقط لفظ پکي يا طيور بہ ڪيترن بيتن ۾ آيو آهي ـ مثلاً:

پکين پاڻ پڃاڙيو تہ لڏيو هوت وڃن (ڪيڏارو)
پِره پکي آيو ڪربلا منجهه گهي (ڪيڏارو)
طيورن تنواريو پنهونءَ پڃاڻان (آبري)

تشبيهه، استعاري ۽ مثال آڻڻ جا به مقصد آهن: هڪ شعر ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ ۽ ٻيو ڳالهه چٽي ڪري ٻڌائڻ. شاه صاحب هڪ برجستو ۽ خبردار انسان هو. هن مقصد کي اوليت ڏني ۽ ڳالهه آسان ۽ چٽي ڪرڻ لاءِ ڪي نه ڪي مثال اڳيان رکيا. پکين جي وڳرن جي ڳالهه ڪري ٻڌيءَ جو اشارو ڏي ٿو. امامن جي احوال ۾ پکين جي پاڻ پڇاڙڻ جي ڳالهه ڪري ٿو جنهن مان ڏک ۽ تڪليف جو اظهار ٿئي ٿو. ٿر ۾ تاڙو مينهن لاءِ تنواري ٿو. جبل ۾ سسئيءَ جو آواز ۽ آلاپ ايئن ٿو لڳي جڻ ڪوئل جي ڪوڪ، چَٽونءَ جي چانگار ۽ ڪونج جو ڪرڪڻ به هڪ موزون استعارو آهي. سُر ڪارايل جيڪو ٻن داستانن تي مشتمل آهي اُن ۾ نانگن کان سواءِ پکين جو به اشارو آهي. هنج لاءِ چوي ٿو "هوش ڪري ڏس هنجڙا يار ٻڌج م ٻيلهه ٻگهن سين" هن سُر ۾ هنجن ۽ ٻگهن جي پيٽ ڪيل آهي. هنج مثاهون آهي اُن کي ٻگهه جي سنگت کان پلي ٿو:

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارين،
ٻگهن سين ٻيهار هوند ٻيلهه نه ٻڌين ڪڏهن.

شاه جي رسالي جي گوناگون موضوعن ۾ ڏک به اشارو آهي. سڄي رسالي ۾ جِت ڏک سور جي ڳالهه آهي ان کي شاه صاحب بيان جي پردي ۾ نمايان ڪري وڌو آهي. ڪنهن به سورميءَ جي سلسلي ۾ ڏسو ته ڏک سور جو بيان اثر ڪرڻ وارو آهي. هن سلسلي ۾ غم جو فلسفو ياغم جو اثر هڪ خاص موضوع آهي. هن کي رڳو هڪ سُر رپ ۾ پسجي ته تاثر واضح ٿئي ٿو.

غم جو فلسفو ڏک ۽ حزن (Pathos) کي يوناني فيلسوفن ۽ ادب جي اڪابرن کولي بيان ڪيو آهي. انهن جي چوڻ موجب ڏک انسان جي اندر ۾ هڪ خاص ڪيفيت پيدا ڪري ٿو ۽ اُن جو اندر اُجاري اڇو ڪري ٿو. باغ علي جي ڪتاب "راجستاني زبان وادب" ۾ مشهور شاعر رجب جي (1568_1689ع) جو هي دوهو فراق بابت آهي:

ٻـره ثـابـت ٻـره ۾، ٻـره ٻـنـا م جـائـي،
جُون چواني ڪا ڪا نڪرا، رجب جَل مِل جائي.

يعني ٻره (فراق) سان فراق قائم آهي، وصال سان رجب ايئن ملي ڳري وڃي ٿو جئن پٽر پاڻيءَ ۾ ملي پُري وڃي. شاهه صاحب به فراق ۽ وصال لاءِ ايئن ئي چيو آهي ”جيڪي فراقان سو وصالان نه ٿئي“ يا ”ڊونڊيان ڊونڊيان م لهان شال مَ ملان هوت“.

ڪيترن شاعرن فراق ۽ غم کي ٽيڪ ۽ سهارو ڄاتو آهي. رسالي جي مختلف سُرن ۾ غم جي اُپٽار موجود آهي. هي چند سٽون اهڙي ثابتي ڏين ٿيون:

ڏک سکن جي سونهن، گھوريا ڏک سکن ري.

—

ٻـئـي ويـنـا رُون، ڏکـي ڏونـگـر پـاڻ ۾.

—

ڏونگر مون سين رو، ڪڍي پار پنهونءَ جا.

—

سور جـنـيـن کـي سـريـو سـري تـن صـحـت.

—

درد نـه اٿـئـي دل ۾، تـه سـڪـڻ ڪـر نـه سڌ.

—

پـلـر لڳـو پـاڻ، پسـو جـوءِ جـدا ٿـي.

—

تِـمـن نـيـڻ رت وهـي، دعـا ڪـا ڪـيـو.

—

ڪي ڏر تني ماءُ، ڪر ڄر سـنـدي سـڄـٽـيـن.

سُر رپ ۾ درد جي شدت جو بيان گھڻو نمايان آهي. هونئن ته مومل، ليلا، سسئي ۽ سورٺ جا ورلاپ ئي ڪافي آهن.رپ لاءِ عوامي

روايتن ۾ آهي تہ هوءَ بہ هڪ سورمي آهي ۽ اُن داستان جو سورمو بروو آهي جنهن جي سورمي دهليءَ جي بادشاهه جي ڌيءَ بہ چئي ويئي آهي. رپ جي پهرين بيت ۾ ٽي گوندر (غم) جي ڳالهہ هيئن چئي وئي آهي :

گُوندر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو جندڙو
ڏکوين مرڪ، مٿي سڳر پنڌڙا.

ترجمو اصل جي برابر تہ ٿي نٿو سگهي پر، پر مدر ايلسا قاضي ترجمي ۾ گوندر جي هن بيان کي ايترو ٽي رقت آميز ۽ پُرسوز لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

Mother sorrows harrowing has swamped my whole being all honour to sorrowing who walk on uphill way.

غم جي پوري ڪيفيت کي مترجم مڪمل تاثر ۾ پيش ڪيو آهي. سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي شاعريءَ ۾ گوندر ماري ماءُ جي حضور ۾ درد جي شدت جو بيان آٽي ٿي. اهڙا گهڻا مثال موجود آهن: ”وڻجاري جي ماءُ وڻجارو نہ پلئين“ يا شاهه حسين چوي ٿو: ”مائي ني مين ڪِنون آکان؟“ خواجہ فريد فراق لاءِ هيئن فرمائي ٿو :

غم درد فراق دي رولڙيان
ڳيان ناز نواز ديان ٽولڙيان
ٿي ڳهيلي ڪملي پولڙيان

ايئن درد فراق کي پيٽ ورن ۾ لڪائڻ جي ڳالهہ شاهه صاحب هيئن ڪئي آهي:

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون،
پَرَ سين مون نہ ڪيون، گوشي نہ گڏيا سپرين.

من ۾ سورن جو مچ ٿو ٻري سو ڪيئن اُجهامي، اُن باري ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

لائي جو ويا، سو منجهائين ٿو مچ ٻري،
سو اُجهامي ڪيئا، جنهن سوريندڙ سپرين.

پنهنجي دل کي اوني وڳ جي عادتن سان ڀيٽي ٿو:

جاءِ نہ سجو ڏينهن، هينئڙو اوني وڳ جئن،
مون پريان سين نينهن، چنڊ ڪارڻ نہ ڪيو.

شاهہ صاحب وٽ تشبيهن، استعارن، مثالن ۽ محاڪات جي کوٽ نہ آهي. هر صورت حال کي موزون مثالن جي ٽيڪ سان دل جي ڳالهہ ڪري ٿو. انتظار جي ڪيفيت جو هن کان وڌيڪ ڪهڙو مثال هوندو:

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکڙين.
اُجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين.

جدائي، فراق ۽ انتظار جي ڪيفيت سان ڀيٽيو اٿن. فارسيءَ جو شاعر محبوب جي جدائيءَ، غمزن ۽ ناز ڏي اشارو ڪندي چوي ٿو تہ محبوب ڪهڙا ڪهڙا نہ بهانا ڪيو ماري قضا جو بهانو ڪيائين، خود مون ڏي نہ ڏنائين ۽ حيا جو بهانو ڪيائين. ڪيس ڏسڻ لاءِ مسجد ۾ ويس، پر دعا جو بهانو ڪري هٿن سان منهن ڍڪي ڇڏيائين:

مارا بہ غمزه ڪشت وقضا را بهانہ ساخت
خود سوءِ مانہ ديد و حيا را بهانہ ساخت
رفتم بہ مسجدي ڪہ بينمر جمال دوست
دستش بہ رُخ ڪشيد و دعا را بهانہ ساخت

ڏکن جي سکن سان ڀيٽ اُستاد عطا محمد حامي هيئن ڪري ٿو:

سُکن جا سال گذري ويا، ڏکن جا دم نٿا وسرن،
خوشيون سڀ خير سان وسري ويون پر غم نٿا وسرن.

شاهہ صاحب جي شعر جو وزن بہ آهي ۽ اُهو سنگيت بہ موزون

ٻه آهي. عجيب ڳالهه آهي ته پهرين 1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ سنڌي بيت کي غير موزون ۽ جهنگلي سڏيو. ڇو جو هن جي خيال ۾ فقط علم عروض وارو شعر موزون آهي. اُن جي پيروي ڊاڪٽر خليل ڪئي. جهنگلي شعرن ۾ مثال ٻه شاهه ڪريم جي بيتن ۽ شاهه لطيف جي واين جا ڏنائون. هن سلسلي ۾ تحقيق ٿي ته خبر پئي ته بيتن ۽ واين جو ٻه هڪ وزن آهي. اُهو ڇندوديا تي آهي، جنهن موجب هندي، راجستاني، پنگل ۽ ٻين قريبي ٻولين جا دوها جڙيل آهن. آسانند ڇتارام ڪتاب ”هندي پنگل“ 1937ع ۾ لکيو جنهن ۾ هن وزن جو تعارف ڪرايو. ٻيو پروفيسر جهمٽ مل خوبچند ڀاوناڻي هو جنهن جو ڪتاب ”ڇند سڳند“ 1953ع ۾ ڀوپال مان شايع ٿيو ۽ اُن ۾ هي بحث مثالن سان ڪيائين.

جنهن موجب دوها، سورٺا، چندراين، دڪپال ۽ ٻيون صنفون مختلف وزنن ۾ هيون جيڪي بيتن وانگر هيون ۽ ساڪن (نندين) توڙي متحرڪ (وڏن) آوازن موجب نهيون آهن ۽ علم عروض جي نندين ۽ ڊگهن آوازن جي طرز تي آهن. ائين ڪونهي ته سنڌي بيت ڪو سنڌيءَ جي ڍار موجب موزون ٿي ويا آهن يا ڇند جو واسطو ڪونهي. هيءَ سمجهاڻي ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي وڏيڪ ڇٽائيءَ سان ڏني جا سندس پي ايڇ ڊي ٿيسز ۾ 1970ع ۾ سامهون آئي. هن کولي لکيو ته سنڌي شاعرن ٻن ڪان وڏيڪ سٽن ۾ ٻه بيت چيا جيڪي دوهن ڪان مٿي/وڏيڪ ۽ نوان آهن. هتي فقط شاهه ڪريم جو هڪ دوهو ڏيون ٿا:

نيهن نياپي نه ٿئي، سڏين سيڻ نه هُون،
ڪارئين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نه رُون.

هن دوهي جو نقشو هيئن بيهندو:

| | |
|---|---|
| 11 | ,13 |
| 11 | ,13 |

(انگ ماترائن يا ننڍين وڏن آوازن جا آهن، پدن کي اُبتو ڪبو تہ سورنا ٿيندو. ايئن ٻيا چند بہ آهن جن جون ماترائون مختلف آهن).

وزن وانگر شاهہ جي بيتن ۾ واين ۾ راڳ سنگيت بہ سمايل آهي. شاهہ صاحب هن فن جو بہ اُستاد، معلم ۽ موسيقار هو. هُن خاص طنبورو جوڙايو جو ئي ساز سنگيت ۾ اڪيلو ساز هو. ڪو ٻيو اچي ڪيس رسالي جي ترتيب تڏهن سيڪاري جڏهن سندس ڪلام اڳ ئي راڳ راڳڻين موجب موزون نہ هجي. اٿل ۾ چنچل آيا هجن يا نہ آيا هجن، بيت اڳ موجود هئا ۽ وايون بہ. انهن کي جنهن بہ سرشتي ۾ موزون ڪيو سو شاهہ صاحب پاڻ ڪيو. نوري ڄام تماچيءَ واري سُرَ ڪي ڪاموڏ نالي راڳڻيءَ ۾ موزون ڄاتائين "تون سمون آءُ گندري". هڪ لڪشڻ گيت (ٻول) آهي جو ڪاموڏ ۾ موزون آهي. مختلف فقيرن شاهہ صاحب جي رهبريءَ واري زماني کان وٺي درگاهہ تي لطيفي راڳ پئي آلاپيو آهي. اُهو نالا ڏنل سُرن (راڳ راڳڻين) ۾ آهي. وقت گذرڻ سان گائڪيءَ جي اساسي نوعيت ۽ حيثيت ۾ فرق پيو هوندو. مون وٽ فقير الله بچائي تمراٽيءَ جو هڪ ڪيسٽ سورٺ ۾ آهي جيڪو هوبهو ڪلاسيڪي راڳڻي سورٺ ۾ آهي. جڏهن ڪلياڻ، يمن، ڪنڀات، سري، رامڪلي، پورب، پرڀاتي، سارنگ، ڪيڏارو، ڪاموڏ ۽ ٻيا نالا ڀارتيہ سنگيت مالا مان آهن تہ اِهو سنگم ڪو عجيب ڪونهي. سنڌ بہ پراڻي دؤر کان قديم ڀارت جو حصو رهي آهي. ايئن اُتر هندوستان جي راڳ سنگيت سان ڳنڍيل آهي. ڏکڻ ۾ ڪرناٽڪ سنگيت آهي جيڪو ڪرناٽڪ سميت ٻين چئن پنجن صوبن ۾ رائج آهي. اُتي ڪرناٽڪ راڳ ۽ ناچ ۾ گھڻا ماڻهو ايم.اي ۽ پي ايچ.ڊي بہ آهن. ڪي اُتر هند ۾ بہ تعليم يافتہ ماڻهو آهن، جي راڳ سنگيت جي قلواڙيءَ جي آبياري ڪري رهيا آهن. سنڌ سان لڳ راجستان ۾ بہ اهڙيون ڪوجنائون ٿي رهيون آهن جن ۾ خاتون شانو ڪرانا جون هي ڪوجنائون آهن تہ لوڪ گيت اڳ يا ڪلاسيڪل

اڳ . . . اهڙي تحقيق جي هِت بہ ضرورت آهي جنهن کو لوک گيت کي اصلوکي سنڌ جو راڳ نہ سمجهي. هِن رويي کي رد بہ نٿو ڪري سگهجي. ڪلاسيڪل ۾ هُوندي بہ مقامي راڳ راڳڻين جي ڇُٽپ آهي. مثال طور جن راڳ راڳڻين ۾ رکب ۽ ڏيوت ڪومل آهي تہ اُهي سنڌي ( سَنڌي) پرڪاش جون آهن. اهڙيون بيون بہ جڙتون آهن.

سورٺ ڪلاسيڪل ۾ موجود آهي. ٻين ۾ سنڌي ڀيروي، سنڌڙا موجود آهن. سُر ديسي جنهن ۾ سسئيءَ جو ذڪر آهي سوراٺي سان لڳي ٿو. منظور علي خان پنهنجي آخري محفل "راڻي جي محفل" ڪري ڳائي. هن ۾ سندس شاگرد بہ موجود هئا ۽ ظاهر ڪيائين تہ هي (راڻو) راڳ ديسي يا نٽ نارائڻي آهي (ڪئسٽ موجود آهي). ڊاڪٽر بلوچ صاحب، اُستاد منظور علي خان ۽ سائين غلام شاه جي ساٿ ۾ شاه جي سُرن ۽ ڪلاسيڪي راڳ جي ڀيٽ ڪئي آهي ۽ ڪي نتيجا ڪڍيا آهن. اُهي سندن ڪتاب "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" ۾ موجود آهن.

ياد رهي تہ راڳ مالا ۾ مقامي نالا بہ راڳ راڳڻين تي آهن. جهڙوڪ ملتاني، جونپوري، ڀوپالي ۽ بندرابني سارنگ وغيره. درگاهي ڪلام بہ مقامي ڌنن ۾ ڳايو ويو. اُن ۾ مخدوم نوح سرور جي سلسلي جا ڏهر، ملتاني منقبتون، پير صاحب پاڳارن جون منقبتون ۽ مولود آهن تہ لوڪ گيتن ۾ نڙ جا بيت، مورا، جمالو، ٿري ناچ گيت، ڳيچ ۽ سهرا اچي وڃن ٿا. انهن جون بہ پراڻيون طرزون آهن. اُهي بہ ڪنهن نہ ڪنهن راڳ ۾ آهن.

هي داستان ڊگهو آهي. هتي چٽائي ڪرڻ لاءِ اختصار سان ڳالهہ ڪئي اٿئون. وزن ۽ سنگيت کان سواءِ رسالي جي زبان بہ ڌيان چڪائي ٿي ۽ اُن کي بہ سمجهڻ کپي. ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي سهيڙيل رسالي جي پهرين جلد جي مقدمي ۾ هڪ باب "شاه جي سنڌي" جي عنوان سان لکيو آهي. ٻين محققن بہ محنت سان هن

عنوان بابت لکيو آهي. گربخشاڻي خاص طور نحوي بناوتن جا مثال ٻه ڏنا آهن جيئن پڙهندڙ معنيٰ کي صحيح طور سمجهي سگهن. هن ذکر ڪيل ٻن عنوانن جي ابتدا ۾ لکيو آهي ته شاهه جي سنڌي هاڻوڪي سنڌيءَ کان البت ٻئي ڍؤل جي آهي ۽ سندس نحوي بناوتون ٻه هاڻوڪي سنڌيءَ کان ڦريل آهن. سنڌيءَ ۾ اوپر ۽ اولهه جي زبانن جا لفظ آيا، اُهي هن هڪ زنده زبان وانگر ڪلي دل سان ورتا. اوهان کي خبر هوندي ته يورپ ۾ لئٽن ۽ هندوستان ۾ سنسڪرت هڪ قديم زبان آهي. ٻنهي زبانن مان لفظ ٻين زبانن ۾ آيا پر پاڻ لفظ نه ورتائون. اُن ڪري هي ٻئي زبانون مئل زبانون ليکجن ٿيون. سنسڪرت ۾ هندوستان مان ريڊيو تي خبرون اچن ٿيون ۽ ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ ڪو شعبو هجي ته هجي. لئٽن جو به اهو حال هوندو. شاهه صاحب جا سنڌي ڪم آندي اُها ڪجهه پراڻي پراڃ سمجهه ۾ اچڻ واري زبان آهي. شاهه صاحب جي زبان لاڙي محاوري واري آهي پر سچي سنڌ جا ماڻهو سندس ڪلام کي هڪ جهڙو سمجهن ٿا. البت حالتي پڇاڙيون پراڻيون آهن. جيئن هيجان يعني هيج مان. حرف جر کان سواءِ جملو مڪمل ڪري ٿو. جيئن: اِي ڪم عاشقن (اِهو ڪم عاشقن جو). ڪجهه اهڙيون ٻيون به نحوي بناوتون نسبتاً پراڻيون آهن ته به رسالي کي سمجهڻ ڪو مشڪل ڪونهي. اسان جو معلم شاهه عبد اللطيف سيني لاءِ آهي. جي وڏا سمجهن ٿا ته ٻار به سمجهن ٿا. انهن جي سمجهه ۾ اچڻ جهڙو ڪلام آهي. جتي ٿورو مشڪل لڳي ٿو ته اُتي وڏن جي مدد پهچي ٿي. رٽ آهي ته ٻارن کي خاص طور نصيحت وارا چونڊ بيت پڙهائجن جيڪي معنيٰ ۾ به آسان هجن. جي ايئن نه ٿيو ته وڏي هوندي به ڪلام کي غلط اُچارن ۾ پڙهندا ۽ غلط معنيٰ ونندا. چوڻي آهي ته: پَڪن گهڙن کي ڪهڙا ڳنا پوندا!

رسالو معنيٰ ۽ مطلب جو ڀنڊار آهي ۽ منجهس علم بديع جي

مختلف صنعتن جو استعمال ٿيل آهي. انهن کي وبهي ڳولهي ڪم ڪونہ آندو اٿس، پر فطري طور اِهي صنعتون ۽ هنر منديون بيتن ۾ سمائجي ويون آهن. آسان ۽ اول تشبيهہ آهي. اُن ۾ آسان لفظ سان پيٽ ڪبي آهي. مثال طور شاعر پنهنجي محبت جي پيٽ ڇا سان ڪري؟ ڪڙي سان ٿو پيٽ ڪري:

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپيرين سوگهو ڪيو.

يا ڪُنڌي مينهن جي سڱ (پُورَ) سان ٿو پيٽي:

ڪي اوڏا بہ ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي چڙهن نہ چت تي، ڪي وسرن نہ مُور،
جئن مينهن ڪُنڌيءَ پُور، تئن دل ورا ڪو دوست سين.

تشبيهہ ۽ استعاري کان سواءِ ڪي بيون بہ لفظي ۽ معنوي صنعتون آهن جن جو شاعر استعمال ڪن. مٿي آندل بہ بيت معنوي صنعتن وارا آهن. لفظي صنعتن جا بہ انيڪ مثال رسالي ۾ آهن. اُن موجب هڪ ئي لفظ ورجائبو ۽ جدا جدا معنيٰ هوندي. لفظ "ور" ايئن ڪم آندو ويو آهي:

وَرَ ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو
نهاريندي‌يس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بر،
آڏو تڪر ٿَر، متان روهہ رتيون ٿئين.

دنيا جي هڪ اهڙي بہ هستي آهي، جنهن جي پيرن هيٺان جنت آهي. مشرقي شاعرن پل پل ماءُ کي ياد ڪيو آهي. اهڙا مثال سنڌي، هندي، پنجابي، سرائيڪي ۽ ڪن بين زبانن جي شعرن ۾ اسان کي لين ٿا. هنَ هستيءَ کي ڪا بہ لالچ ڪونهي. هَن جو پيار نج ۽ نبار آهي جنهن ۾ گيهہ، اٽي ۽ کير وانگر ڪا بہ ملاوت نہ آهي.

ٻارڙو ڪتان ڏکوئجي اچي تہ بہ ڊوڙي اچي ماءُ کي ٻڌائي، وري

خوشيءَ جي ڳالهہ هجي تہ بہ ٻوڙي اچي ماءُ کي ٻڌائي. اِن ۾ بہ کو شڪ ڪونهي تہ اولاد ماءُ جي هڪ رات جي اوجاڳي جي موٽ ماءُ کي سڄي عمر ۾ ڏئي نٿو سگهي، ٿورو لاهي نٿو سگهي. ماءُ جي هنج ۽ وجود سيني دردن جو درمان آهي. آءُ پنهنجي مادر مهربان کي ياد ڪريان ٿو تہ اِهي سڀ احساس اڳيان ٿا اچنم جن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. پلي شاهہ صاحب چيو: ”تن ڳڻن ڳهہ وڃائي، مائي“ اِها ئي عظيم هستي آهي جا اولاد کي ڳڻن سان ڳهي ٿي ڇڏي. سندس محبت ۽ مهربانيءَ جي ڪا حد، ڪو سنڌو سيڙهو ڪونهي. شاهہ صاحب ڪيس آيل ۽ جيجل بہ سڏيو آهي:

لڳو منجهہ لڪن، آيل پير پنهونءَ جو.

سسئيءَ جي روپ ۾ ماءُ سان من اندر جون ڳالهڙيون راز داريءَ سان بيان ڪيون وڃن ٿيون. آٿت حاصل ٿئي ٿي:

آهينم ڳالهڙيون ماءُ، مرادون پرينءَ سين،
جي مون پيئون پرينءَ ري، ڪوءِ سي ابتڙيون،
جي مون اوريون پرين سين راتڙيون،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاتم جهاتڙيون،
اديون عبد اللطيف چئي، ڪُهن ڪاتڙيون،

هر درد جي دانهن ماءُ جي حضور ۾ ٿي پهچي ۽ داد لاءِ واجهائي ٿو:

مون کي ماءُ مجاز پڇاري جئن پڇيو،
هٿن ڇڏي هاج، ويئي سار سنڌن مان.

ماءُ، جيجل، آيل جي حوالي سان ڪيئي بيت آهن. هتي ڪي بيت درج ڪريان ٿو جيئن هن تاثر جو صحيح اندازو ڪري سگهجي:

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
اُنين سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي،

—

ماءُ ڪاهوڙي هليا، دونهان دکائي،
ويا وسائي، ڏوتي ڏونگر وٽ ۾.

—

پگهه پاسي پچ، آيل سامونڊين جي،
من ۾ ٻاري مچ، جم وڃنئي اوهري.

—

اڄ ملنديس ماءُ، ڏاجا ڪنديس ڪپڙا،
جيجان جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م پاءِ،
هوت ٻاروچي لاءِ، ڪنين ڪتر پائيان.

—

پهي ڪام پڄاءِ، امڙ منهنجي آسري،
ڏيئي لت چرخي، پوڻيون پاڻيءَ پاءِ،
ڪتيم جنهن لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

—

ماءُ وهاڻو وار، ڪڻ پٽراڻي پانهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيج ۾، سو سيوئي سنيار،
وڃان ٿي وڻڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو.

—

ڪاله ڪلاچيءَ ويا، گهاتو ڪير گهور،
مادر ملاحن جا، ويئي سهان سور،
مون کي ڪري ملور، ويا اونهي اوهري.

۽ هيئين وائي اعتراف آهي ماءُ جي مهربانين، محبت ۽ لاڏ ڪوڏ جو، جنهن اولاد جي ننڍ ڦٽائي ڇڏي آهي ۽ اولاد سندس ٿورا لاهي نٿو سگهي ته ڳائي ته سهي:

تن ڳڻن ڳهه وڄائي، او مائي. .
جوڳين مون سين جي ڪيا.

ڪري موج ڪاپڙي، ڳروٽ ڳدائي،
اِشارتون اَن جون، ونءُ ڪپي تون ڪائي،

نندبُ تنين کي ناهه ڪا، جا آديسين اُنائي،
آهي اِنهيءَ ڳالهه جي، اِيءَ راول رباعي،

هيڪائي هيڪ ٿيا، ٻڌن ڪين ٻيائي،
اڪين آرس ڇڏيو دل ۾ ناهه دغائي،

الا عبد اللطيف چئي، مون سين صاحب ڪرسڻائي.

سر رامڪليءَ جي هن وائيءَ ۾ جوڳين جي ساٿ کي ڳڻيو ويو آهي. انهن جو احوال ماءُ سان ڪيو پيو وڃي. مختلف سُرن ۾ سورمين جي حوالي سان ڳالهه آهي، پر ڳالهه پنهنجي دل جي آهي. شاهه صاحب هڪ معلم آهي، اُن ڳالهه جا ٻه ڪئين پهلوءَ پاسا آهن. انهن ۾ هڪ هي ٻه آهي ته هو ڪهڙن ذريعن ۽ وسيلن سان اسان کي سيکاري ٿو. هڪ بنيادي ذريعو دين آهي. الله ۽ رسول جي دربار ۾ اسان جو سر جهڪائي ٿو. توحيد ۾ خدا جي هيڪڙائيءَ جي ڳالهه ڪري ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي وسيلي ڏانهن چٽو اشارو ڪري ٿو:

وحده لا شريڪ لـه، جان ٿو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن،
سو تون وڃئو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي.

دين انسان جي زندگيءَ ۾ اهم ۽ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. پڪو اعتقاد رکڻ وارن ۽ صوفين الله ۽ رسول جو پورو پورو ادراڪ ڪيو ۽ ڪنهن به طرح اُنهن جي پرک مُبهم نه رهي. هونئن هيءَ ڪا

اهڙي ڳالهه نه آهي جو چئجي ته مسلمانن جي ذهن ۾ خدا جو تصور چٽو نه آهي. تڏهن به هن سلسلي ۾ اڪابرن ۽ صوفين وٽ احد ۽ احمد جي باهمي فرق جي ڳالهه چٽي آهي. هن سلسلي ۾ پنهنجي رهبر، اُستاد ۽ صوفي منش پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جو بلند معيار مقالو ”پٺائي صاحب جو پاري پيد“ مون لاءِ رهبر بڻيو. بحث هي هو ته شاهه صاحب جو محبوب ڪير آهي؟ ڇا هُن جو محبوب حقيقي الله آهي يا رسول ۽ هونئن صوفين محبوب خدا کي به ڄاتو آهي، پر جتوئي صاحب هڪ بيت جي حوالي سان اهو خيال ظاهر ڪيو ته هن بيت ۾ خدا جو قسم کڻي شاهه صاحب چوي ٿو ته محبوب سيني کان سهڻو آهي:

سهسين سجن اُيري، چوراسي چنڊن،
بالله اي پرين، سڀ اونداهي پانئيان.

اجا به پنهنجي محبوب جو ذڪر وڏيڪ چٽائيءَ سان ڪري ٿو:

جڪري ڄهو جوان، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مُهڙ مڙني مرسلين، سَرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين او ادني، اي ميسر ٿيس مڪان،
اي آڳي جو احسان، جو هادي ميڙيم ههڙو.

حقيقت حبيب جي عظمت لاءِ دليل به ڏئي ٿو. اُن جي اعليٰ هستيءَ جي ميڄتا هيئن ڪري ٿو ته هُو چڱاين جو پيڪر آهي ۽ سندس پيشاني مبارڪ ۾ فقط ڀلاين جا پير آهن. اهو ڪيئن ڀلائين جوئي پيڪر آهي:

چڱا ڪن چڱايون، مَنايون مَن،
جو وڙ جُڙي جن سان، سو وڙ سيئي ڪن.

—

چڱن ساڻ چڱايون، ايئن سيڪو هوءِ،
تو جئن ڪري نہ ڪوءِ، بڇن ساڻ ڀلايون.

—

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، ڀلائيءَ جا ڀير،
اڳڻ اُڪنڊين جي، ڏي پاپوهيو پير،
قمر پاڙي ڪير، شمس سپيرين سين.

رهبر جي رهنمائي اسان کي دين جي صحيح راهه ڏيکاري ٿي. دنيا ۾ جيڪي بيو ڪجهہ آهي اُهو ايمان ۽ فرض ادائي آهي. ايمان لاءِ ڪلمي پڙهڻ کان اڳتي بہ ڪجهہ آهي. شاهه صاحب صاف لفظن ۾ اِها ڳالهہ سمجهائي:

اِن پر نہ ايمان، جئن ڪلمي گو ڪوٺائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

هندوءَ کي بہ چئي ٿو تہ سچو نہ آهين تہ جڻيو اجايو ٿو پائين. اکين ۾ لالڻ جي لالائي اتڪاءِ تہ منزل تي رسين. مطلب ٿيو تہ صحيح عمل ڪري معرفت ماڻ ۽ دنيا جا فرض بہ پورا ڪر. ڪو ماڻهو دنياوي فرض ۽ نوڪريءَ کان نٽائي رڳو کٽ تي سنئون ڏگهو ٿي پيو هجي تہ ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهندو سواءِ آرس ۽ سُستيءَ جي. شاهه صاحب ”اُٿي اور الله سين“ بہ چيو ۽ ”ڪر ڪو واڪو وس“ بہ چيو. ”ويٺي ور نہ پون سُتي ملن نہ سپرين“ غفلت ڇڏڻ جي ڳالهہ تہ ور ور ڪري چوي ٿو ”سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري“

عمل ئي سڀ ڪجهہ آهي. دين ۾ بہ دنيا ۾ بہ هڪڙو سال (1966) آءُ چين ۾ بہ رهيو ۽ پڙهيو آهيان. اُنهن جو لا دين (Secular) سماج بہ عمل تي بيٺل ڏٺم. ڳالهہ کي چٽو ڪرڻ لاءِ چند نمونا چين جي سماج جا بہ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. مون ڏٺو تہ منهنجي اداري (زبانن جي انسٽيٽيوٽ) جو وائس چانسلر ۽ پٽيوالو هڪبئي جون

ڏيوٽيون ڪندي نظر آيا. هڪ شام جيئن پنهنجي هاسٽل جي در جي شيشي جي طاق جي ڪولي اندر پيير پاتم تہ وائس چانسلر جي ڪائونٽر تي وينل ڏٺم جتي اڳ هڪ نہ ٻيو معمولي (منهنجي نظر ۾) ڪامريڊ وينل هوندو هو. منهنجو اچا وات ڦاٽل ئي رهجي ويو جو سائينءَ چيو: هتان وارو ڪامريڊ فلم ڏسڻ ويو آهي!

جڏهن 1966ع ۾ ثقافتي انقلاب آيو تہ اداري جي پرو وائس چانسلر کي هاسٽل جي پنيان سرون هڪ ڍڳ تان کڻي پرتي ويندي ڏٺم. مون وٽي هڪ سِر ۾ ادب ڪان هٿ وڌو تہ تڪڙو اچي ٻانهن کان جهلي درٻءَ مان اندر ڪمري ۾ آٽيندي دستوري لفظ جيڪي اُستاد چوندا هئا. ”چڱي طرح آرام ڪريو ۽ چڱي طرح پڙهو“ چيائين. اهڙا ڪئين مثال چين جا منهنجي ذهن ۾ آهن. هي بہ بيان ڪيا اٿم جيڪي چين جي سوشلسٽ سماج جي نشاندهي ڪن ٿا. ٻئي طرف اولهہ جو سرمائيداري نظام آهي. اسين انهن ٻنهي نظامن جو امتزاج رهيا آهيون، پر عمل ۾ اسين مونجهارن جو شڪار رهيا آهيون. اسلامي جمهوريہ جي دعويٰ جي باوجود عمل ۾ هڪ عجيب مڪسچر رهيا آهيون. عرض ڪيم تہ اداري جو اعليٰ آفيسر ۽ ادنيٰ ڪارڪن وقتي ڪرسيون بہ بدلائين ٿا. مغرب وارا ايئن نٿا ڪري سگهن. اسلامي اڪابر حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کان وٺي، ڪرسين بدلائڻ وارو عمل ڪندا آيا آهن. اڄ اسين ايئن نٿا ڪري سگهون. اسان جا اڪابر ۽ شاهہ عبد اللطيف اهڙي تلقين ڪندا آيا آهن. جي Work is worship چيو ويو تہ ”الڪاسب حبيب الله“ بہ چيو ويو. شاهہ صاحب ”اٽي چرخو چور“ چيو. وڏي واڪي چيائين:

ڪتڻ جي ڪا نہ ڪرئين، سُتي ساهيين هنڌ،
سيان اينديءِ اوچتي، عيد اگهاڙن گنڌ،
جِتُ سر تيون ڪنديءِ سنڌ، تِتِ سڪنديئن سينگار ڪي.

غفلت، انسان جي ازلي دشمن آهي. دين ۽ دنيا جي ڪمن ۾

غفلت جهڙي نقصان ڪار ٻي ڪا به شئي نه آهي. شاهه صاحب اُن لاءِ چٽا چٽا اشارا ڪيا آهن:

سُتا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
تو جو سائيهه پانئيو، سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نه ملي.

شاهه عبد اللطيف سراسر هڪ رهبر ۽ معلم آهي. زندگيءَ جي هر پل ۾ رهبري ۽ مدد ڪري ٿو. ڪو پهلو اهڙو نه آهي جنهن جي اسان کي هدايت نه ڏيندو هجي. مثال گهڻا آهن، بيت گهڻا آهن، انهن جو بيان گهڻو آهي، پر بسم الله ئي بس آهي.

باب ٽيون

# مهربان

پيارا ٻارو ۽ نوجوانو!

هي عنوان نئون، منفرد ۽ انوکو لڳندو. گهڻو بيان نہ ٿيو آهي. شاهہ صاحب جو رويو ڪيترو همدردانہ، پُر جوش، محبت ۽ مهربانيءَ وارو آهي، اُن کي هن باب ۾ مد نظر رکيو ويو آهي. نصيحت ڪري ٿو تہ نرم لهجي ۾، سهڻن لفظن ۾ ۽ موثر انداز ۾. ليلا کي محسوس ڪرائي ٿو تہ ليلا ليلائي . . .چو جو هي ماڳ منٿ جو آهي، هٺ وڏائيءَ جي ڳالهہ ئي نہ آهي:

ليلا ليلائج، اٿئي ماڳ منٿ جو،
آسرو م لاهج، سڄڻ ٻاجهندڙ گهڻو.

هي جو عرض ڪيم تہ شاهہ عبد اللطيف جي سوانح عمريءَ ۾ گهڻو جيڪي ڪجهہ مليو آهي ۽ ڪلام ۾ جيڪي ڪجهہ چيو اٿس اُهو سندس شخصيت ۽ طبيعت ڏانهن گهڻي حد تائين صاف اشارا ڪري ٿو. خبر پوي ٿي تہ هي سگهورو انسان هڪ نرم دل وارو انسان هو. ڪيس دنيا جي جيڪا پرک ٿي، جيڪي هن پروڙيو سو سهڻن ۽ اثر وارن لفظن ۾ چيائين. شاهہ صاحب مدبر ۽ معلم هو اُن باري ۾ ڪجهہ چئي آيا سين. سندس زندگيءَ جو هڪ مهربان پهلو بہ آهي، تہ هُو هڪ سچو ۽ همدرد انسان بہ هو. عرض ڪريان تہ عظيم ڪارناما فقط عظيم انسان ئي ڪندا آهن. اهڙن انسانن جي سماجي ۽ مالي حيثيت اهڙي نہ بہ هجي جهڙي شاهوڪار ماڻهن، وڏيرن، رئيسن، نوابن، جاگيردارن ۽ بادشاهن جي هجي، اوهان کي خبر آهي

تہ شاهہ صاحب مالي طور اهڙي خاندان جو فرد هو جنهن کي وچولو طبقو(Middle Class) چئي سگهجي ٿو. مڙئي ماني مڇيءَ وارو هو. مريدن يا ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي خرچ تي نہ گذاريندو هو. هڪ سادي سودي ۽ مرنجان مرنج شخص سيد حبيب جو فرزند هو. سادي زندگي گذاريندو هو جنهن ۾ ٺاهہ ٺوهہ، ٺٽ ٺانگر ۽ شان شوڪت نہ هئي. ماڻهن سان محبت ۽ عزت وارا لاڳاپا هئا، اُنهن جي ئي ڳُٽپ هئي. جن ڪيس اُن پد ۽ حيثيت کان ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي اُهي ڪامياب نہ ٿيا. بادشاهہ توڙي مريدن جي خرچ تي گذاريندڙ پير بہ مذموم حرڪتن ۾ ناڪام ٿيا.اهڙين حرڪتن جو مٿان اثر ورتو هجي پر ڪنهن جو بہ دشمن ٿي نہ بيٺو. ڇو جو سندس پيغام، پيغام محبت هو. اِها سندس سوچ ۽ عمل جي بنيادي ڳالهہ هئي تہ هر ڪنهن سان نرميءَ ۽ محبت سان هلجي. ڪنهن جي بہ مَنائيءَ ۾ نہ رهجي بلڪ ميٺ محبت ۽ چڱائيءَ جو رويو رکجي. شاهہ صاحب جي پنهنجي طبع ۽ سوچ اهڙي هئي جهڙي هن ٻين جي ڏني يا ڏسڻ گهُري. محبوب لاءِ بہ ايئن چوي ٿو:

هُن تاري هُن هيٺ، هُتي منهنجا سپرين،
سجڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪڙا ٿين نہ ڪڏهن.

(شاهہ صاحب لاڙ جو هو. هُن ڪڏهن بہ اُتر جا اُچار اختيار نہ ڪيا هوندا. هن بيت ۾ ڪوڙا اختيار ڪيل آهي، جيڪو اُتر جو اچار آهي لاڙيءَ موجب ڪڙا ٿيندو.)

شاهہ صاحب هنڌ هنڌ محبت، ٻاجهہ، نهٺائي، چڱائي ۽ اهڙن لفظن جا هم معنيٰ ۽ مترادف لفظ ڪم آندا آهن. هُن سخت رويي جو جواب بہ نرم رويي سان ڏنو آهي. ٻاجين ۽ انهن جي هوڪي مان بہ مثبت معنيٰ ڪڍي آهي. چون ٿا تہ گهٽيءَ ۾ ڪنهن هوڪو ڏنو: "سُئا، پالڪ چوڪا" تہ شاهہ صاحب هڪدم اٿي وينو ۽ ٻين کي ٻڌائين "ابا اٿو اٿي ڏٽيءَ کي ياد ڪريو جو سٽو (سئا) پلڪ (پالڪ)

لاءِ سو چڪو (چوڪا.) سنڌي هوڪي جي هندي معنيٰ ڪيڍيائين. هر ڳالھ مان چڱو سبق وٺندو هو.

ميان نور محمد وٽ بہ ڪن ماڻهن شاهه صاحب ڏي رجوعات ڏسي شڪايت پهچائي. هُن جيڪي ڪجھ ڪيو سو شاهه صاحب کي هيٺاهين ڏيکارڻ ۽ سندس پٽ وائکي ڪرڻ لاءِ هو. جي اِنهن ڳالهين ۾ سؤ سيڪڙو سچ نہ بہ هجي تہ بہ سبق سمايل آهي.

__هڪ__ تہ شاهه صاحب کي محل ۾ گهرائي چند خوبصورت ٻانهيون سندس ڪمري ۾ روانيون ڪيائين. جن ناز نخرا ڪرڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو پر شاهه صاحب جو خيال انهن ڏي ويو ئي ڪونہ. اُهي ڦڪيون ٿي موٽي ويون. هِن باري ۾ شاهه صاحب جو بيت آهي :

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جي ڇورين ڏنا ڇال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

__ٻيو__ ماجون (معجون) جي دٻي ڏياري موڪليائين. اِهو شاهي دهشتگرديءَ جو هڪ شرمناڪ ۽ بد ترين مثال هو جيڪو هڪ بي قصور ۽ پر امن انسان خلاف ڪيو پئي ويو. هي نيڪ نيت ۽ پُر امن انسان درياءَ ۾ ٻيڙيءَ ۾ ويٺل هو. سو ڪٽي زهر جي دٻلي درياءَ ۾ اڇلايائين تہ پلي دريائي جيوت فائدو ورتي. ٿوري دير ۾ ڪي مئل مڇيون پاڻيءَ جي سطح تي ترندي نظر آيون.

__ٽيون__ حربو هي آزمايو ويو تہ هڪ ارڏي گهوڙي تحفي طور شاهه صاحب لاءِ رواني ڪئي ويئي. هِن نيڪ انسان گهوڙيءَ جو لغام يا آلياڻ جيڪو بہ هو، سو ڪٽي لاهي اُڇليو ڇي "واڳ ڏٽي ٽُنهنجي وس آءُ ڪا پاڻ وهيٽي". گهوڙي وِڪ، ڏُگ، رلو، مُن، پنڌ ڪندي سِراڙي تائين ويئي. شاهه صاحب کي ڪٽي واپس اچي پهتي.

ثابت ٿيو تہ واڳ جنهن جي هٿ ۾ هئي، تنهن حفاظت ڪئي. ميان جي هنن تحفن جي جواب ۾ هڪ تحفو ميان ڏي موڪليو جنهن کي ميان غلام شاهه خان ڄائو جو ڪلهوڙا گهراڻي جو

هڪ يگانو حاڪم بنيو. سچ آهي ته:

جووڙ جُڙي جن سين سو وڙ سيئي ڪن.

شاهه صاحب سراپا سچ هو. هن ڪنهن جي لاءِ بُرو نه سوچيو. هڪ ڳالهه هيءَ به سندس سوانح عمريءَ جي سلسلي ۾ بيان ٿي آهي ته هالن جي پيرن مان ڪنهن پٽ وارن سان ڪونس خاطر ڪي ماڻهو جهيڙي خاطر موڪلڻ گهريا ۽ اطلاع آيو ته اڄ رات حملو ٿيندو. مريدن ۾ ڊپ ۽ ڌهڪاءُ پيدا ٿيو. شاهه صاحب بيپرواهه ٿيو ويٺو هو ۽ مريدن کي چيائين ته حملو ڪنهن تي ٿيندو؟ اسان ته پاڻ ئي وڃائي ڇڏيو آهي. ڪو حملو ڪونه ٿيو. مٿن ڪي ڪير ماري ها. اهڙيون ڳالهيون ڪتابن ۾ آهن، پر هن لطيف کي ڏسو! هي ڪريم جو تڙ پوٽو ۽ محبوب شخصيت جو مالڪ آهي. هن ۾ شاهه ڪريم وارو صبر به آهي. ڪريم به خلق جي خدمت سبب خَلق ۾ پيارو هو. هُن جو خُلق به لطيف ۾ موجود هو. اُن ڪري اڳرائي ڪندڙ جي ڪريم ۽ لطيف کي پرواهه نه هئي. شاهه صاحب هن سلسلي ۾ جڙ پنهنجو منشور هيئن ظاهر ڪيو ته اُگرا لفظ ٻُڌي اوهين اُگرا لفظ نه ورجايو_ جو مُڙيو سو جُڙيو:

هُو چَوَنئي، تون نه چئو، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پانڌ ۾ پائي، وبو ڪيني وارو ڪين ڪي.

ههڙا اعليٰ گُڻ ڪن اعليٰ انسانن ۾ ئي هوندا آهن، جيڪي بخشڻهار کين بخشي ٿو ڏي، اُنهن ذريعي هُو انسانن جي تربيت ڪن ٿا. هُو مهربان اُن ڪري ٿا ليکجن، جو هُو رحمت اللعالمين جا سچا پچا اُمتي ۽ پوئلڳ آهن. خدا رحمت ڪري اهڙن نيڪ عاشقان رسول تي. رهنمائيءَ لاءِ جي شمعون ٻاري ويا آهن، اُهي اڄ به روشن آهن، ٿورو ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڪريمي ۽ لطيفي دفتر موجود آهن. پل پل رهنمائي ڪن ٿا.

شاهه جو رسالو علم جو سرچشمو آهي، اُهو اسان ۽ اوهان لاءِ ۽ خود شاهه صاحب جي ذات ۽ شخصيت اُن ۾ سمايل آهي. هي جي چند مثال ڏنا ويا سي فقط ڪي اشارا آهن. شاهه صاحب وڏن سان ڪيئن هليو نوجوانن سان ڪيئن هليو ۽ اوهين غور ڪريو ته ٻارن سان ڪيئن هليو هوندو؟ ڪيس پنهنجو ٻار ڪونه هو. اُن جي کوٽ نه محسوس ڪئي هوندائين؟ پدرانه شفقت جي پورائي ڪيئن ٿي هوندي! هي مهربان انسان ٻين جي ٻارن سان ڪيئن هليو هوندو! منهنجي خيال ۾ هُن پنهنجو پيار ٻارن، نوجوانن ۽ مريدن کي ڏنو. سندس بيتن ۽ واين ۾ ڏسبو ته لهجو تمام نرم آهي. ماءُ، جيجل ۽ اديون چوڻ ۾ شاعر جي محبت ظاهر ٿئي ٿي.

شاهه صاحب سنڌ جي جدا جدا حصن جا سير ڪيا ۽ روايت آهي ته شاهه ڪريم جي قبي لاءِ ڪاشيءَ جون سرون وٺڻ لاءِ ملتان به ويو هو. سنڌ جي ڏاڪڻين، الهندي ۽ اوڀر جو سير ڪيائين ۽ ماڻهن سان مليو. هن سير سفر جو بيان ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "لطيف سير" ۾ ڪيو آهي. اُن ڪان سواءِ محمد عرس سمي، محمد سومار شيخ، محمود يوسفاڻي ۽ ٻين ليکڪن ڪيو آهي. هن سفر ۾ جيڪي تجربا ۽ مشاهدا ماڻيائين، انهن جا عڪس "شاهه جي رسالي" ۾ موجود آهن. سُر سارنگ، مارئي ۽ ڪاهوڙي پڙهندا ته اوهان کي غريب ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ حال جي معلومات ملندي، سُر رامڪلي پڙهندا ته اوهان کي جوڳين، ڪاپڙين ۽ آدوتين جي زندگيءَ جو احوال ملندو. ايئن سر سامونڊي ۽ سري راڳ پڙهبو ته سمنڊ ۽ واپار جو احوال ملندو. گهاتوءَ جي سُر ۾ موورڙي مير بحر جو احوال ملندو. ڪاموڏ، نوريءَ بابت آهي، پر هن مان ڪينجهر ڍنڍ ۽ ميربحرن جو احوال ملندو. سسُئيءَ بابت پنج سُر آهن. سسئي ۽ ٻين سورمين جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. ڪلياڻ ۾ توحيد جو ذڪر آهي. ايئن هر هڪ سُرَ ۾ پنهنجو پنهنجو جدا مضمون آهي.

رسالي ۾ ڪي سُرَ ٻين جو ڪلام بہ آهي. اهڙي ڪلام کي ڌاريون يا رسالي جو ڪلام سڏيو ويو آهي.. اُهو دلچسپ بہ آهي. اِنهن ئي سُرن ۾ هڪڙو سُر ڏناسري آهي. اُهو ڏناسري راڳڻيءَ ۾ موزون (Compose) ڪيو ويو آهي، پر ڏناسري واڪاڻ جي مفهوم ۾ بہ اچي سگهي ٿو (آهي بہ ايئن). هِن ۾ پيرن جي واڪاڻ آهي ۽ خود شاھ صاحب جي تعريف بہ ڪئي ويئي آهي. هِن سُرَ ۾ جن شاعرن جو ڪلام آهي سي آهن: حبيب، بلال، عنايت (شايد ڏيرو) ۽ ڪي ٻيا جن جا نالا ظاهر نہ آهن.

جن پيرن جا نالا آيا آهن، اُهي آهن: شاھ عبد القادر جيلاني، بهاءُ الدين (ذڪريا)، حبيب ۽ لطيف. لالاٽيءَ جي بہ واڪاڻ ٿيل آهي، اُهو شاھ عبد الڪريم بلڙيءَ واري جو والد هو ۽ مزار بدين ويجهو اٿس. شاھ عبد اللطيف جي تعريف ۾ شاعر هيئن چوي ٿو:

پنبڻيون پير ڪري، سنبھ ڏانهن سعيد،
جمعون شاھ جمال جو عبد اللطيف عيد،
مٿان مون مرشيد، قرض لاهي قبي ڏٽي.

ڏناسريءَ کان سواءِ سُر بيراڳ هندي، سُر هير رانجهو بروو چوٽڪو ڍول مارئي، بسنت ۽ شينهن ڪيڏارو بہ ڌاريا ڄاتا ويا آهن. مولانا روميءَ جي مثنوي ۽ ڪي فارسي غزل بہ پراڻن ڇاپن ۾ آهن. ڪي داستان ۽ انفرادي بيت بہ ٻين شاعرن جا انهن ڇاپن ۾ هئا. هي ڌاريان سُرَ جيڪي ٻين ٻولين ۾ آهن اُنهن کي زبان جي ڪري ئي ڌاريون ڪلام ڄاتو ويو آهي. ايئن ٿي سگهي ٿو. سُر ڍول مارئيءَ تي مون هڪ مقالو معنوي لحاظ کان اڳ لکيو ۽ ڀٽ شاھ تي 2007ع ۾ پيش ڪيو. هن سُر ۾ قصي جي خاص ڳالھ هيءَ آهي تہ هن ۾ عمر، مارئي ۽ کيٿ تي بنيادي ڪردار آهن، تہ ڍول مارئيءَ ۾ ڍولو مارو ۽ اُمره اهم ڪردار آهن. هن داستان جي پهرين پهرين اُپٽار پروفيسر جهمٽ مل خوبچند ياوناڻيءَ ڀوپال مان شايع ٿيل پنهنجي ڪتاب

"ڍولامارو" ۾ ڪئي. سُر مارئي ۾ لفظ "مارو" مارئيءَ جي مائٽن لاءِ آيو آهي. (هِن مند مارو سنرا) ۽ "ڍولا" لفظ هن انداز ۾ آيو آهي:

پرچن شال پنهوار ڍولا مارو مون سين.

سُر مومل راڻي ۾ لفظ ڍولو يا ڍوليو راڻي لاءِ آيو آهي. سنڌ ۾ اڄ بہ ڍولو نالو رکن ٿا. هڪڙي سُر جي ڳالهہ آءُ اوهان سان ڪرڻ گهرندس. هي سُر آهي بسنت بهار. نيڪ روشن هجي تہ امير خسرو راڳڻي بسنت ۾ ايراني راڳڻي بهار جو آهنگ شامل ڪيو. رسالي جي سُرن ۾ هي سُر بسنت بهار آخر ۾ رکيل آهي. هن جي زبان ڪٿي ڪٿي هندي ګاڏڙ آهي ۽ منجهس ڪن اڻ ڄاتل شاعرن جو ڪلام آهي. سُر بسنت بهار ۾ ڪل 11 بيت ۽ هڪ وائي آهي. اُنهن بيتن کي آءُ اوهان جي اڀياس لاءِ اُن ڪري نقل ڪريان ٿو جو اهي نون ڇاپن ۾ ڪونہ آهن. گنج ۾ بہ نہ آهن. هتي مرزا قليچ بيگ جي رسالي مان سُر بسنت بهار نقل ڪريان ٿو جيئن اوهين هن سُر جو اڀياس ڪري سگهو:

آئي رُت بسنت کي، ڪنٺهار ڪڙيا،
خستوري خوشبوءِ تي اڇي پوئر پريا،
مون کي محب مڙيا، لٿا ڏک سک ٿيا.

—

آئي رُت بسنت کي، ڪڙيا ڪنٺهار،
اُٿي ڳوري ويس ڪر، آئي بسنت بهار.

—

آئي رُت بسنت کي، ڪجورئين ڳل هار،
اُٿي ڳوري بيس ڪر، آيو بسنت بهار.

—

آئي رت بسنت کي، ڇپر مڪو مند،
اُٿي ڳوري بيس ڪر، جُہ آيو بهار بسند.

—

آئي رت بسنت جي، پانهي مڪو بوند،
لالي ڏيکو لال کي، هيڪرو وڃي هوند،
اُمت جي آخوند، آرڙ سڀ اُباڻيا.

—

اُڏ مبا اوڏاڻ، رت سهائي سڄڻين،
لڳي واءُ وڻن کي، ڇڻيا پن پُراڻ،
پهريائون پهراڻ، سڪائي ساوا ٿيا.

—

آئي رت بسنت جي، ڦولي سڀ وڻارا،
ايڪ نه ڦولي ڪيتڪي، اور سُڪتي جاءِ.

—

انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڦوليون ڦڳڻ مانهن،
اي لالڻ لاڪو چوي، سي آءُ ڪريان ڪانهن.

—

جي سڄڻ هُئي مون پانهن ته ڦل پسيو ڦولي هنيون،
انگوريون ۽ ڪيت ڪيون، ڦوليون ڦڳڻ هيل.

—

اي لالڻ لاڪو چوي، سي آءُ پانيان سيل،
جي سڄڻ هُئي مون پيل، ته ڦل پيسو ڦولي هنيون.

—

رُتيان سڀ پليان، ڪائي نه بسنت جوڙ،
جي وڻ پاڙي ساڙيا، تنين متي موڙ.

—

رُتيان سڀ پليان، ڪائي نه بسنت تل،
جي وڻ پاري ساڙيا، تنين متي گل.

—

وائي

اچ سجڻ گهر آيم جيڏيون،
الله اُميدون پڇايم اِيڏيون.
اچ سجڻ گهر آيم جيڏيون،
پيرين فقيرين پوندس پيرين،
کيم سڪائون جن سان ڪيڏيون.

ٻن بيتن ۾ لاڪي جو تخلص آيل آهي. هن باري ۾ پروفيسر محبوب علي چنه پهرين پهرين پنهنجي مقالي ۾ نشاندهي ڪئي تہ لاڪو مخدوم نوح جي خانداني جو بزرگ لاڪو ؒ اف الله آهي. هي لاڪو تخلص وارا بيت اُن جا آهن (نذر لطيف 93). گمان ڪيدي سگهجي ٿو تہ اِهي يارهن ئي بيت انهيءَ بزرگ جا هجن. بهرحال زبان ۽ بيان موجب هي بيت معياري ۽ پُر ڪشش آهن.

پيارا ٻارو ۽ نوجوانو!! نيڪ روشن هجي تہ "شاهہ جو رسالو" هڪ پر ڪشش ڪتاب آهي. اوهان جي وهي ڪتابن پڙهڻ جي آهي. رسالو پهرين 1866ع ۾ ڊاڪٽر ٽرومپ جرمنيءَ مان شايع ڪيو ۽ پوءِ اُن جا ڪيترا ئي ڇاپا آيا. انهن مان ڪن ۾ معنائون ۽ سمجهاڻيون بہ لکيل آهن. اوهان وٽ جي "شاهہ جو رسالو" موجود نہ آهي تہ بازار مان وٺي اچو (آءُ ان وچ ۾ قلم روڪيان ٿو).

اُميد آهي تہ اوهين پنهنجي لاءِ رسالو وٺي آيا هوندا. رسالو خود هڪ سمجهاڻي آهي. بيت ڏکيا ڪونہ آهن. اوهان ڪي پنهنجي مادري زبان ۾ بيت سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪونہ ٿيندي جيڪي ڳالهيون ڪري آيا آهيون، انهن سان گڏ ڪي ڪتاب بہ پڙهڻ کپن. اهڙا ڪتاب هن ليکڪ جي ڪتاب "شاهہ لطيف تي ببليو گرافي" ۾ درج ٿيل آهن. اُن فهرست ۾ ضروري ڪتاب يقيناً اوهان کي مدد ڏيندا.

هن ليکڪ بہ شاهہ صاحب بابت ڪي ڪتاب لکيا آهن. اُنهن جو ذڪر ڪيل ببليوگرافي ۾ ٻيا هي ڪتاب آهن:

1. ”ڪنز اللطيف“ (رسالي جي ڇاپن ۽ ترجمن بابت معلومات)
2. ”ڪشف الابيات“ (رسالي جي بيتن جي الف بي وار ڏسٽي).
3. ”لطيف ڪوئز“ شاهه جي رسالي جو مطالعو ”شاهه عبداللطيف“ (اردو) اِنهن کان سواءِ شاهه صاحب بابت معلومات رسالن، جرنلن ۽ ادبي تاريخن ۾ بہ آهي.

هن پهرين ڀاڱي ۾ شاهه صاحب جي ڪلام بابت بنيادي معلومات ملي، اڳتي اڀياس لاءِ ايندڙ ٻيو ڀاڱو پڙهجي جنهن ۾ رسالي جي ڪن سُرن ۽ موضوعن تي لکيو ويو آهي. نسبتاً گوڙهي اڀياس لاءِ اِهو ضروري آهي. شاهه جي رسالي بابت ٻيا بہ ڪتاب آهن انهن جو بہ مطالعو فائديمند آهي.

# پاڳو پيو

رسالي جا بنيادي انگ اکر ۽ سُرن کي سمجهڻ

باب پھريون

# رهنما

پيارا ٻارو!

هن ڪان اڳ ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ شاهه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جي گفتگو جي اُن انداز جو ذڪر ڪيو سين جنهن موجب هُو هڪ مدبر، معلم ۽ مهربان آهي. سندس اِن انداز جو ٻيو پهلو هن ٻئي ڀاڱي ۾ سڪندا سين. جنهن موجب هُو هر دؤر جو شاعر ۽ معلم آهي ۽ سندس رسالو مختلف سُرن ۾ اسان کي ڇا ٿو سيکاري. هن سلسلي ۾ رسالي جي بيتن ۾ ڏسبو ته ڪهڙي ريت اُنهن مان اسان کي علم حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪيئن شاهه صاحب هر دور جو رهنما آهي؟

اوهان کي معلوم آهي ته شاهه صاحب ۾ هر معلم ۽ رهنما جون سڀ خوبيون موجود آهن. هُو هن منصب جي پورائي شعر وسيلي ڪري ٿو ۽ رهنمائي ڪري ٿو.

دنيا جا رهبر، اڪابر، دانشور ۽ عظيم شاعر انسان ذات لاءِ هڪ پيغام ڪٺي اچن ٿا. سندن رهنمائي تاريخ جي ورقن ۾ صدين ۽ ڪسابن کان موجود آهي. اهڙن اڪابرن ۽ رهنمائن جو عمل ۽ گفتو دنيا جي ڪنهن هڪ خطي تي نه بلڪ وسيع دنيا تي اثر ڪندو رهيو آهي. نبين ۽ ولين جي ڳالهه ٻي آهي. انهن جي رهبري ۽ هدايت جو ڪينواس وسيع آهي. شاعرن طرفان اثر ۽ رهبريءَ جو دائرو به ايراضيءَ ۽ وقت جي لحاظ کان محدود ڪونهي. اسان جا اڪثر مشرقي شاعر درويش ۽ صوفي به آهن. اُنهن ۾ شاهه عبد اللطيف ڀٽائي هڪ عظيم شاعر آهي. سندس شاعريءَ جي اثر جو دائرو وسيع آهي.

اِهو اڇڻ واري وقت تي بہ محيط آهي. سندس لفظ فقط شاعرانہ خوبين کي ظاهر ڪونہ ٿا ڪن، پر سراسر هدايت ۽ رهنمائيءَ جو مُوجب آهن.

انسان جي فطرت ۾ غفلت جو بہ هڪ عنصر آهي. اڪابر ۽ شاعر اُن کي سجاڳ ڪن ٿا ۽ مقصد جي حاصلات ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. شاهه عبد اللطيف هن سلسلي ۾ فرمائي ٿو:

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

عزم ۽ پڪي ارادي سان انسان کي اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪري ٿو :

تتي تڏي ڪاهہ ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پرين جو.

ديني پس منظر ۾ عقيدي جي پختگيءَ لاءِ فرمائي ٿو :

وحدهٗ لا شريڪ لہٗ، جان ٿو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نر تون منجهان نينهن،
سو تو وڃئو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي!

دنيا کي اڄ امن، آشتي، دوستي، سهپ ۽ ڀائيچاري جي اشد ضرورت آهي. سهپ ۽ برداشت هڪ اهڙو رويو آهي جنهن ذريعي ٻئي جي دل وٺي سگهجي ٿي. درگذر ڪري تعلقات ۽ حالات کي بهتر بنائي سگهجي ٿو ۽ اڱرائيءَ کان پاسو ڪري حسد ۽ ڪيني کان بچي سگهجي ٿو. شاهه صاحب هن سلسلي ۾ واضح هدايتون ڏي ٿو:

هُو چَوَنئي تون م چئو، واتون ورائي،
اڱ اڱرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پانڌ ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

شاهه صاحب پنهنجي ڳالهہ ڪردارن جي حوالي سان ڪري

ٿو. اُنهن ۾ بہ سورميون خاص طور اهميت رکن ٿيون. اِنهن سورمين جو ڪردار منفرد آهي. سسئي جو ڪردار جدوجهد ۽ مقصد جي حاصلات کي ظاهر ڪري ٿو. هيءَ فقط هڪ عورت جي ذاتي جدوجهد نہ آهي جا هوءَ پنهنجي ور لاءِ ڪري ٿي، بلڪ هيءَ جاکوڙ هڪ انسان لاءِ نصيحت آهي تہ عَزم ۽ اُدم سان اڳتي وڌندو رهي ۽ نيٺ وڃي منزل ماڻي:

ٿڪيائي ٿر ٿيلهہ، چَڙهہ چُڪيائي چوٽيين،
هلندي هوت پنهون ڏي، پؤ مڙيئي پيل،
اُتــي رائــو ريــل، ويــنــن تــان واري وري.

هن لاءِ سؤلو يا اڙانگو ۽ ڏکيو پنڌ ڪا رڪاوٽ نہ آهي. هُن جو عزم جوان آهي ۽ ڏونگر ڪا حيثيت نٿو رکي:

آڏ تــراڇــا آهُــڙا، ڏونــگــر ڪــي ڏاڪــا،
وتــي ور واٽ ٿــيــا، بــر چــڙهــي بــاڪــا،
ڦٽيا پير فقير جا، چڙهي چڙهاڪا،
هُين جيءَ اندر جاڪا، ويا پڄائي پانهنجي.

سسئيءَ کي گهڻيون هدايتون ڏي ٿو تہ پنيور ۾ نہ ويهہ، ڪيچن پٺيان وڃ، جن غفلت ڪئي تن مقصد حاصل نہ ڪيو. انهن هدايتن جي اثر هيٺ ۽ پنهنجي عمل ۽ عزم تحت سسئي ڏونگر کي بہ هڪل ڪري چوي ٿي تہ ڏونگر منهنجي رستي مان هٽي وڃ متان توکي رتيون ۽ پرزا ڪري ڇڏيان. ان ڪري ٿڏي تتي هلندي وڃي. ڪنهن ڳالهہ جي پرواهہ نہ ٿي ڪري:

ڪين ڏر تتي ماءُ، ڪين جرسندي سڄڻين،
هــلــيءِ واجــهــاءِ، پــنــهــي جــيــرن وچ ۾.

ائين هر سورميءَ جو ڪردار ۽ عمل رسالي ۾ سج وانگر ٻکي پيو. انسان جي عمل ۾ غلطي ۽ پڇتاءُ جو رويو تہ آهي ئي آهي. رسالي

موجب ليلا ۽ مومل غلطي ڪرڻ کان پوءِ پڇتاءَ ظاهر ڪن ٿيون. ليلا کي برملا چوي ٿو تہ چنيسر جي چاڳ ۽ محبت تي موهجي وري هار کي اهميت ڏنئي. هاڻي محل مان نڪر ۽ وڃي مائٽن ۾ رهہ :

ليلا چڏ لِهور، وڃ پنهنجي مائٽين،
ابو ڏاڏو گهور، چنيسر جي چاڳ تان.

ليلائي نہ لهين تہ پڻ ليلائج پر اِها غلطي معاف ڪرڻ جهڙي نہ آهي. مذهب ۾ هن کي شرڪ ٿو چئجي. مومل بہ اِهو ئي ڪيو هو. شاعر ان نُڪتي کي پورو پورو سمجهيو ۽ صاف صاف چيائين تہ هي تو ڇا ڪيو؟ ليلا کي چوي ٿو:

هيين گهڻو هوشيار ڪل بہ هُيَئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڳچيءَ پائي هار،
ڪانڌ ڪُوڙيءَ جو نہ وٺي، سئين پتين سينگار،
وهم لهي وينجهار، دليون پرکي واسڙو.

موجوده دنيا جي حالات تي اچو ۽ پنهنجي مقامي ۽ ملڪي صورتحال تي اچو تہ اسين ۽ اسان جي ملڪ جا ماڻهو پنهنجو فرض ڪيئن پيا نباهين. توڙي جن سان واسطو آهي انهن جو عمل ڪهڙو آهي؟ اسان جي سياسي، سماجي ۽ مالياتي شعبن ۾ حالت ڪهڙي آهي؟ ڇا انهن کي سڌارڻ لاءِ ضروري ۽ ڀرپور قدم جي گهرج آهي؟ انهن سوالن جو جواب اثبات ۾ آهي. شاهہ عبداللطيف انهيءَ سلسلي ۾ رهنمائي ڪري ٿو. ڏاڍي کي دڙڪو ٿو ڏي:

متو آهين مڇ، ٿُلها تو ٿونا هڻين،
توجا پانئي آڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

ڏاڍ، ظلم، دهشت ۽ استعمار خلاف آواز بلند ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. ڪنهن بہ معاملي ۽ مسئلي کي خود سمجهڻ، ٻين کي ذهن نشين ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ اهليت ۽ حڪمت عملي کپي.

اهڙا ماڻهو منجهي پوندا آهن جيڪي رڳو قابليت جا وڏي واڪ اعلان ڪندا آهن. اهڙن لاءِ شاهه صاحب سُر گهاتو ۾ چوي ٿو:

گهنگهريا گهڻ ڄاڻ، مُوڙهي مَت مهائيين،
ويا گڏجي وِيرَ ۾، پيا مُنهن مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وسري.

اُن جي اُبتڙ سمجهه ڪيي جنهن سان انفرادي ۽ اجتماعي مسئلا حل ڪري سگهجن. اهڙي عمل لاءِ دُور انديشي گهرجي. اُن لاءِ پهرين ڏيان ۽ خبرداري گهرجي. شاهه صاحب پنهنجين سورمين کي بلند آهنگ سان صلاح ٿو ڏي:

ساري سک سبق شريعت سندو سهڻي،
ستي تنهنجي سَت ۾ ڳالهه گهرجي ڳچ.

اهڙي طرح هدايت ۽ صلاح ڏي ٿو اُنهن ۾ همت پيدا ڪري ٿو جئن سچ ۽ ڪوڙ جي تميز ڪري سگهن. دنيا موجوده وقت ۾ بربادي‌ءَ جا اهڙا رنگ پئي ڏسي، ظلم ۽ استعمار جا روپ پئي پسي جن جو ادراڪ فقط اڪابر ئي ڪري سگهن ٿا. پاڪستان ۽ دنيا جي اڪابرن تي ذمه داري لاڳو ٿئي ٿي ته ظلم، بربريت، استعمار ۽ پرماريت جي بنياد کي ختم ڪرڻ لاءِ پڪو عزم ڪن ۽ تدبر سان پروڙي پير کڻن، جيئن مثبت نتيجا حاصل ڪري سگهجن. شاهه صاحب هن سلسلي ۾ رهبري ڪري ٿو. هن جو ڪلام اڄ به سياسي، سماجي ۽ معاشي روين جي نمائندگي ڪري ٿو. غريب ۽ مارو ماڻهن، جاڪوڙين ۽ ڪاهوڙين جي زندگي‌ءَ جا نقش چٽي ٿو. غريب ئي دنيا ۾ اڪثريت ۾ آهن. مارو ۽ مزور، هاري ۽ هنر مند ئي گهٽائي‌ءَ ۾ آهن. دنيا بنيادي طور اڄ به ٻن بلاڪن ۾ ورهايل آهي. انهن ۾ معيشت جو سڄو ڍانچو محنت ڪش طبقن جو مرهونِ منت آهي. انهن جا به هٿ هڪ وات لاءِ گرهه مهيا ڪن ٿا. شاهه صاحب سُر ڪاهوڙي‌ءَ ۾ سنئون

سڌو محنت ڪشن کي داد ڏي ٿو. اُنهن جي محنت ۽ ڪم ۾ مشغوليءَ کي طرح طرح طريقن ۽ لفظن ۾ بيان ڪري ٿو. اُهي معيشت کي پنهنجي پگهر سان ٽيڪ ڏين ٿا پر سماج ۾ انهن طبقن جو نوٽيس شاهه صاحب ورتو ۽ کلي ڳالهه ڪيائين. اُن ۾ سامراج جي ڪا به پرواهه نه ڪيائين. اُن وقت جو سامراج ۽ شخصي حڪومتون وڏيڪ با اختيار ۽ چڙواڳ هيون. بيٺي بيٺي زهر آلود معجون جون دبليون پيون ڏينديون هيون. شاهه صاحب کي به ڏنائون، ڪيس سرڪش گهوڙيءَ تي چاڙهيائون ۽ ٻيا حيلا هلايائون، توڙي ترڪتال ڪيائون پر شاهه صاحب اهڙن نينگن ۽ ڪڏڪارن کان متاثر نه ٿيو. هُن غريب ۽ ابوجهه عوام جي حمايت جاري رکي. اهڙن لاءِ چوي ٿو:

دلق گڏيو ڏوڙ ۾، پُڪليا پُٽن،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پڌر پئي نه ڪن،
ڪا من آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.

—

هُو ڏوٿي هو ڏوينهن، هو ڏونگر هو لڪيون،
ڪنهن جنهن لڌا نينهن، پُٽان لهسن لڪ ۾.

ڪاهوڙين جو قُوت ۽ گذران لاءِ ڪهڙو حال ۽ ڪهڙي جاکوڙ آهي، تنهن باري ۾ شاهه صاحب چوي ٿو:

مون ڪاهوڙي لَکيا، ويهي نه وير م ڪن،
ڏينهن تتي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قُوت ڪهن،
جهنگ ۾ جهٽڪن، جو ڏوٿيءَ ڏٺ ٿيا.

موجوده دنيا باوجود ڪن تضادن جي، محنت، پيداوار ۽ محنت ڪش جي اثر هيٺ آهي. موجوده دؤر موجوده حالات ۽ سياست ٻٽن چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي. شاهه صاحب جي تعليم هن وقت اڃان به وڌيڪ اهميت رکي ٿي، موجوده وقت جا

سياسي، سماجي ۽ معاشي رهبر اڪيون منهن ڪري هلندا تڏهن مس حالات جو مقابلو ڪري سگهندا. شاھ جو رسالو ڪو فقط ادبي دستاويز ۽ خالي هدايتن جو ڪتاب نہ آهي، بلڪ عمل ڪرڻ جهڙين ڳالهين سان ڀرپور آهي. ظاهر ۾ نيم تاريخي داستانن، سورمن ۽ سورمين جي بيان ڪي ظاهر ڪري ٿو پر رسالي جو پيغام نهايت چٽو ۽ دل سان هنڊائڻ ۽ عمل ڪرڻ جهڙو آهي. موضوعن جي لحاظ کان رسالي جي پيغام تي تفصيل سان لکڻ ۽ اُن جي اُپٽار جي گهڻي ضرورت آهي.

باب پهريون

# ڍول مارئي

معلوم هجڻ ڪپي تہ رسالي ۾ ڪي سُرَ اهڙا بہ آهن جيڪي شاهہ صاحب نہ چيا آهن. اُنهن ۾ هڪ سُر ڍول مارئي بہ آهي. اُنهن بابت بنيادي معلومات هيءَ آهي:

شاهہ جي رسالي ۾ ڏارئين ڪلام تي بحث ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽر بلوچ اُن کي رسالي جي ڪلام جي عنوان سان پنهنجي ڏهہ جلدي ترتيب ۾ ڏهين جلد ۾ رکيو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڏاريون ڪلام ڌار ڪيو ۽ ڪانئس اڳ وارن رسالن ۾ اُهو موجود آهي. اُن ڌارئين جاٽايل ڪلام ۾ سُر ڍول مارئي بہ آهي. هونئن هي سُر اڳ وارن رسالن گنج، بمبئي، سرڪاري ۽ قليچ ۾ هو. پوءِ وارن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ شامل رکيو. پٺائي جا اڪثر راڳي بہ ڳائيندا اچن. پير صاحب غلام شاهہ جي آواز ۾ بہ ڍول مارئي جي رڪارڊنگ موجود آهي. هن سُر وارو داستان مارئيءَ جي داستان سان ڪن ڪن ڳالهين ۽ اهڃاڻن ۾ مشابہ آهي. شاهہ جي رسالي ۾ بہ هي سُر مارئيءَ جي پٺيان آندل آهي.

ڍول مارو جو داستان راجستان جي ڪٿائن ۽ ڪتابن ۾ موجود آهي جن ۾ هڪ ڪتاب "سوريہ ڪرڻ پارڪ جو راجستاني لوڪ گيت" بہ آهي. ڀوپال جي اسڪالر جهمٽ مل خوبچند ڀاوناڻي هي داستان پنهنجي ڪتاب "ڍولا مارو" ۾ آندو. جيڪو 1956ع ۾ هندوستان ڪتاب گهر بمبئي مان شايع ٿيو. (1) ڪتاب ڍولا مارو موجب نرور ۽ پنگل ديس جي حاڪمن جي اولاد ڍولا ۽ مارو (سورمي)

جي پاڻ ۾ محبت هئي. ٻي قوت اومره سُمره هو جيڪو ڪردار عمر سومري جي حيثيت جو آهي. انهيءَ لحاظ کان ٻنهي قصن جون ٽمورتيون هڪ جهڙيون آهن. ايئن داستانن جي مختلف روايتن ۽ متنن ۾ فرق بہ آهي. محترم محمد عثمان اديب ٿر جي لوڪ ڪهاڻين ۽ قصن بابت ڪي ڪتاب لکيا جن ۾ راجستاني قصا بہ شامل آهن. هنن جو شعري متن ڊاتڪي يا راجستاني ٻوليءَ ۾ آهي. (2) محترم اديب پنهنجي تاليف "ٿر جون لوڪ ڪهاڻيون" ۾ ٻين داستانن سان گڏ "ڍولي ماروئل جي ڳالهہ" جي عنوان سان هي قصو ڊاتڪي بيتن ۽ نثري ترجمي سان بيان ڪيو آهي. اُن موجب ڍولو راجستان جي راجا نرهڙ (نل) جو پٽ هو. خوبصورت، بهادر ۽ گهوڙيسوار هو. ٻئي پاسي پُونگ قلعي ۾ قلعيدار پينگڙ راءِ (پنگل) هو جنهن جي ڌيءَ راجپوت رمڻي ماروئل هئي. (3) هن متن موجب ڍولو هڪ ٻي عورت مارڻ لوهارڻ سان مليل ٿو ۽ اُن جي محبت ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو. هن روماني داستان جا اهڃاڻ بہ دلچسپ آهن. وقت گذرڻ سان ڍولي کي مارو جي ياد ڏياري وڃي ٿي تہ پوءِ مارڻ لوهارڻ کان موڪلائي پوئتي وري مارو وٽ اچي ٿو. هن متن ۾ بہ ڪيئي ڊاتڪي بيت آهن جيڪي ادبي چاشنيءَ سان ڀرپور آهن. مثال مارو جي حسن جو بيان هيئن ٿو ڪيو وڃي:

سانهلي ڏُوڙي اُجواس پيو
هُون جاڻان بيجليان،
ماروئل پاسو ڦيريو چمڪي پاسيڙيان (4)

هنن دوهن جي مقابلي ۾ رسالي جي سُرَ ڍول مارئيءَ ۾ زبان ڪٿي سنڌيءَ کي ويجهي بہ اچي ٿي. 18 دوها ۽ 2 وايون آهن. هن ڪلام ۾ ڍولي کي اِهو محسوس ڪرايو ويو آهي تہ مارو جهڙي محبت ڪرڻ واري ۽ خوبصورت وينگس تو پاڻ کان ڏار ڪيئن ڪئي. هي دوها سراپا نويسيءَ جو بہ شاهڪار آهن. پهرئين بيت ۽ دوهي ۾ شاعر چوي ٿو:

اُتر واءُ ڪوندي، پهلي موسم مينهن،
ٻالاپڻ رو نينهن، والا جم وسارئين.

(اُتر جي واءُ ڪانپوءِ موسم جو پهريون مينهن پيو ۽ تو پيارا ننڍپڻ وارو نينهن ڪيئن وساريو) هي شعر دوهي بدران بيت جي هيئت ۾ آهي. ڍولي کي ياد ڪري مارو ساوڻ مينهن جي اچڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي. هت ڍولي جي ديس نرور جو بہ اشارو موجود آهي:

اُتر ڏِسان آوٽيان، ڏکڻ ساوٽيان،
ڍولو نرور سپيرين، ڏن ٻکر ڪريان،
پڇو ڪونجڙيان، تہ ڪون هنياري سڄٽين.

(اُتر جون هوائون بہ آيون، ڏکڻ جون سانوٽيون بہ پري ڪونهن، ڍولو نرور ديس ۾ ٻڪرين جي ڌڻ سان آهي. ڪونجن کان پڇان تہ سڄڻ ڪٿي آهي). ٻي سٽ جي ٻئي پد جي ٻي پڙهٽي: "ڌڻ ٻڪر ڪڙيان" بہ آهي.

شاعر مارو (مارئي) جي حسن جو بيان نهايت رومان پرور انداز ۾ ۽ خوبصورت تشبيهن سان آندو آهي. مارو جي جسم جي نرمي ۽ سنهي هجڻ جي تشبيهہ کجور سان ڏئي ٿو:

ڍولا مارئي ايسي پاتلي، جيسي رين کجور،
منهن ميٺي گُڙ گهٽي، تو ڪئن ڇڏي دور؟

هن دوهي جي آخري پد جي زبان صاف سنڌي آهي. اهڙي طرح هي دوهو بہ خوبصورت تشبيهہ سان بيان ڪيو ويو آهي:

ڱونجان رات ڪريڙيو ٿولي ٿولي بيس،
سُتي ڍولو سنيريو اُرلي ياڳي اِيس.

(ڪونجن ويهن ويهن جي ٿولين ۾ آواز ڪيا. مون کي سُتي ڍولو ياد پيو ۽ کٽ جي اِيس پڇي پئي).

هتي "سُتي ڍولو سنيريو" سنڌيءَ ۾ آهي. ايئن دوها مختلف تشبيهن ۽ استعارن ۾ بيان ڪيا ويا آهن. شعر ۾ رومانيت ۽ حسن پيدا ڪيو ويو آهي:

اُيي سورج سامهين، متو پري ميٿ،
تاس نپني پيٿ، هيمر _ ورني مارئي.

(هن دوهي ۾ مارو جي ماءُ جي حوالي سان چيل آهي تہ سج سامهون متو ميٿ سان پري بيٺي تڏهن ئي سون جهڙي مارئيءَ کي جنم ڏنائين).

وٽن ۽ پوکن جون تشبيهون هيئن اچن ٿيون:

ڍاتي جي ڍول ملي تہ ڍولا نون کهيج،
ڪرسڻ پڪو ڪڻ چٽيو، لائو آپ ڪريج.

(ڍولي کي چئج تہ پوک پڪي تہ داٽا چٽيا. لاباروا چي ڪج)

هڪ دوهي ۾ شاعر مارو کي پڪل گول سان تشبيه ڏي ٿو:

آما پڪا آمٽين، وڻ پڪا وٽيان،
گوري پڪي گول جئن، رس وهي نيٽان.

هنن دوهن ۽ بيتن کان سواءِ زبان جي لحاظ کان هڪ وائي تہ بلڪل سنڌيءَ ۾ آهي:

مارو مون کي مليو وڏن حيلن ساڻ،
گهر جو ڪرم منگتو درد پيتم پليو
ڪوڙئين پانيڻ ڪيترا، وجهن ڪڏن ڪليو
نڪليا نرور،سپرين، راجا رلمل رليو.

—

سوئي آيم سپرين، جي جني لئي جليو
چوڪيون چاري ڪيترا، وينا واٿون جهليو.

نيڪ روشن هجي تہ رسالي جي ڏارئين ڪلام ۾ سنڌيءَ کان سواءِ ٻيو ڪلام نشانبر ڄاتو ويو آهي. اُهو هندي، سرائيڪي ۽ فارسي ڪلام آهي. اُهو شاهہ صاحب جو ناهي. سُر ڍول مارئي لاءِ بہ اِهو چئي نٿو سگهجي تہ هي سُر هرو ڀرو شاهہ جو آهي، پر مطالعي خاطر هن سُر کي خاطر ۾ ضرور رکڻ کپي ۽ اڳتي لاءِ سوچجي.

پرچن شال پنهوار ڍولا مارو مون سان . . .

باب ٻيو

# موسيقي

شاھ جي رسالي ۾ راڳ رنگ جي ڳالھ آھي. سُرَ ان موجب ترتيب ڏنل آھن. انھن بابت بنيادي معلومات ۽ پھرئين سُرَ ڪلياڻ جو ذڪر اڳهو ھن ريت ڪريون ٿا: شاھ عبد اللطيف ھر ڳالھ پوري قوت ۽ مڪمل جذبي سان چوي ٿو ۽ ڪٿي بہ سندس لفظن ۾ ڪمزوري نہ آھي. ھر داستان جي نوعيت موجب پنھنجن جذبن جو اظھار ڪري ٿو. اِھا شاھ صاحب جي رسالي جي بنيادي خوبي آھي تہ اُن ۾ پڙھڻ واري لاءِ ڪشش ۽ جاذبيت آھي. ھن پھلوءَ ۾ تانگھ ۽ سڪ جو سمر سرس آھي. موسيقي رسالي جو اھم پھلو آھي ۽ ھر سر ۾ موسيقيءَ وارو پھلو گھڻو ڏيان لھڻي. ھن وقت تائين رسالي جي سُرن جي موسيقيءَ تي لکيو نہ ويو آھي، پر ان کي بہ مقاميت جي پوش ھيٺ ڍڪيو ويو آھي، اِھو صحيح آھي تہ شاھ صاحب جي ڪلام جي گائڪي منفرد ۽ مقامي آھنگ ۽ آلاپ تي مشتمل آھي، پر اُن جو ربط ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان آھي نہ تہ سُرن تي اِھي نالا نہ ھجن ھا. جيڪي آھن. رسالي جا بيت پنھنجي آھنگ، آلاپ، نغمگي ۽ وزن موجب بہ راڳ جي سُرن سان ھم آھنگ آھن. اُھي راڳ راڳڻين جي ٻولن۔ لڪشڻ گيتن موجب آھن. سُر ڪلياڻ جنھن بابت ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز اڳ بہ 1970ع ۾ سيمينار ڪرايو ھو ۽ ڪتاب بہ نڪتو ھو. تنھن جو راڳ سنگيت جي مد نظر جائزو حاضر آھي جئن رسالي جي موسيقيءَ جي پرک ڪجي.

سُر سنگيت ڪا اھڙي آسان وٿ نہ آھي جنھن کي ڪنھن

ليڪ ۾ مضمون ذريعي سکي سگهجي. هن ۾ اُستاد جي به ضرورت پوندي آهي. شاهه جو رسالو به ايترو آسان نه آهي جو اُن کي پڙهي وڃڻ سان سمجهي وڃجي! ٻئي پُڙ ڳرا آهن!

مون بحيثيت هڪ طالب علم جي ۽ سنڌيءَ جي استاد جي روپ ۾ به، رسالي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. وري جو موسيقيءَ سان واسطو ٿيو ته اُهو پهلو به اهم نظر آيو. شاهه صاحب ٻنهي پهلوئن کي مد نظر رکيو. اٿل ۾ چنچل آيا هجن يا نه. پر شاهه صاحب موضوع توڙي موسيقيءَ کان واقف هو. مون هن وقت تائين شاهه صاحب جي رسالي جي باري ۾ ڇهه ڪتاب ۽ اٽڪل 40 کان وڌيڪ مقالا لکيا آهن. هيٺين سُرن جي موضوعن ۽ خاص طور موسيقيءَ تي مقالا لکيا اٿم: ڪاموڏ، گهاتو، ڪاهوڙي، سامونڊي، مارئي، سسئي، ڪارايل، رپ، رامڪلي، بروو سورٺ، راڻو ڪيڏارو، حسيني، ڏول مارئي، آسا ۽ پرڀاتي، باقي رهيل سُرَ به ڏيان لهڻن ٿا. انهن مان ڪلياڻ بابت هي مقالو تحرير ڪيو اٿم.

پراچين ڀارت ورش آ بلڪ قديم هندوستان جا شاستر ڪتاب مختلف علمن بابت هئا جن ۾ تاريخ، ثقافت، صحت، ادب، تهذيب، زبان ۽ سنگيت بابت ڪتاب انساني سماج جو اثاثو رهيا. مختلف شاستر/ڪتاب، مختلف علمن ۽ انساني روين بابت تمام قديم زماني کان وٺي هن وسيع ملڪ ۾ رائج ۽ مقبول رهيا ۽ اُنهن جا جائزا (COMMENTARIES) لکيا ويا. اِهي ڪتاب پالي، سنسڪرت، پراڪرت ۽ ٻين رائج پراڻين زبانن ۾ لکيا ويا. اڳتي هلي اُنهن جا ترجما مرانهي، هندي، ڀوجپوري، بنگله، ڪنڙ، تامل، تيلگو اردو ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ ٿيا. هند پاڪ ۾ مردن توڙي عورتن ۾ ڪيترا ڪلاسيڪل فنڪار ٿيا. اُنهن ۾ ڪي اهڙا ٿيا جن راڳ تي ڪتاب به لکيا. اُنهن ۾ پنڊت وشنو نرائن ڀات کنڊي هڪ وڏو فنڪار ۽ ودوان ٿيو جنهن مرانيءَ ۾ ڪتاب لکيا. هُن جي هڪ بلند معيار

ڪتاب جو هنديءَ ۾ ترجمو ٿيو. اُن جو ٺاڪر نواب علي اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ اُتان هنديءَ ۾ ترجمو ٿيو. ائين اُن ڪتاب جا ترجما در ترجما ٿيا ۽ واڌارا بہ ڪيا ويا. (1)

1974ع ۾ ريڊيو پاڪستان جي ڊپٽي ڊائريڪٽر رهڻ واري اسڪالر انصار ناصريءَ، قاضي ظهور الحق جو تعارف لکندي ڪيترن گوين جا نالا ڏنا آهن جن اُن وقت جي ماضي قريب ۾ نالو ڪڍيو(2).

آءُ پنهنجن گذريل مقالن ۾ بہ لکي آيو آهيان تہ قديم ڀارت ۾ موسيقيءَ جا ٻہ نظام آهن: هڪ اُتر جو ۽ ٻيو ڏکڻ جو. انهن جا علمي نالا هندوستاني سنگيت (INDIAN MUSIC) ۽ ڪرناٽڪ سنگيت (KARNATAK MUSIC) آهن. اسان جو لاڳاپو اُتر واري سنگيت نظام سان آهي، جنهن ۾ حد افغانستان کان وٺي سڄي اُتر اولهہ اوڀر ڀارت ۾ مهاراشٽر جي ڏاکڻي حد تائين آهي. سنڌ بہ اُن ۾ شامل آهي.

ڪرناٽڪ سنگيت ڏکڻ هند جي صوبن ڪرناٽڪا، ڪيرالا، آنڌرا پرديش، تامل ناڊ ۽ ڀروارن علائقن سان آهي. ٻنهي نظامن ۾ آهنگ جو فرق آهي. راڳ راڳڻين جا نالا ۽ خاندان ٻيا آهن، پر ڪن راڳن ۾ قربت بہ آهي. مثال طور هنس ڌني ٻنهي ۾ ساڳئي نالي سان ۽ قريب بہ آهي.

ڀارت ۾ راڳ بابت ڪيترائي قديم ۽ جديد ڪتاب آهن. اُنهن مان ۽ اُستادن جي تعليم مان پاڪستان جي ليکڪن استفادو ڪري پنهنجا ڪتاب لکيا آهن. اُهي ٿورڙائي آهن. سنڌ ۾اجا بہ ٿورا ڪتاب ڇپيا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ چند ئي آهن. منهنجي مطالعي هيٺ خاص طور هيٺيان ڪتاب رهيا آهن ۽ هن مقالي ۾ بہ اُنهن تان استفادو ڪيو اٿم:

(1)**راڳ ساگر**: هي پير بخش مغل جو ڪتاب آهي جو پهرين 1955ع ۾ شايع ٿيو. اُن جو ٻيو ڇاپو 1997ع ۾ شاهہ عبد اللطيف

ثقافتي مرڪز شايع ڪيو. هي ٻئي ڇاپا منهنجي مطالعي هيٺ آهن. هن ۾ مختلف موسيقارن ۽ اسڪالرن جا مهاڳ بہ لکيل آهن. مغل ڳائڻن جا چار درجا لکي ٿو: نائڪ، گائڪ، گندرپ ۽ پنڊت.

(2)**شاعر** (موسيقي نمبر): هي رسالو مخدوم صاحب طالب المولي 1956ع ۾ شايع ڪيو. هن ۾ راڳ ۽ تال بابت مقالا آهن.

(3)**رهنمائي موسيقي** (اردو): هي ڪتاب محترم قاضي ظهور الحق جو لکيل آهي. 1975ع ۾ اسلام آباد مان شايع ٿيو. هن ۾ راڳ، راڳڻين ۽ ٺاٺن جي حوالي سان قابل قدر معلومات ڏنل آهي. پاڻ مهرباني ڪري 1985ع ۾ مون کي ڪتاب جي ڪاپي عنايت ڪيائين.

(4)**نورنگ موسيقي** (اردو): هي ڪتاب مشهور شام چوراسي گهراڻي جي گائڪ ڀائرن اختر علي خان ۽ ذاڪر علي خان جي ڪاوش آهي. ڪتاب جو چوٿون ڇاپو 1995ع ۾ نڪتو جنهن مان مون حوالا ورتا آهن. هي فنڪار نوجوانيءَ ۾ ئي گذاري ويا. نزاڪت علي خان ۽ سلامت علي خان جا ننڍا ڀائر هئا.

(5)**راڳ سروپ** (اردو): هن ڪتاب جو ليکڪ استاد محفوظ کوکر آهي. هي ڪتاب 1998ع ۾ اسلام آباد مان شايع ٿيو. هيءُ هڪ تعليم يافتہ موسيقار جي انفرادي ڪاوش آهي. هڪ نئين ايجاد تحت هن هڪ سپتڪ مان 32 ٺاٺن جو نظام مرتب ڪيو آهي ۽ ستن سُرن جون پنج هزار چاليهہ تانون توڙي هڪ ٺاٺ مان 484 راڳن جي آروهي، اوروهي مرتب ڪئي اٿس. اُن کان سواءِ هن پنجن ماترائن کان سترهن ماترن جي تالن ۾ 150 بندشون سُر نويسيءَ (STAFFNOTATION) سميت ڏنيون آهن. (3)

(6)**سنگيت سنسار**: هي ڪتاب سيد حاڪم علي شاهہ ۽ محمد عثمان ميمڻ لکيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري 2008ع ۾ شايع ڪيو آهي. هي راڳ، راڳڻين، سازن ۽ فنڪارن بابت هڪ فرهنگ آهي.

هنن ڪتابن مان مون خاص طور استفادو ڪيو آهي. هونئن ڪي ٻيا ڪتاب ۽ مقالن جا مجموعا بہ موجود آهن جن ۾ مفيد مواد شامل آهي.

ياد رکڻ کپي تہ کهڙي بہ ڪافي، گيت، غزل ۽ ڀڄن وغيره ڳائڻ لاءِ راڳ راڳڻيءَ جي ڄُن سان گڏ تال متعين ڪرڻ لازمي آهي. اسان جو تعلق هندوستاني پڪي راڳ سان آهي ۽ ان جو تعلق سنڌي راڳڻين سان هن طرح آهي جو "جنهن بہ راڳ ۾ ڪومل، ڪب تيور، گنڌار، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاء لڳل هوندو سو سنڌي پرڪاش جو سڏبو." (4)

ائين مقامي نالن سان سنڌ، ملتان، جونپور ۽ ٻين جاين جي نالن سان مقامي پرڪاش جا راڳ موجود آهن. پڪي راڳ جو حصو آهن ۽ اُن کان جدا ڪو ٻيو وجود ۽ سڃاڻپ نہ اٿن. لوڪ طرزن جي انفراديت آهي. اُهي بہ راڳ راڳڻين مان نڪتل ۽ اخذ ٿيل آهن. آخر پڪو راڳ آهي ڇا؟ اُن جي تقسيم ڪتابن ۾ هن ريت آهي تہ ڪُل مول بنيادي راڳ ڇهہ آهن: ڀيرون، ميگهہ، هنڊول، مالڪوس، سِري ۽ ديپڪ. هنن جون ٻيون شاخون آهن (5).

موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ انهن ڇهن بنيادي/ مول راڳن جي شناخت ڪي مختلف گروپن جي صورت ۾ ترتيب ڏنل آهي. انهن کي ٻارڀائون/ ٻهارون يعني زالون ۽ انهن جي شاخن کي پُٽ سڏيو ويو آهي. اها تقسيم اڳتي بہ وڌندي رهي ۽ اُستادن راڳڻين ۾ اضافا ۽ ايجادون ڪيون.

اهڙن اضافن ۾ ميان تانسين جو نالو اهم آهي. جنهن جي حوالي سان "ميان ڪي ملهار" ۽ "ميان ڪي ٽوڙي" مشهور آهي. امير خسرو بہ ايراني راڳڻي ٻگار جو امتزاج ڪن راڳن ۾ ڪيو ۽ "اڏانہ بهار"، "شهانہ بهار" ۽ "بسنت بهار" ايجاد ڪيائين. سنڌ ۾ ايجاد جو اهڙو هڪ مثال مخدوم صاحب محمد زمان طالب المولي جو آهي

جنهن اُستاد منظور علي خان جي ساٿ سان ”زماني ٺوڙي“ ايجاد ڪئي.

اهڙين ايجادن جو هڪ مقرر سرشتو(SYSTEM) آهي جنهن موجب ڪومل تيور سُرن ۽ ڪن سُرن جي گهٽ وڌ ڪرڻ سان نئين ايجاد عمل ۾ اچي ٿي. نہ ايئن جئن رمضان واڍي جي ڪتاب ”علم موسيقي“ ۾ خيال ظاهر ڪيل آهي تہ ڪن ٻن راڳين ڪي ملائڻ سان ڪا ٽين راڳڻي ٺهي پوندي!

ڳائڻ جي انداز/ ڍنگ ڪي قديم زماني کان چئن متن ۾ تقسيم ڪيو ويو اُهي آهن: مها ديو مت، ڪرشن مت، ڀرت مت ۽ هنومان مت. پهرين ٻن متن جي راڳ راڳڻين جي پاڙ ۾ مشابهت آهي ۽ پوين ٻن متن جي پاڙ ۾ مشابهت آهي(6).

اهڙي طرح راڳ راڳڻين کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪڙا مارگ راڳ ۽ ٻيا ديسي. مارگ اُهي آهن جيڪي سڄي هندوستان ۾ هڪجهڙا ڳايا وڃن ٿا ۽ ديسي اُهي آهن جيڪي سنڌ يا ٻين صوبن جا پنهنجي گائڪي/ انداز ڪلام، لوڪ گيت، ڀڄن ۽ مولود جي انداز ۾ آهن(7) ۽ مارگ راڳ کان قريل يا ڏنن ۾ آهن. شاهه جي رسالي ۾ مارگ راڳ هي آهن: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، ڪنيات، سري راڳ، سهڻي، سورٺ، سارنگ، ڪيڏارو ديسي، حسيني، رام ڪلي، بلاول، پرڀاتي، آسا، ڏنا سري، پورب، ڪاموڏ ۽ بسنت بهار. ٻيا سڀ ديسي راڳ آهن (8).

رسالي ۾مول راڳ فقط هڪ يعني سِري (راڳ) آهي. انهيءَ تقسيم کان سواءِ ڪلاسيڪل راڳن کي پهرين محمد رضا خان ٺاٺن ۾ تقسيم ڪيو. اُهي ڏهہ آهن ۽ (اڄ ڏينهن تائين) رائج آهن. ٺاٺ هي آهن: ڪلياڻ، ماروا، بلاول، کماچ، پوربي، ڀيروي، اساوري، ڪافي، ڀيرون ۽ ٽوڙي (9).

ٺاٺن جي نالن جي مد نظر ڏسجي تہ رسالي ۾ 4 سُر انهن نالن

وارا بہ آهن. اُهي آهن: ڪلياڻ، آسا، پورب ۽ بلاول. رسالي جو پهريون سُر ڪلياڻ بہ ڪلياڻ ٺاٺ جو حصو ڄاڻڻ کپي. ڪلياڻ ٺاٺ ۾ هيٺيان راڳ راڳڻيون آهن: ايمن، ڀوپالي، همير ڪلياڻ، شام ڪلياڻ، شُڌ ڪلياڻ، آنند ڪلياڻ، جيت ڪلياڻ، ڪيدارا، ڇايانٽ، گونڊ سارنگ، چندر ڪانت، ڪامود ۽ هنڊول (10).

قاضي ظهور الحق جي ڪتاب "رهنماءِ موسيقي" جي حوالي سان اِنهن راڳ راڳڻين جا تفصيل هن ريت آهن:

**ايمن**: هن ۾ مڌ تيور آهي ۽ ٻيا سڀ سُر شُڌ آهن.

| | |
|---|---|
| برن (قسم) = | سمپورڻ. |
| وادي سُر = | گنڌار |
| سمودي = | نکاد. |
| وقت = | رات جو پهريون پهر. |
| خاص تان = | ني ري گا ما گا ري ني ري سا. |
| آروهه = | ساري گا ما پا ڌا ني سا. |
| اوروهه = | ساني ڌا پا ما گا ري سا (11) |

**ڀوپالي**: هن کي ڀوپ يا ڀوپ ڪلياڻ بہ چون ٿا. ڊاڪٽر بلوچ شاهه جي سُر ڪلياڻ جو ڀوپالي ۾ هجڻ جو خيال ظاهر ڪيو آهي. (12) هن ۾ مڌم ۽ نکاد برجت يعني نہ هوندا.

| | |
|---|---|
| برن = | اوڊو - اوڊو (يعني ايندي ويندي پنج سُرَ آهن). |
| وادي سُر = | گنڌار. |
| سموادي = | ڌيوت. |
| وقت = | رات جو پهريون پهر |
| خاص تان = | گاري پا گاري سا ڌا پا ڌا سا. |
| آروهه = | ساري گا پا ڌا سا. |
| اوروهه = | سا ڌا پا گا ري سا (13) |

**ڪيدارا**: هن ۾ ٻئي مڌم ۽ باقي سُر شڌ ڪم ايندا آهن.

برن = اوڊو — کاڊو (5 ۽ 6).
وادي سُر = مڌم.
سموادي = تار سبتڪ جو کرج
خاص تان = سا ما گا پا ڌا پا ما پا ڌا پا ما ري سا.
وقت = رات جو ٻيو پهر.
آروهه = سا ما گا پا ڌا ني سا.
اوروهه = سا ني ڌا پا ما پا ڌا پا ما ري سا (14).

**چايانٽ:** هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ۽ باقي سڀ سُر شڌ ڪم ايندا آهن. آروهه ۾ نکاد متروڪ آهي.

برن = کاڊو — سمپورڻ (6 ۽ 7).
وادي سُر = پنچم
سموادي = رکب.
وقت = رات جو ٻيو پهر.
خاص تان = ري گا ما پا ري گا ما ري سا.
آروهه = سا ري گا ما پا — پا ڌا پا سا (15).

**گونڊ سارنگ:** هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ۽ ٻيا سڀ سُرَ شڌ ڪم اچن ٿا. آروهه ۾ نکاد متروڪ آهي.

برن = کاڊو — سمپورڻ (6 ۽ 7)
خاص تان = ني سا گا ري ما گا پا ري سا.
وقت = ڏينهن جو ٽيون پهر.
آروهه = ني سا گا ري ما گا پا ما ڌا پا ما پا سا.
اوروهه = ساني ڌا پا ما پا ڌا پا گا ري ما گا پا ري سا (16).

**همير ڪليان:** هن راڳڻيءَ ۾ مڌم ٻئي ۽ باقي سڀ سُر شڌ ڪم اچن ٿا. آروهه ۾ پنچم ۽ رکب متروڪ آهن. اوروهه ۾ نکاد وِڪر آهي.

برن = وِڪر اوڊو ۽ وڪر سمپورڻ (5 ۽ 7)
وادي سُر = ڌيوت.

سموادي = گنڌار.
وقت = رات جو پهريون پهر.
خاص تان = گا ما ڌا. ما پا ڌا پا گا ما ري سا.
آروهه = سا گا ما ڌا. ني ڌا سا.
اوروهه = سا ني ڌا پا ما پا ڌا پا گا ما ري سا.
هن راڳڻيءَ کي ڇايانٽ ۽ ڪامود کان بچائڻ کپي. (17)

**ڪامود:** هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ڪم اچن ٿا. آروهه ۾ نکاد ۽ گنڌار ممنوع آهن. باقي سڀ سُرَ شڌ آهن. هيءَ وڪر سُروپ راڳڻي آهي. يعني آروهه ۽ اوروهه ۾ سُرَ بي ترتيب لڳن ٿا.

برن = وڪر اوڊو — وڪر سمپورڻ (5 — 7)
وادي سُر = پنچم.
سموادي = رکب.
وقت = رات جو پهريون پهر.
خاص تان = سا ري پا ـ ڌا پا ـ ما پا ڌا پا ـ گا ما پا گا ما ري سا.
آروهه = سا ما ري پا. پا ڌا پا سا.
اوروهه = ساني ڌا پا. ما پا ڌا پا گا ما پا گا ما ري سا (18).

**شام ڪلياڻ:** هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ڪم اچن ٿا. باقي سڀ سُرَ شُڌ آهن. آروهه ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ڪم نہ ٿا اچن.

برن = اوڊو — سمپورڻ (5 ـ 7)
وادي سُر = پنچم.
سموادي = رکب (اڪثر فنڪار وادي سُر کرج ۽ سموادي تيور مڌم ڄاڻن ٿا.)
وقت = رات جو پهريون پهر.
خاص تان = گا ما ري ني. سا ري ما پا.
آروهه = سا ري ما پا ني سا.

اوروهه = سا ني ڌا پا ما ري گا ما ري ني سا (19)

**شُڌ ڪلياڻ:** هن ۾ مڌم تيور ۽ باقي سڀ سُرَ شڌ ڪم اچن ٿا. آروهه ۾ مڌم ۽ نکاد ممنوع آهن.

برن = اوڊو — سمپورڻ ( 5 ـ 7 )

وادي سُر = گنڌار.

سموادي = ڌيوت.

وقت = رات جو پهريون پهر.

خاص تان = ني ڌا پا گا پا ري سا.

آروهه = سا ري گا پا ڌا سا.

اوروهه = سا ني ڌا پا ما گا ري سا ري سا (20).

**آنند ڪلياڻ** (آنندي): هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ۽ باقي سڀ سُرَ شڌ ڪم اچن ٿا. آروهه ۾ رکب ممنوع آهي.

برن = کاڊو — سمپورڻ (6 — 7).

وادي سُر = کرج (سا).

سموادي = پنچم.

وقت = رات جو ٻيو پهر.

خاص تان = گا ما ڌا پا ري سا گا ما.

آروهه = سا گا ما پا ڌا ني پا سا.

اوروهه = سا ني ڌا پا ما پا گا ما ڌا پا ري سا گا ما (21)

**جيت ڪلياڻ:** عجيب صورتحال آهي جو هيءَ راڳڻي ڪلياڻ ٺاٺ ۽ ماروا ٺاٺ ۾ بہ ڳائجي ٿي.

ماروا ٺاٺ واري راڳڻيءَ کي فقط جيت چئبو آهي ۽ ڪلياڻ ٺاٺ واريءَ کي جيت ڪلياڻ سڏبو آهي. ٻنهي ٺاٺن تي هن کي اوڊو ڄاتو ويو آهي. مڌم ۽ نکاد متروڪ آهن. باقي سڀ سُرَ شُڌ آهن. ماروا ٺاٺ ۾ هن ۾ رکب ڪومل آهي، ماروا ٺاٺ موجب هن جا ڪوائف هي آهن:

برن = اوڊو — اوڊو (5_5)
وادي سُر = پنچم.
سمودي = رکب
وقت = رات جو پهريون پهر.
خاص تان = سا گا پا ري سا. سا گا پا. پا ڌا گا پا ري سا.
آروهہ = ساري گا پا ڌا سا.
اوروهہ = سا ڌا پا گا پا ري سا.

هن راڳڻيءَ کي ڪلياڻ، ڀوپالي ۽ ديسڪار کان بچائي ڳائڻ کپي (22).

**چندر ڪانت** (چندرڪ): هِنَ راڳڻيءَ ۾ مڌم تيور باقي سڀ سُرَ شُڌ آهن. آروهہ ۾ مڌم ممنوع آهي.

برن = کاڊو_سمپورڻ (6_7).
وادي سُر = گنڌار.
سموادي = نکاد.
خاص تان = گا پا ري گا ما گا. پا ما گا ري گا ري سا.
وقت = رات جو پهريون پهر ۽ شام.
آروهہ = سا ري گا پا ڌا ني سا.
اوروهہ = سا ني ڌا پا ما گا ري سا.

هيءَ راڳڻي ايمن سان مشابهہ آهي (23).

**هنڊول**: هي هڪ مول راڳ آهي. هن ۾ مڌم تيور ۽ باقي سڀ سُرَ شُڌ آهن. رکب ۽ پنچم ممنوع آهن.

برن = اوڊو_اوڊو (5_5)
وادي سُر = ڌيوت.
سموادي = گنڌار.
وقت = اڌ رات کان پوءِ.
خاص تان = ڌا ڌا ني ما ڌا سا. ڌا ما گا.

آروھ = سا گا ما ڌا ني ما ڌا سا.

اوروھ = سا ني ڌا ما گا ما گا سا.

چون ٿا تہ هندول پوري لئہ ۾ ڳائڻ سان پينگهو خود بخود لڏي پوندو آهي. (24)

هي ڪلياڻ ناٿ جي راڳ راڳڻين جا آروهي اوروهي سُرَ آهن. هوڏانهن شاهہ جي راڳ جي سُرن جي پيٽ سان ڪي نتيجا نڪرن ٿا تہ شاهہ جو ڪلياڻ، يوپ ڪلياڻ آهي. خود شاهہ جو راڳ ڳائڻ وارن فقيرن جي ٽولين ۾ بہ يڪسانيت نہ آهي ۽ وقت گذرڻ سان انهن جي ادائگيءَ ۾ فرق اچي ويو آهي. بهرحال هي سُر ڪلياڻ جو سنگيت وارو پهلو آهي. اِن ڪي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

سُر ڪلياڻ جو ٻيو پهلو معنوي نوعيت جو آهي. هن لحاظ کان اِهو ڏسبو تہ شاهہ صاحب ڪلياڻ ۽ اُن سان ڳنڍيل ٻئي سُرَ يمن ۾ ڇا ٿو چوي. ڪهڙن موضوعن تي گفتگو ڪري ٿو. ابتدائي بيتَ توحيد ۽ رسالت بابت آهن. اُن کان پوءِ جي داستانن ۾ تصوف ۽ ٻين موضوعن تي بيت آهن. جن ۾ گهڻو ڪري عشق حقيقي جي راهہ ۾ قرباني ڏيڻ ۽ پتنگن وانگر پاڻ ساڙڻ، پچڻ ۽ پڄرڻ جي ڳالهہ آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪلياڻ بابت لکيو آهي تہ هي سنسڪرت لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس خير، سک ۽ شانتي. راڳ جي ڳالهہ ڪندي ڏسي آيا سين تہ ڪلياڻ ۽ اُن جي مختلف قسمن جون جدا جدا معنائون آهن پر هڪ مرڪزي نقطي سان ڳنڍيل آهن. اُهو خير جي چوگرد ڦري ٿو. شاهہ صاحب ڪلياڻ ۽ يمن ۾ خود قربانيءَ جي جذبن کي ساراهي ٿو ۽ مختلف زاوين ۽ پهلوئن، تشبيهن ۽ استعارن جي مدد سان پنهنجو مقصد واضح ڪري ٿو.

سُر ڪلياڻ رسالي جو پهريون سُر آهي ۽ پهرئين ئي بيت ۾ توحيد جي تنوار ۽ وحدت جو واس آهي. چٽن لفظن ۾ الله جي شان جو ذڪر ڪيل آهي ۽ الله کي مختلف صفاتي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي:

اول الله عليم، اعليٰ، عالَم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم،
والي واحد وحدهٗ، رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

وحدت ۽ رسالت جي اُپٽار هڪ ئي بيت ۾ هيئن ڪري ٿو:

وحدهٗ لا شريڪ لهٗ، جان تو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي.

جو ٻين جي اڳيان ڪنڌ نوائي ٿو تنهن کي چٽن لفظن سان خبردار ڪندي چوي ٿو:

ڇا کي وڃيو ڇو، ٻيلي ٿين ٻين جو
وٽ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو
سؤڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان.

تصوف ئي عشق الاهي جو ذريعو آهي. پنهنجي وجود کي وساري محبوب حقيقي جي طلب ڪبي. اهڙا اهڃاڻ سُر ڪلياڻ جي خاص مضمون ۾ موجود آهن. اُن جو طريقہ ڪار هيئن ڏسي ٿو:

وحدهٗ جي وڍيا، الا الله سين اورين،
هنيون حقيقت گڏيو طريقت تورين،
معرفت جي ماٺ سين، ڏيساندر ڏورين،
ڪلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

سُر ڪلياڻ ۾ شاهه صاحب تصوف جا بنيادي اصول اصطلاحن جي صورت ۾ بيان ڪري ٿو. مثلاً ڪثرت ۾ وحدت، پسڻ، يا سڀ ڪجهہ هُو آهي ۽ انسان ئي پريںءَ جي صورت آهي. چوي ٿو:

وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻي م ڀُل،
هُو هُلاچو هُل، بالله سندو سڄڻين.

—

پاڻ هي جل جلال، پاڻ هي جان جمال،
پاڻ هي صورت پرينءَ جي، پاڻ هي حسن ڪمال،
پاڻ هي پير مريد ٿئي، پاڻ ئي پاڻ خيال،
سڀ سڀوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

—

پاڻ هي پسين پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب،
پاڻ ئي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.

جيڪي ٻه آهي سو حقيقي محبوب (الله) آهي، اجل ٻه سو ۽ الله ٻه سو. پڙاڏو ۽ سڏ هڪ ئي آهي رڳو اُن جي نوعيت، اهليت ۽ ماهيت سمجهڻ ۾ اچي:

سو هي سو هُو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو.

—

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهم گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

الله جا عاشق سر ڏيڻ لاءِ تيار آهن. آڏين ڏي ٻوڙي شوق سان پهچن ٿا. هنن جو علاج محبوب وٽ آهي:

سو ريءَ سڏ ٿيو ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

—

سوري آهه سينگار، اڳهين عاشقن کي،

مُڙڻ موتڻ ميھٺو ٿيا نظاري نروار،
ڪُسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

—

اڳيان آڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ تہ پوءِ قبول ۾، مچڻ پائين گهٽ،
مٿا مُهاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي.

جن کي سَڏَ سُرڪ جي هوندي سي سر جو سانگو نہ ڪندا. چو جو هڪ قطرو بہ مهانگو آهي. سر اُن جي مقابلي ۾ ڪجھ نہ آهي. شاهہ صاحب چوي ٿو:

مُلھ مَهانگو قطرو، سِڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.

رڳن ۾ هڪ ئي تنوار آهي. هڪ ئي راڳ رڳن ۾ پيو وڄي. جنهن محبوب کي پچائي ڪباب ڪيو آهي ۽ سوئي روح جي راحت آهي:

رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سيڪنهم،
لُڇڻ ڪُڇڻ نہ ٿيو جانب ري جباب،
سوئي سنڏيندم سپرين، ڪيس جنهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي.

ڪلياڻ جي هن مضمون جي تڪميل ۾ سُر يمن ڪلياڻ آهي، جنهن ۾ اگهن جي علاج، طبيبن ۽ اُن سان مربوط بين موضوعن جي گوناگوني هوندي بہ تِصوف ڏي واضح اشارا آهن. اِن سان گڏ موسيقيءَ وارو پهلو واضح آهي.

باب ڇهون

# آسا

ڪي سُرَ اهڙا آهن جن ۾ محبت ۽ مجاز جو ذڪر وڌيڪ چٽو آهي. انهن ۾ سُر آسا بہ آهي. هيءَ هڪ راڳڻي بہ آهي ۽ آساوري هڪ ٺاٽ بہ آهي. اچو تہ هن سُرَ جي تاثر ۽ مضمون کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪريون.

توحيد ۽ تضاد، وحدت ۽ شرڪ، محبت ۽ مجاز توڙي اکين جي آسا بند ۽ آس نراس جي هڪ ڀرپور ڪهاڻي شاهہ عبد اللطيف سُر آسا ۾ نهايت پُر اثر ۽ جذباتي انداز ۾ آندي آهي. نہ رڳو ايترو پر سُر سنگيت جو بہ هڪ پهلو هن ڪهاڻيءَ ۾ شامل آهي.

پهرين سُر آسا جي ظاهري مضمون کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪريون تہ هي سُر "حقيقت ۽ مجاز" جو امتزاج آهي. چئن داستانن کي مضمونن جي مد نظر ورهائجي تہ پهريون ۽ چوٿون داستان حقيقت جي اُپٽار ڪن ٿا ۽ روحاني رنگ انهن ۾ نمايان آهي. ٻيو ۽ ٽيون داستان محبت ۽ مجاز بابت آهن. ٻيو داستان سڄو اکين جي حوالي سان آهي.

ڪن بيتن جا مثال وٺبا تہ سُر آسا جي ماهيت معلوم ٿيندي. سُر جو پهريون بيت هي آهي:

لڱُ چيان ٿي لا حد ۾، هادي لهان نہ حد،
سُپيريان جي سونهن جو نہ ڪو قد نہ مد،
هِت سڪڻ بي عدد، هُت پرين پرواهہ ناهہ ڪا.

هن بيت ۾ طالب پاران پنهنجي محبوب، مرشد، هادي، نبيءَ

ڪريم يا الله جي حضور ۾ پنھنجن جذبن جو اظھار ڪيل آھي. نسبتاً اشارو الله تعاليٰ ڏانھن لڳي ٿو. وحدت وارو مضمون ھونئن ڪلياڻ ۽ ٻين سُرن ۾ بہ آيو آھي. ھن سُر ۾ بہ اھڙا اشارا موجود آھن جن موجب شاھ صاحب شرڪ کي نندي ٿو ۽ چٽن لفظن ۾ اھڙو اظھار ڪري ٿو:

عين شرڪ اِئي، جو ٻي شرڪ پاڻئين پاڻ ڪي،
وڃائي وجود ڪي، پاڻان پاسي ٿي،
ھڏھين ڪونھي ھي، ھُو پڻ ڪونھي ھِن ري.

پنھنجو وجود وڃائڻ جو اشارو تصوف جو آھي. اُھو رسالي ۾ ھنڌ ھنڌ موجود آھي. آسا ۾ بہ چٽن لفظن ۾ اھڙي پچار آھي- فرمائي ٿو:

انا عبد معبود تون، اِت نڪو شرڪ نہ شڪ،
پچارون پريِنءَ جون، محبتين مرڪ،
سو سيوئي حق، جنھن ۾ پسين پريِنءَ کي.

اھڙي معرفت انسان کي روحانيت جي معراج ۽ بلنديءَ تي رسائي ڇڏي ٿي، ڪجھ حاصل ڪري وٺي ٿو نہ تہ ٻيا محروم ٿي مري ويا، واصل حق نہ ٿيا. شاھ صاحب فرمائي ٿو:

محروم ٿي مري ويا، ماھر ٿي نہ مُئا،
چڙيءَ جئن چُھنج پري، لڏيائون لُٽا،
حُباب ٿي ھئا، اِنھيءَ واديءَ وچ ۾.

شاھ صاحب پنھنجن مخصوص اشارن ۾ انسان کي روحاني رمز رند ۽ ڏگ ڏانھن راغب ڪري ٿو. انھن رمزن ۽ اشارن ۾ ھڪڙو ھي آھي:

چُپ ڪر چَپ م چوريو اکيون ڍڪ ڳَنَ،
پاڻي پي پيٽ م ڀَر، رھ آڏورو آنَ،

هُوءَ جا مورت منجهاران مَنَ،
تنهن جو مشاهدو ماڻيين.

تصوف ۾ توحيد جو واضح اشارو هيٺئن ڏي ٿو ـ ع

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق چئين،
شارڪ شڪ م ني، انڌا اِنهيءَ ڳالهه ۾.

تصوير جو ٻيو پاسو مجاز آهي جو حقيقت تي رسڻ جي ذاڪڻ به چئي ويئي آهي. مجاز ۾ اکين جو درجو مٿاهون آهي. اکين سان هن ڪُل ڪائنات جو حسن پسجي ٿو. اُن ۾ انسان، جيڪو اشرف المخلوقات آهي ان جي حيثيت مرڪزي آهي. اکين بابت شاه صاحب هڪ مڪمل باب (داستان ٻيو) رقم ڪيو آهي. دنيا جي شاعريءَ ۾ به اهڙا باب موجود آهن. هنديءَ ۾ به اکين بابت گهڻو ڪجهه چيو ويو آهي. هيٺيون دوهو اسان وٽ گهڻو مشهور ٿيو:

ڪا ڳا سڀ تن کائيو چُن چُن کائيو ماس،
دو نينان مت کائيو اِنهين پيا ملن ڪي آس.

شاه صاحب اکين بابت مختلف انداز زاويا ۾ روپ بيان ڪري هِن موضوع جو سچ ته رهنما ڪردار ظاهر ڪيو آهي. آسا ۾ اِهي مثال ايترا آهن جن جي بلاغت ۾ فصاحت توڙي معنويت ۾ ماهيت جو نڪو ڇيڙو نڪو سنڌو ۾ سيڙهو. اُميد ۾ بيم، آس ۾ نراس، حاصل ڪرڻ ۾ محروم رهڻ وارا اشارا ۾ مجاز جا رنگ روپ موجود آهن. اکين کي ”مجازياڻيون“ سڏي ٿو:

هي جي مجازياڻيون منهن ۾ ديک م تون سين تن،
ڪين سچاتو سپرين، نهاري نيڻن،
پرين سي پسن، ٻئي جنين ٻوتيون.

مجاز لاءِ چوي ٿو:

مون کي ماءُ مجاز پچاري جئن پچيو،
هٿن ڇڏي هاج، ويئي سار سنڌن مان.

اکين جي باري ۾ هڪڙو هندي دوهو بہ شاهہ صاحب جي ذهن تي هو ۽ پوءِ اُن جو پاڇو سندس هڪ بيت ۾ بہ پيو:

اکيان انتر آئيو نين ڍانپ مين لون،
نا مين ديکون اور کو نا توهي ديکن دون.

—

اکين ۾ تي ويهہ، تہ آءُ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءُ نہ پسان کي ٻيو.

اکين جيڪو جلوو ڏٺو تنهن جو بيان بہ شاهہ صاحب ڪن بيتن ۾ ڪري ٿو. جي آءُ بيوس آهيان — اکين جيڪي ڏٺو اُن جي خبر انهن کي:

ڪي جو ڪيڏانهين، اکيون پسي آئيون،
تاٽين تيڏانهين، پيون پاڻ مُهاڙيون.

—

اُپرندي سِجَ، پرين جي نہ پسنديون،
ڪڍي ٻيئي ڏِج، اکڙيون ڪانگن کي.

—

مون کي اکڙين، وڏا ٿورا لائيا،
تہ پڻ پرين پَسن، ڪٽان جي ڪَر سامهيون.

—

نيرانا ئي نيڻ، نيئي آڇ پرين کي،
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جي ڏٺو منهن محبوب جو.

بيشڪ سُر آسا جو مضمون پُر ڪشش آهي ۽ اُن ۾ دلي جذبن جو اظهار برملا ڪيو ويو آهي. شاهہ صاحب هن سُرَ ۾ بہ پنهنجي فن جي بلندين تي نظر اچي ٿو. حقيقت ۽ مجاز جو بيان

پُرسوز انداز ۾ ڪري ٿو. صاف لفظن ۾ صلاح ٿو ڏي ته اکين ۾ لالڻ جي لالي رک ته سيڪجهه چٽو ڏسي سگهين:

تون ڪا ڪاني پاءِ، ونِن ۾ وصال جي،
د بينائي دور ڪري، معرفت ملهاءِ.

—

سپريان جي سونهن ۾، رخنو ڪونه رِهاءِ،
اک انهد چاءِ، ته مسلماني ماڻئين.

—

سُرمون سياهيءَ جو، رنن کي رِهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي، مڙس ٿي م پاءِ،
اکين ۾ اتڪاءِ، لالائي لالڻ جي.

آسا هڪ راڳڻي به آهي. اُن جو ڪلاسيڪي راڳ سان تعلق آهي. راڳ ۾ آساوري ٺاٺ ۽ ساڳئي نالي سان راڳڻي آهي جا آساوري ٺاٺ مان ٿي آهي. اُستادانِ فن پنهنجي ڪتابن ۾ اُن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. شام چوراسي گهراڻي جا چشم وچراغ اختر علي خان ۽ ذاڪر علي خان پنهنجي ڪتاب "نورنگ موسيقي" ۾ آساوريءَ جو بيان ڪن ٿا. (هي ڀائر گڏ ڳائيندا هئا ۽ نزاڪت علي خان ۽ سلامت علي خان جا ننڍا ڀائر هئا):_

"هيءَ آساوري ٺاٺ جي اوڊو سمپورڻ راڳڻي آهي. آروهي اوروهي جي ترتيب پٽاندر پنجن ۽ ستن سُرن جي راڳڻي آهي. هيءَ صبح جي اڪثر راڳن ۽ راڳڻين وانگر بيحد شيرين ۽ دلڪش آهي ۽ ڪيترن راڳ راڳڻين مان مرڪب آهي، جن ۾ گُن ڪلي، ڪٽ ٽوڙي، جونپوري ۽ بلاس خاني توڙي شامل آهن". (ص 140)

مشهور اسڪالر ۽ اُستادِ فن قاضي ظهور الحق آساوريءَ جي

آروهي اوروهي هيءَ ڏني آهي:

آروهي: سا ري ما پا ني ڌا سا.

اوروهي: سا ني ڌا پا ما پا گا ري سا.

قاضي ظهور الحق اِهو بہ لکي ٿو تہ ڪي هن راڳڻيءَ ڪي پيروين ٺاٺ جي حساب سان بہ ڳائين ٿا. پيروين ٺاٺ ۾ هن جو صحيح نقشو قائمہ رکڻ البت مشڪل آهي. (ص 207_208). ڊاڪٽر بلوچ، ڪلاسيڪي ۽ شاهہ جي راڳ جي ڀيٽ ڪندي، سُر آسا جي تشريح ۾ سامهون خاني ۾ لفظ آسا ڏنو آهي (ص 200). شايد اِن سلسلي ۾ اُستاد منظور علي خان ۽ محترمہ سيد غلامہ شاهہ ڪان هيءَ راڳڻي آلاپ ۾ نہ آندل آهي. جي گمان ڪجي تہ بہ آسا، آساوريءَ جو سنڌي روپ آهي ۽ ساڳي آهي. پڻ جي راڳائي فقيرن جي آلاپ ۾ وقت پوڻ سان گهڻو فرق اچي ويو ٿو ڏسجي ۽ اُتان ڀيٽ ڪرڻ ۽ پروڙڻ گهڻو مشڪل آهي. بهرحال تصوف، حقيقت ۽ مجاز تي مشتمل سُر آسا هڪ دلڪش ۽ دلنشين سُر (راڳڻي) آهي.

مون کي معلومہ آهي تہ ڀِٽائيءَ جي راڳاين مان ٻگهين فقيرن جي هڪ نياڻيءَ جو نالو "آسا" آهي جا ميٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهي ٿي ۽ اتفاق آهي جو ڪي سُر هن جي گلي ۾ بہ سِرجن پيا.

باب ٻيو

# پرياتي

هيءَ بہ هڪ راڳڻي آهي، هن ڪي موضوع ۽ راڳ جي لحاظ کان ڏسبو تہ نهايت دلچسپ آهي. هن سُرَ ۽ شاهہ جي رسالي جو اڀياس مون ڪڏهن ۽ ڪيئن شروع ڪيو اُهو اوهين بہ پڙهو.

پنهنجي رهبر شاعر شاهہ عبد اللطيف ڀٽائيءَ جي باري ۾ مون اندازاً 1954ع ڌاري سوچڻ شروع ڪيو ۽ اُن وقت ئي ڪي بيت چيم جن ۾ ڪي سندس باري ۾ هئا. اُنهن مان هڪڙي سٽ هن مضمون جي عنوان طور ڏني اٿم. بيت جيڪو شاهہ جي رسالي مان پڙهيم يا ڪنهن کان زباني ٻڌم سو هي آهي:

حقيقت هٿي، منهنجي جان جدا ڪئي،
پساهہ هڪ پرينءَ ري، سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٽي ۽ ڏٽي، رهيو آهيم روح ۾.

اِئين شاهہ عبد اللطيف ۽ سندس رسالو منهنجي زندگيءَ جا رهبر بنيا. ڪن سالن جي مطالعي کان پوءِ 1961ع ۾ منهنجو ڪتاب ”ڪنز اللطيف“ ترتيب هيٺ آيو ۽ ڇپيو. جن مضمونن تي مشتمل هو سي رسالي جي جدا جدا ڇاپن، منتخبن، ترجمن ۽ ٻي معلومات بابت هئا. منهنجو هي ڪتاب هاڻي ڪن واڌارن ۽ سڌارن ساڻ 2009ع ۾ وري شايع ٿيو آهي. اِئين لطيفي لطف جي جادوءَ ۾ جڪڙجي ويس ۽ اڄ تائين ڪيترن ڪتابن ۽ مقالن جي اشاعت کان پوءِ بہ لطيفي مطالعي جو شوق وڌندڙ آهي. هن وقت تائين شاهہ صاحب ۽ سندس رسالي بابت منهنجا هي ڪتاب شايع ٿيا آهن:

1۔ ڪنز اللطيف (2 ڇاپا۔ 1961ع ۽ 2009ع)
2۔ لطيفيات (2 ڇاپا۔ 1977ع ۽ 2000ع)
3۔ لطيف ڪوئز (1978ع)
4۔ ڪشف الابيات (1995ع)
5۔ شاهه عبد اللطيف (اردو۔ 2005ع)
6۔ شاهه جي رسالي جو مطالعو (2005ع)

مقالن لکڻ جو سلسلو به هلندو آيو ۽ اٽڪل چاليهه مقالا ڇپيا. جيڪي پهرين جدا جدا مجموعن ۽ رسالن ۾ ڇپيا ۽ پوءِ پنهنجن ڪتابن "ڪنمال" ۽ "شاهه جي رسالي جو مطالعو" ۽ "زنبيل" ۾ ڇپيا. باقي ايندڙ زير ترتيب ڪتاب لاءِ تيار آهن. مقالا بيشتر سُرن جي سنگيت بابت آهن ۽ باقي موضوعاتي عنوانن بابت آهن. سُرن وارن مقالن جي فهرست هيءَ آهي: ڪاموڏ (4 مقالا) ۔ سسئي (6 مقالا) ۔ گهاتو۔ ڪاهوڙي ۔ ساموندي۔ مارئي ۔ رپ ۔ رامڪلي۔ بروو سنڌي (2 مقالا)۔ سورٺ ۔ راڻو ۔ ڏول مارئي ۔ ڪيڏارو ۔ سارنگ — ڪارايل ۔ حسيني ۽ ديسي.

اجا به ڪيترا سُرَ آهن، جيڪي سُر سنگيت جي حوالي سان وضاحت طلب آهن. ڪن ٻين محققن هن باري ۾ لکيو به آهي، پر منهنجي ايجنڊا تي اُنهن بابت به ڪي مقالا آهن. اُهي سُرَ آهن: ڪلياڻ — يمن — ڪنيات — سِري راڳ — سهڻي — آسا — پرڀاتي — بلاول — پورب — ڏهر ۽ ليلا چنيسر، سُر بسنت بهار ۽ ڏناسري ڏاريون ڪلام آهن، پر مطالعي طلب آهن.

اهڙا سُرَ رسالي جي اڳوڻن ڇاپن ۾ موجود آهن.

• محققن ڏارئين ڪلام جي نشان دهي ڪئي آهي. مڪمل سُرن واري ڏارئين ڪلام جي موضوعن ۽ سنگيت جي اُپٽار ڪرڻ سان رسالي جو مڪمل جلوو سامهون ايندو. رسالي ۾ ڪن سُرن جا نالا موضوع ۽ مضمون جي بنسبت رکيل آهن، پر بيشتر سُرن تي

سنگيت جي مد نظر نالا رکيل آهن. اُهي سڄي رسالي جي سُرن تي گهڻي ڀاڱي محيط آهن. شروع واري سُر ڪلياڻ کان وٺندي آخري سر بسنت بهار تائين رسالي جي سُرن تي نالا راڳ جي لحاظ کان رکيل آهن. مٿي ڏنل سُرن جي فهرست مان اِهو ظاهر آهي. سري راڳ ته هڪ مول (بنيادي) راڳ آهي. سسئيءَ جي بيان ۾ آيل پنجن سُرن مان ڪوهياري ته نشانبر ڪري ڳائي وڃي ٿي، پر اُن جو ڪلاسيڪل سان لاڳاپو حتمي طور ظاهر نه ڪيل آهي. حُسيني هڪ راڳڻي آهي. ظاهر بيان اُن ۾ به سسئيءَ جو آهي، فقط ٻن بيتن ۾ حُسينيءَ جو حوالو آهي. ديسيءَ ۾ به سسئيءَ جو بيان آهي. سسئيءَ جا باقي به سُرَ آبري ۽ معذوري اپياس جي طلب ڪن ٿا. نيڪ روشن هجي ته هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ مول (بنيادي) ڇهه راڳ آهن. اُنهن جي نئين تقسيم محمد رضا خان نائن ۾ ڪئي جي ڏه آهن. مول راڳ هي آهن: ڀيرون — هنڊول — ميگهه — مالڪونس — سِري ۽ ديپڪ.

انهيءَ حساب ۾ رسالي ۾ فقط هڪ مول راڳ سِري (راڳ) آهي جنهن کي سُراڳ (سنو راڳ) چئي ڪلاسيڪي واري نسبت ميٺي وٺندي آهي. ٺاٺ هي آهن: ڪلياڻ — ڀيرون — ڀيروين — کماچ — بلاول — پوربي — توڙي — ڪافي — آساوري ۽ ماروا. انهيءَ ٺاٺ جي تقسيم موجب رسالي ۾ ڪلياڻ، بلاول، پوربي (پورب) ۽ آساوري (آسا) ڪل چار سُر اهڙا آهن جن تي ٺاٺن جا نالا پيل آهن. اِهو ڪو اتفاقي امر نه آهي. اِهي نالا ۽ بيتن توڙي واين جي ترتيب پوري ارادي ۽ مقصد سان ڪيل آهي. اُها شاعر ڪئي يا مرتب ڪندڙ ڪئي، اٽل ۽ چنچل ڪئي يا ڪنهن ٻئي ڪئي، اُن جو نالو ظاهر نه ٿيو. آسان دليل وٺجي ته ڪو به هڪڙو مثال ڪافي آهي. سُر ڪاموڏ جو نالو نوري ڄام تماچي به رکي سگهجي ها!

سُر پرڀاتي سوز ۽ ساز توڙي فني مطالعي جي لحاظ کان دلچسپ آهي. هن سُر جو تعلق موسيقيءَ جي مد نظر ڪلاسيڪل

سان آهي. اُتي پرڀات ۽ پرڀاتي ٻئي نالا آهن. موضوع جي مد نظر پرڀاتيءَ ۾ سپڙ سخيءَ جي ساراهه آهي تہ بلاول ۾ جادم جکري جي. سورٺ ۾ ڏياچ جي، ڏناسريءَ ۾ مرشدن جي تعريف. واڪاڻ ۽ مهما ڳايل آهي. پوڄا پاٺ ۽ عبادت لاءِ مذهب ۽ دين ڌرم جي لاءِ اسر ۽ پرڀات (DAWN) جو وقت ئي اُهو وقت آهي جنهن کي قبوليت جو وقت ڄاڻي ماڻهو مسجدن، مندرن، ديولن ۽ گوردوارن ۾ وڃن ٿا. صدا هڻڻ وارا منگتا بہ صبح ساڻ صدا هڻن ٿا ۽ دان خيرات گهرن ٿا. رسالي ۾ جن سُرن ۾ سازن ۽ ساز وڄائيندڙن جو ذڪر آهي سي آهن سورٺ، رامڪلي، بلاول، ڏناسري ۽ پرڀاتي. خاص ساز آهن ڪينرو سڱڙي، چنگ ۽ سرندو.

سازڪارن جا نالا بہ ڪن سُرن ۾ مشترڪ آهن، اُهي آهن: مڱڻهار، منگتو جاجڪ، چارڻ، تُنبيہ، پان ۽ ٻارٺ.

پرڀاتي ۾ آيل ڪي سازڪار سورٺ وارا آهن. اُهي آهن: جاجڪ، چارڻ ۽ مڱڻهار. اِنهيءَ کان سواءِ بہ سازن ۽ سازڪارن وارن سُرن جي لفظن جي ذخيري جو اڀياس دلچسپ آهي. پرڀاتي ۾ ڀِهاڳ ۽ وِهاڳ راڳن جو ذڪر هن ريت آهي:

صبوح جو سُهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار کي، وڏيءَ ويہ وِهاڳ،
وس منهنجي ناهِ ڪا، سڻين هٿ سهاڳ،
پرين سين پهاڳ، مانَ نماڻيءَ نصيب ٿئي.

—

اُيريو تارو، اُٿي ور وِهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو، چتِ پرکي چارڻين.

خود پرڀاتي راڳڻيءَ جو ذڪر موسيقيءَ جي ڪتابن ۾ تفصيل سان ٿيل آهي. قاضي ظهور الحق پنهنجي ڪتاب ”رهنماءِ موسيقي“ ۾ پرڀاتيءَ کي پرڀات جي عنوان هيٺ رکي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ساڳي ڳالهہ

آهي. تفصيل هن ريت آهن: "هيءَ راڳڻي ڀيرون ٺاٺ جي آهي. هن ۾ رکب ڏيوت ڪومل آهن ۽ مڌم ٻئي ٻه باقي سڀ سُرَ شڌ آهن.

| | |
|---|---|
| ٻَرن (قسم)= | سمپورن سمپورن |
| وادي سُر= | مڌم. |
| سموادي= | نکاد. |
| وقت= | صبح ساڻ. |
| خاص تان= | پا ما گا ري سا ري گا ما. |
| اروهه= | سا ري گا ما پا ڌا ني سا. |
| آوروهه= | سا ني ڌا پا ما گا ري سا. |

هن راڳڻيءَ کي پرڀات توڙي پرڀاتي چوندا آهن. پرڀات اسر کي ٻه چئبو آهي. هن ۾ رکب ۽ ڏيوت ڀيرون وانگر آهن ۽ ڇو جو وادي سُر مڌم آهي اُن ڪري هيءَ ڀيرون کان جدا بيهي ٿي. ڀيرون جو وادي سُر ڏيوت آهي ۽ هِن جو وادي سُر مڌم آهي. هن ۾ ڇو جو پنچم ٻه ڪم اچي ٿو اُن ڪري هيءَ راڳڻي لَلِت کان ٻه عليحده بيهي ٿي. للت ۾ پنچم ناهي؛ اُن ڪري بلمپت لئہ ۾ ڳائڻ کپي. دُرت لئہ ۾ ڳائڻ سان ڪانگڙهه بنجي ويندي. هن جي آروهه ۾ مڌم ۽ نکاد ڪم اچن ٿا اُن ڪري رامڪليءَ کان ٻه جدا ٿئي ٿي. وري هِن جي آروهه ۾ گنڌار ۽ نکاد موجود آهن اُن ڪري گُن ڪليءَ کان ٻه علحده بيهندي. گن ڪليءَ ۾ گنڌار ۽ نکاد غير موجود آهن. پرڀاتي اُن ڪري مشڪل آهي جو هن کي ڪيترن راڳڻين کان بچائڻو پوي ٿو (ص ص 190 ۽ 191)."

جئن عرض ڪيو ويو ته پرڀاتي يا پرڀات راڳڻي پرڀات (آسر) جي وقت لاءِ مخصوص آهي. اُن ۾ آزي نيزاريءَ، دعا گهرڻ يا ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ صدا جو مضمون بنيادي حيثيت رکي ٿو اُن ڪري هن کي عام فقير ٻه استعمال ڪن ٿا ۽ "صبح جا سائين"، "سخي ڏاتار" ۽ ٻيون صدائون ٻه هڻن ٿا. رسالي جي بيتن ۽ واين ۾ تاثر اهڙين ئي صدائن جو آهي. سپڙ سخيءَ جي مهما ڳايل آهي ۽ مڱڻ واري کي

جاجڪ، چارڻ، مڱڻھار، ٽُنبيہ ۽ ڀان چيو ويو آهي. اِهي نالا شاهہ صاحب ڏنا آهن. انهن کي موجوده دؤر جي زبان ۽ بيان ۾ آرٽسٽ يا فنڪار آهن ۽ پنهنجي رويي موجب آسائتا آهن. نهنا ۽ نماڻا چٽڪ ڪنور ڀڳت، محمد ابراهيم، منظور علي خان ۽ مصري خان جمالي! انهن مڱڻن ۽ فنڪارن کي سُر پرڀاتي ۾ شاهہ صاحب پنهنجي انداز ۾ مخاطب آهي. سُرَ جي پهرئين بيت ۾ ٿي ڀان کي نصيحت ڪري ٿو تہ غفلت ڇڏ:

اِي نہ ڀانن ڀير، جئن ڪينر ڪير يا ننگيو،
سونهاري صبوح سين، ويهي ويٺين تہ وير،
توکي چوندو ڪير، ڪِيرت ڏاران مڱڻو؟

ڀان، سنڌ جي موجوده ايراضيءَ جي اولهہ ۽ اوڀر، ڏکڻ يعني لس ٻيلي ۽ گجرات توڙي راجستان ۾ آهن. سومرن جي زماني جو ڀاڳو ڀان مشهور آهي. سنڌ جي ڏکڻ ۾ ڀان اڄ بہ ٻڌجن ٿا. ننڍي شهر جي ويجهو فقير سليمان ڀان سان منهنجي 1956ع ۾ ملاقات ٿي هئي. هو ذاتين، شجرن ۽ ٿرَ جي پراڻن معرڪن جو ڄاڻو هو. اِن سلسلي ۾ پوءِ سليمان ڀان جو هڪ ڪتاب بہ ڇپيو. اڄ بہ سنڌ ۾ ڀان موجود آهن. انهيءَ کان سواءِ بہ ڏسبو تہ ڀان هڪ پراڻي ذات آهي.

جاجڪ بہ اهڙي ذات هئي جنهن جو ذڪر پرڀاتي ۾ آهي. اُن حوالي جا بيت بہ هن سُرَ ۾ آهن:

سپڙ ساهہ پساهہ جاجڪ جِمَ وسارئين،
ريهي رُپي سنديون، تندون تنبي کي پاءِ،
لنگها! تون ليلاءِ، اڳيان وجي اُن جي.

هتي مڱڻھار کي لنگهو بہ سڏي ٿو جيڪو بہ هڪ عام ڪم ايندڙ لفظ آهي. اُن کان سواءِ جاجڪ کي ”جاجڪاڻي ذات“ چئي مخاطب ٿئي ٿو:

سيرانديءَ ساز ڪيو، سمهين ساري رات،
جاجڪاڻي ذات، ايئن نـ هئي اڳهين.

ٿيون لفظ جيڪو هنن منگتن بابت پرياتي ۾ آهي سو آهي چارڻ:

چارڻ وس نـ ڪا، نـ ڪا ڪيرت جي ڪري،
جنين سندو مڱڻو هٿ تنين جي آهِ
جي ڪارائينس تـ ڪاءِ، جي سمهارينس تـ سمهي.

چارڻ بـ سنڌ جي اندر ۽ سرحدن تي هڪ مشهور قبيلو آهي. سنڌ جي شاعرن ۾ جمن چارڻ هڪ وڏو شاعر ٿيو جنهن حضرت پير دستگير جي شان ۾ مناجات لکي. ٻيا بـ ڪي چارڻ شاعر ۽ سگهڙ ٿيا.

اِن کان سواءِ ٻين نالن سان بـ هنن منگتن کي پرياتي ۾ ياد ڪيو ويو. اُنهن ۾ مڱڻهار نشانبر آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

جڏو ڦِڏو ڏڏ، پاڻ ڪوٺائي مڱڻو،
نـ ڪنهن نيو پاڻ سين، نـ ڪنهن ڪيو گڏ،
سپڙ ڪريو سڏ، ڏکيا چاڙهي ڏولئين.

پرياتيءَ وارا فقيرَ سورٺ جي سُرَ ۾ بـ آندل آهن. هي فقير ۽ فنڪار اڄ بـ ڪنهن نـ ڪنهن روپ ۾ سنڌ ۾ موجود آهن. انهن جون صدائون اڄ بـ گونجن پيون، پوءِ انهن کي چارڻ چئون يا جاجڪ يا مڱڻهار! اُنهن جا ڍُهل ۽ شرنايون، مرليون ۽ الغوزا، نڙ ۽ چنگَ ڪنن ۾ پيا پُرن. ائين شاهه عبد اللطيف جي سُر پرياتيءَ جو آواز موجود آهي.

باب ٽيون

# ڪيڏارو

هن سُرَ بابت گهڻو بحث ٿيو آهي. اُن تي منهنجي راءِ هيءَ آهي. شاهه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو هڪ اهم دستاويز آهي ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ بابت رهنمائي ڪري ٿو. سنڌ جا نيم تاريخي داستان، جوڳين ۽ سامين جا بيان توڙي عام جيوت ۽ صوفيانه انداز رسالي جي سونهن آهي. سُر ڪيڏارو رسالي جو هڪ اهم سُر به آهي ته تحقيق جي دنيا ۾ هڪ ڀرپور موضوع به آهي. هن سُرَ جو موضوع امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس جانثارن جو باطل جي قوتن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي باري ۾ آهي.

سُر ڪيڏاري جي باري ۾ سنڌ جي عالمن ۽ محققن اٽڪل مُني صديءَ کان بحث جاري رکيو آهي. اُهو هي ته ڇا هي سُر شاهه صاحب جو چيل آهي يا احسان فقير ۽ ڪن ٻين شاعرن جي تصنيف آهي؟ مون به شاهه جي رسالي جو اڀياس ڪندي اندازاً 1960ع کان هن سُرَ بابت ٿورو گهڻو سوچڻ شروع ڪيو.

هن بحث جو پهريون محرڪ ۽ محقق مخدوم سائين محمد صالح ڀٽي هالائي هو(1) اُن کان پوءِ بحث اڳتي وڌيو. هن بحث ۾ پوڻ کان اڳ اِهو ڏسون ته وجه تسميه جو سبب ڪهڙو آهي؟ هيءَ هندوستاني راڳ مالا جي هڪ راڳڻي ڪيداره تي آڌاريل آهي. هونئن ڪيڏارو جنگ جي ميدان کي به چئبو آهي (2) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ پنهنجي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ سُر ڪيڏارو شامل ڪيو جنهن ڪري ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ٻين سان

اختلاف وڌيس. ڪيڏارو (ڪيداره) بلاول ٺاٺ جو کاڊو (آروهي اوروهيءَ ۾ ڇه سُرَ) راڳ آهي. هي رات جو راڳ آهي. شام چوراسي گهراڻي جا چشم چراغ اختر علي خان ۽ ذاڪر علي خان پنهنجي ڪتاب ”نورنگ موسيقي“ ۾لکن ٿا تہ: ”اڪثر ڳائڻا هن کي ڪلياڻ ٺاٺ جو راڳ ڄاڻن ٿا ڇو جو هن ۾ ٻئي مڌمون لڳن ٿيون. پر ڇو جو هن ۾ ڪومل مڌم تي زياده زور هجڻ ڪري بلاول ٺاٺ جو ئي راڳ ليکبو“ (3) ڪيداره جا آروهي — اوروهي هي آهن:

اروهي = سا ما گا ما پا ڌا ني سا.

اوروهي = ري ني سا ڌا پا ما پا ڌا ما ري سا

راڳ کي آسان ڪري ٻڌائڻ لاءِ هي ليکڪ هن کي پراڻي فلم ”تان سين“ جو گانو ڏسين ٿا جيڪو پراڻي گائڪا خورشيد ڳايو هو. ٻول آهي: پنڇي باورا، چاند سي پريت لگائي. (4)

پروفيسر لطف الله بدوي جيڪو ڊاڪٽر دائود پوٽي جو طرفدار هو تنهن بہ پنهنجي تصنيف ”تذڪره لطيف“ (ج اول) ۾ چار بيت سُر ڪيڏاري مان ڏنا. (5) جن شاعرن جو ڪلام شاهہ جي رسالي ۾ شامل ٿي ويو آهي، اُنهن ۾ ڪي اڳاٽا شاعر، وڏا همعصر ۽ همعصر شاعر اچي وڃن ٿا. اُنهن ۾ وڏا همعصر عنات رضوي ۽ احسان فقير لانگاهہ بہ شامل آهن. مخدوم محمد صالح ڀٽيءَ هِن بحث جي شروعات ڊي- جي- سنڌ ڪاليج جي 18_1919ع واري ڪاليج مخزن ۾ ڪئي. اُن ڪان پوءِ پنهنجي ڪتاب ”ڪيڏارو اِحسان فقير“ جو مسودو 1920ع ۾ مرزا قليچ بيگ ڏانهن موڪليائين. خط ۾ لکيائين تہ ”هي بيت احسان فقير جي پڙ تي ڳائيندا آهن“. (6)

مسودو تصحيح لاءِ موڪليل هو. پهرين مرزا صاحب جو خيال هو تہ ڪيڏارو شاهہ صاحب جو ڪلام آهي. اهڙو اظهار پنهنجي ڪتاب ”احوال شاهہ عبد اللطيف (1887ع)“ ۾ ڪيائين. اُن ڪان پوءِ اندازاً 1920ع ڌاري هُو مونجهاري ۾ پئجي ويو. هي سڄو بحث مولانا

وفائيءَ "لطف اللطيف" ۾ حوالن سان آندو آهي. اُن موجب مرزا قليچ بيگ 43 بيت احسان فقير جا قرار ڏنا ۽ اُنهن کي رسالي ۾ آيل 70 بيتن مان ڪاٽڻ جي تجويز ڏنائين. هوڏانهن خود مرزا قليچ بيگ واري شاهہ جي رسالي ۾ ڪيڏاري جا 72 بيت آهن. ايئن 70 مان 43 وڃا تہ 27 بچيا. مير سانگيءَ جي ڪتاب "لطائف لطيفي" جي حوالي سان مولانا وفائيءَ اِهو بہ لکيو تہ فصل ڇهون فتح فقير جو چيل آهي. ايئن اِهي 19 بيت 27 مان ڪاٽبا تہ 8 بيت بچندا. مخدوم محمد صالح، 12 بيت صادق فقير صوفيءَ جا قرار ڏنا آهن (7) . 8 مان 12 ڪٽڻ ممڪن ناهن. اُن سان گڏ اهو بہ خيال آهي تہ ڪي بيت مختلف داستانن ۾ ساڳيا هجن يا هن بحث جي زنجير جي ڪا نہ ڪا ڪڙي غلط لڳي هجي.

تعلقي بدين جي ذڪڻ ۾ اٽڪل 12 ميلن تي سيراٽيءَ جو ننڍو شهر آهي. اُتان سيد منو شاهہ وٽان محمد سومار شيخ، شاهہ جي رسالي جو هڪ قلمي نسخو هٿ ڪيو ۽ شاهہ جي گم ٿيل بيتن جي تلاش ڪندي هن ڪي بيت لڌا. اُنهن ۾ سر ڪيڏارو بہ هو. مون هي رسالو ڏٺو. 1958ع ۾ سيد منو شاهہ گذاري ويو ۽ اهو رسالو ماستر محمد سومار شيخ کان پير عالي شاهہ ايم.پي.اي جي حوالي ٿيو ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي ڏنو ويو. ڊاڪٽر صاحب بہ اُن سال ئي گذاري ويو.

هن قلمي نسخي ۾ شاهہ جو ڪيڏارو ڌار ۽ احسان فقير جو ڪيڏارو ڌار آهي ۽ سينهن ڪيڏارو بہ. شاهہ جي ڪيڏاري ۾ بيت 30 ۽ احسان جا 14 آهن. احسان جي پٽ اسماعيل ۽ جيئندل شاعر جا بہ ڪي بيت آهن. داستان اڌورو آهي ۽ ڪو بيت لکندي اڌ ۾ بہ رهيل آهي. احسان پنهنجو نالو "احسان چئي" آڻي ٿو ۽ "آرڙ ۾ احسان سين" ڪم نٿو آڻي جئن رسالي جي ٻن بيتن ۾ آهي.

احسان جو ڪيڏارو، شاهہ صاحب جي ڪيڏاري کان زبان ۽ بيان ۾ گهٽ درجي جو آهي. شاهہ صاحب چوي ٿو:

سختي شهادت جي مڙوئي ملار،
ذرو ناهي يزيد کي، عشق جو آثار،
ڪسڻ جو قرار، اصل امامن سين.

احسان چوي ٿو:

فائق هلي فرات تي، جڏهن آيو علي عباس،
پاڻيءَ کان پياسو تن ۾ ڪري تپاس،
آءُ ڪيئن پيان امام ري، مر مون وڃن ساس،
راهه پٽيان راس، احسان چئي امام کي.

احسان گهڻو ڪري هر بيت ۾ تخلص آڻي ٿو ۽ پٽ پاراتو گهڻو ڪري ٿو. اُن کان سواءِ عربي ۽ فارسيءَ جا محاورا ساڳي ترڪيب ۾ ڪم آڻي ٿو. ڪن بيتن ۾ الف اشباع سان بيت ڊگها به ڪندو ويو آهي. مثال طور:

اڇي بينا حضور ۾، سيئي شهزادا،
مبارڪ مر کي چيو رسول پاڻ منها.

(هي بيت ٻارهن سٽن جو آهي).

احسان جي زبان ۾ پٽ پاراتي جو هڪڙو مثال هي آهي:

عليءَ جي اولاد سين، سرڪش ٿي مر شديد،
چڏ ارڏائي احسان چئي، نابينا نا ديد،
ايءَ پڻ ڳالهه بعيد، جئن طاعت مچين تنهنجي!

مخدوم محمد صالح پٽيءَ جو ڪتاب ”ڪيڏارو جامع ۽ محقق“ يوسف برادرس حيدرآباد شايع ڪيو جنهن ۾ بحث ۽ متن شامل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هي خيال آهي ته احسان، هالن جي آڳاٽي بزرگ سيد عبداللطيف قادريءَ (وفات 1075هه) جو مريد هو. اُن جي ترغيب سان ڪيڏارو ڳايو ويو جو پوءِ شاهه جي

رسالي ۾ اچي ويو. (8)

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو خيال آهي تہ رسالي جي سُر ڪيڏاري ۾ گهڻو ڪلام احسان فقير جو آهي (9). ايئن اڪثر محققن جو بہ اِهو ئي خيال آهي. دليل ۽ ثبوت جيڪي بحث هيٺ آيا اُهي مٿي بيان ڪيا ويا آهن. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو تہ شاهہ ۽ احسان جي ڪلام ۾ زبان ۽ بيان جو گهڻو فرق آهي. شاهہ صاحب ڪربلا جي قضئي ڪي الاهي اسرار سڏي ٿو. سندس ڪلام مان چند هيٺيان مثال ئي ڪافي آهن:

سختي شهادت جي، نسورو ئي ناز
ڪي رند پروڙين راز، قضئي ڪربلا جو.

—

حسن مير حسين ڪي، رنو ٿن ٿولن،
گهر ماڙهين جهنگ مروئين، اُين ۾ ملڪن،
پکين پاڻ پڇاڙيو تہ لڏيو هوت وڃن،
الا شهزادن، سويون ڏئين سچا ڏٽي.

منظر نگاري تہ شاهہ صاحب جي رسالي جي بنيادي خصوصيت آهي. جنگ جي منظرنگاري هيئن ڪري ٿو:

ڏنو ڪارهہ ڪنهين، جهونجهارڪو جهڳڙو،
هائين هڏَ مُڇائيا، ريلو رت ٿئين،
پائن سا سَنئين، جٿان جيءَ جوکو ٿئي.

—

جهمنديون اچن، جهوليون جهونجهارن جون،
پايو ٻڪَ ٻُهار جا، اُن جون وهون واڪا ڪن.
پِٽين پار ڪڍن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

بهادرن جو بيان ڪرڻ جو شاهہ صاحب وٽ هڪ منفرد ڏانءُ

آهي. اُن جنگ جو جوش هڪ طرف ته زبان جي قوت ٻئي طرف آهي.
مثال طور:

هوڏانهن هُن هاڪاريو، هيڏانهن هي هڻن،
سُر نايون ۽ سُنڌڙا، ٻنهي پار ٻُرن،
گهوٽن ۽ گهوڙن، رڻ ۾ لائئون لڏيون.

بيتن جي مثالن جي قطع نظر ڪيڏاري جي مالڪيءَ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ مضبوط دليل ڪپن. مٿي ڪيل بحث ۾ بيتن جي تعداد جي مد نظر اهو چئبو ته سڀ حوالا صحيح نه آهن.

ڪنهن هڪ يعني پهرئين حوالي جي آڌار تي هن سُر جا بيشتر بيت شاه صاحب جا آهن. اُنهن جو هڪ سبب زبان ۽ بيان آهي. اُهو مجموعي طور رسالي جي ٻين سُرن سان ملي ٿو.

هِنَ سُر تي آئيندي به تحقيق جا دروازا کليل آهن. جيڪڏهن ڪو نئون حوالو يا نئون قلمي نسخو ملي ته بحث وري به شروع ٿي سگهي ٿو. في الحال صورت حال اِها ئي آهي جا بيان ڪئي ويئي آهي.

باب ٽيون

# مُهاڻا

رسالي ۾ شاھ صاحب مهاڻن، ملاحن ۽ مير بحرن جو ذڪر ڪيو آهي. اُن جو بيان بہ اوهان لاءِ دلچسپ هوندو. اُهو اجهو هيئن آهي.

شاھ عبد اللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو هڪ اهڙو خزانو آهي، جنهن ۾ قسمين قسمين هيرا، موتي، زمرد، لعل ۽ طرحين طرحين جي نُڪتن جو ذخيرو موجود آهي. رسالي ۾ انساني سماج جي بہ اُپٽار آهي. عظيم تر سنڌ ۽ اُن جو جياپو سنڌو درياء، سنڌي جيوت ۽ سماج جو چٽو عڪس بہ رسالي ۾ موجود آهي. سرويچ سجاوليءَ سچ چيو آهي تہ "جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون". مهراڻ جي ٻنهي ڪنڌين تي جيڪي ماڻهو رهن ٿا، تن ۾ اڪثريت مُهاڻن جي آهي، جن کي اِنهيءَ نالي کان سواءِ مير بحر، ملاح، ماڇي ۽ ٻين نالن سان بہ سڏيو ويجي ٿو. اِن ۾ اُنهن جي ڪم ۽ سماجي حيثيت جو بہ دخل آهي.

مُهاڻن توڙي رسالي جي ٻين ڪردارن ۾ بہ سماجي رتبن جي مد نظر حوالا آهن. مثال طور غريب طبقي ۾ ڦوڳ، ڏم، وڳند ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. اِن کان سواءِ اجتماعي ڪردارن ۾ مارو، سنگهار، مالوند، ڪاهوڙي، لوهار، واڍا، مڇي مارينڊڙ ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. شاھ صاحب رسالي ۾ هنڌ هنڌ انهن جو ذڪر ڪيو آهي. سُر سريراڳ ۽ سُر سامونڊيءَ ۾ بہ ملاحن، ٻيڙين ۽ واپار جو تذڪرو ڪري ٿو پر سُر ڪاموڏ ۽ گهاتوءَ ۾ خاص طور مير بحرن ۽ مهاڻن جو تذڪرو اچي ٿو.

محترم تاج صحرائي منڇر جي مهاڻن تي سنڌيءَ ۾ لکڻ سان گڏ هڪ معياري ڪتاب انگريزيءَ ۾ به لکيو آهي. مون رسالي بابت لکندي هن کان اڳ سُر ڪاموڏ بابت به مقالا سُرَ جي موضوع نوري ۽ موسيقيءَ تي ۽ هڪ مقالو سُر گهاتو جي باري ۾ لکيو آهي. (1)

جيئن ته شاهه جي رسالي ۾ هنن ٻن سُرن کي سڌي طرح موضوع بڻايو ويو آهي، اُن ڪري هِتِ به فقط اِنهن ٻن سُرن ۾ آيل مهاڻن جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪندس.

سُر ڪاموڏ جنهن ۾ "نوري ڄام تماچيءَ" جو داستان بيان ڪيل آهي اُن ۾ نوري ۽ اُن جا مائٽ خاص ڪردار آهن. شاهه صاحب نوريءَ کي "مهاڻي" ۽ ڪينجهر جي ملاحن ميربحرن کي "مهاڻا" ڪري سڏيو آهي. هي لفظ سُر ڪاموڏ ۾ ڄام تماچيءَ طرفان عزت، اهميت ۽ محبت ڏيڻ سبب پنهنجي اصل مفهوم، معنيٰ ۽ مرڪزيت کان گهٽو مٿي ۽ سماجي بلنديءَ تي نظر اچي ٿو. داستان کي ڏسجي ته سنڌ جو سمو حاڪم ڄام تماچي نوري بابت ٻڌڻ ۽ اُن کي ڏسڻ کان پوءِ مهاڻن کان سڱ گهري ٿو. نوريءَ سان شادي ڪري ٿو. هُوءَ سونهن سوڀيا ۾ ته بيمثال آهي ئي، پر هڪ موقعي تي ڄام هُن جي سادگي ۽ نهٺائيءَ کان متاثر ٿي مٿس وڌيڪ موهت ۽ مهربان ٿئي ٿو. نه رڳو ايترو بلڪ ڪينجهر جي مهاڻن ۽ نوريءَ جي مائٽن تي مهربانيون ڪري ٿو. اُنهن جا محصول معاف ڪري ٿو. هن سڄي صورتحال کي شاهه صاحب سُر ڪاموڏ ۾ نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿو. ائين هي محبت، نهٺائي ۽ سادگيءَ جو داستان نه رُڳو سنڌي شاعريءَ جو هڪ انمول موضوع نموني بڻجي ٿو، پر هڪ هيٺين ۽ غريب طبقي جي ماڻهن جي جيوت ۽ سماجي حيثيت کي به بلند ڪري ٿو. مهاڻا ڪنهن ڳڻپ ۾ نه هئا، انهن کي بادشاهه سماجي رتبو ڏنو. شاهه صاحب ان جو بيان اشارن، ڪناين ۽ شاعرانه انداز ۾ ڪري ٿو. هي رومان سماج جي غير اهم طبقن کي اهميت وارو بڻائي

تو. نوريءَ جي نھٺائيءَ کان ڳالھہ شروع ڪري ٿو ڇو جو نھٺائي ھن رومان کي ھڪ نئون رنگ بخشي ڇڏيو:

تون سمون آءُ گندري، مون ۾ عيبن لڪ،
ھن منھنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر متئين (2)

نوريءَ کي راڻي بنجڻ کان پوءِ بہ ھڪ اَڻ لکو خوف آھي تہ متان راڻين جي سونھن، سوڀيا ۽ اعليٰ سماجي ۽ شاھي حيثيت جي مقابلي ۾ بادشاھ مون کان منھن مٽي وڃي!
اُن جو خدشو شاھ صاحب جي لفظن ۾ ھيئن ظاھر ٿئي ٿو:

تون سمون آءُ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر متئين. (3)

پنھنجو پاڻ سڃاڻندي چٽن لفظن ۾ چوي ٿي :

تون تماچي تڙ ڌڻي، آءُ مُھاڻي مي،
مون ڍاڳ مر ڏي، آءُ جا نالي سُيَس تنھنجي. (4)

سمي جن سان سڱ ڪيو سي ڪير ھئا؟ اُنھن جو گذران ڇا تي ھو؟ اُنھن جي زندگي ڪيئن ٿي گذري؟ اُنھن جي سماجي حيثيت ڪھڙي ھئي؟ اُن جو جواب شاھ صاحب ھيئن ٿو پيش ڪري:

ڇارا ڪارا، مال جنين جو مڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪيي، اچن سوارا،
جي مي مڇيءَ مارا، سمي سي سيڻ ڪيا.

—

ڪاريون ڪوجھيون ڪوڙيون، مور نہ موچاريون،
وٺي وينيون واٽ تي، ڪِڪيءَ جون ڪاريون،
اُنين جون آريون، سمي ري ڪير سھي.

ڪِڪيءَ هاڻيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاڻا ڇڄ،
پانڌ جنين جي پانڌ سين، لڳو ٽئن لڄ،
سمو ڄام سَهجَ، اُپو ڪري اُن سين. (5)

جيڪي ڄام سان واقف ٿيا اُنهن لاءِ شاهي محل جا دروازا کُلي ويا. هُو پاڻ سان پاپوڙا، لوڙهيون ۽ گَندَ ڪٽي سوڪڙي ڏيڻ اچن ٿا. جيڪي وٽن حيثيت ۽ حال موجب آهي سو پيش پِريان ڪرڻ اچن ٿا. هاڻ تہ محل جا ۽ حاڪم جا محرم ٿيا:

ٿيا تماچي ڄام سين، مُهاڻا محروم،
ننڍي وڏي گندري، متي مازيءَ ڏوم،
جي ڪينجهر جي رُوم، سپ انعامي ٿيا.

گند جنين جي گوڏ ۾، پاپوڙا پيغام،
اُنين ڪي اِنعام، مجر مڙُوئي ٿيو. (6)

نوريءَ پنهنجي غريباڻي حال ۽ سماجي حيثيت کان بلند ٿي ڪيئن ماڳ ماڻيو، اُن ۾ هُن جي نهٺائي ۽ انڪساري اوليت بنجي ويئي. شاهہ صاحب اُن باري ۾ فرمائي ٿو:

پاپوڙو پيش ڪيو نئون نوريءَ نيئي،
حاضر هُيون هَڪيون، سميون سيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.

مُهاڻيءَ جي من ۾، نہ گيرب نہ گاءُ،
نيٺن سان ناز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سمون سين مُلاءُ، هيريائين حرفت سين.

سپ سميون سپ سومريون سيني ڳچي هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، اوڏا ڪيائون وس،
ڏول تنين جي گس، هيناهيون هلن جي. (7)

اِن حساب سان نوريءَ جو مٽ ۽ جوڙ جيس ٻيو ڪو نہ هو. اهڙو ذڪر شاهہ صاحب هيئن ڪري ٿو:

تهڙو ڪينجهر ۾ ٻيو جهڙي سونهن سنديس،
مڏ، مياڻيون، مڪڙا، مڙئي معاف ٿياس،
مورچل مٿاس، هٽي چامر هٿن سين. (8)

سمين گهڻا حِيلا هلايا، پر چامر جي من ۾ اجا ڪي ٻيو هو. هُو ڪينجهر ۾ شڪار ۾ وچي شامل ٿيو. اِهو نوريءَ جي سادگي جو اثر هو:

سميون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آئيون،
چامر هٿ ۾ چار، چُلي ڄڀيرين وچ ۾.

—

مي هٿ ۾ مڪڙي، چامر هٿ ۾ چار،
سڄو ڏينهن شڪار ڪينجهر ۾ ڪالهہ هو.

نوريءَ ۽ سندس مائٽن توڙي سيني مهاڻن کي جيڪو مان ۽ مُهت مليو اُن جو ذڪر هن سُر ۾ آهي. سماجي حيثيت جو وڌڻ پنهنجي جاءِ تي پر رومانس ۽ جماليات جو حوالو بہ هِن سُرَ جي خصوصيت آهي. اِنهيءَ سلسلي ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اڪڙين ۾،
تن تماچي چامر جو نايون پايوني،
عشق ايئن ڪري، جئن چارو چامر ڪلهي ڪيو. (10)

هن سلسلي جو ٻيو سُر گهاتُو آهي جنهن ۾ ملاحن، مهاڻن ۽ مير بحرن جو ذڪر اچي ٿو. هي سُر مضمون جي لحاظ کان مورڙي مير

بحر ۾ مانگر مڇ جي مقابلي تي ٻڌل آهي. اڄ جو ڪراچيءَ جو شهر هن قصي جو محل وقوع آهي. ڪلفٽن ۾ منهوڙي جي وچ تي سمنڊ ۾ هڪ اونهون ڪُن هو جنهن ۾ غوراب به غرق ٿي ويندا هئا. سمنڊ ڪناري مائي ڪلاچيءَ يا ذات ڪلاچي وارن جو ڳوٺ هو. اوپايو مهاڻو جنهن جا ست پُٽ هئا. ٻيا ته سگهارا هئا پر مورڙو انهن ۾ قد جو ننڍو ۽ منڊو هو. ڪُن ۾ ڪو ماڳر مڇ هو جنهن مورڙي جا ڇهہ ڀائر ڳڙڪائي ڇڏيا.

آخر مورڙو تيار ٿيو. هڪ پڃرو ٺهرايائين جنهن ۾ لوهه جا ڪلا لڳارايائين. همراهن کي چيائين ته اندران ٿي ويهان ٿو. رسيون لوڏيان ته پڃري کي ڇڪي ٻاهر ڪڍجو. پڃرو هيٺ لٿو مانگر شڪار لاءِ حملو ڪري آيو. ڪِلَ آرپار ڳلاڦن مان لنگهي ويس. پڃرو ٻاهر ڪڍيائون ۽ مانگر جو پيٽ چيري اُن مان مورڙي جي ڇهن ئي ڀائرن جا ڪرنگها ڪڍيائون. ايئن هڪ ڪمزور انسان دشمن سان ڪامياب مقابلو ڪيو(11). روحاني راز موجب عالمن هن واقعي کي نفس سان جنگ ڪوٺيو آهي.

هن سُرَ ۾ هڪ ئي داستان آهي جنهن جي بيتن ۽ وائيءَ ۾ شاه صاحب سمنڊ ڪناري ويٺل مهاڻن جي جيوت جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُرَ ۾ پهرين اوپائي مهاڻي جي ڇهن پٽن جي موت ۽ پوءِ مورڙي جي مانگر سان ڪامياب ويڙهه جو ذڪر آهي. اِها رڪارڊ جي ڳالهہ آهي ته ڪلاچ يا ڪلاچيءَ جي ڪُنَ واري مقام سمنڊ ڪناري اڄ دنيا جو عظيم شهر ڪراچي آباد ٿي ويو. ڪلاچ جي ڪُن لاءِ شاهه صاحب سُر گهاتوءِ ۾ فرمائي ٿو:

ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪو نہ ڏي، تہ رچ ڪجاڙي رنديا. (12)

مورڙي جا ڀائر هڪ هڪ ٿي مانگر مڇ جو شڪار ٿي ويا. اُنهن واپس اچڻ ۾ دير ڪئي. گهر ڀاتين ۽ مورڙي کي ڳڻتي ٿي. اُن جو

ذڪر شاهہ صاحب هيئن ڪري ٿو:

ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا، چتيون ڪٽي ڇڳير،
پائرن پيرو نہ ڪيو اَدن ڪِي اَوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهلين. (13)

گهر پاتي انتظار تا ڪن، پر گهاتو گهر نہ آيا:

اُيي اوسڙان اُس ۾، جهليو ڪُنَ ڪِنار،
گهاتو گهر نہ آئيا، وڏي لڳين وار،
هُيَس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا. (14)

نہ رڳو گهاتو نہ موٽيا پر بازارن ۾ بہ سُڃَ واڪا ڪرڻ لڳي. نہ ڪا مڇي نہ ڪو چلرَ چٽ ۽ نہ ڪو خريدار. اهڙو موثر تذڪرو شاهہ صاحب هيئن ڪري ٿو:

نہ ڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چلر چَٽَ،
جِتي ڏنيرين جي، اَڳي هئي اَڪٽ،
سي تڙ پسيو پَٽَ، ماڙهو وڃن موٽيا.

—

اوري هئا تہ آئيا، جيڪس ويا پري،
ساتي سڏ ڪري، ماڳ نهاري موٽيا. (15)

مورڙو اپاهج هو پر عقلمند ۽ داناءَ هو. دنيا کي اِها خبر نہ هئي. ”ڪکَ هيٺان بہ لک پيو آهي“ جي مصداق هُن ڪارنامو سر انجام ڏنو. هُو ۽ هُنَ جي غريب طبقي جا ماڻهو سماجي طور ليکي ۾ نہ هئا. اِن نُڪتي کي شاهہ صاحب چئن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

گهنگهريا گهڻ چاڻ، مُوڙهي مَتِ مَهائيين،
ويا گڏجي وِيرَ ۾، پيا مُنهن مِهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وسري. (16)

مورڙي ۾ مڇ جو هي مامرو هڪ نصيحت ڀريو مامرو آهي.
شاهه صاحب جو ڪلام انهيءَ لحاظ کان به اهم آهي ته اُهو مقصديت وارو آهي. سُر گهاتو جو مضمون ۾ مهاڻن جي زندگيءَ بابت بيت بيان ۾ چٽا آهن. هنن ۾ ڪو به دقيق فلسفو لڪل نه آهي. آخر ۾ آيل وائيءَ ۾ سڄي مضمون کي هڪ ئي هنڌ ۾ چند سٽن ۾ گڏ ڪيو اٿس:

جيڪس جهليا مڇ، گهاتو گهر نه آئيا،
ڪاهي ويچو ناڪئا، ڪريو بُري تي بچ،
ڪاٽي سندن ڪُنڊيون، ڪاٽي سندن رڇ،
ڪُنَ ڪڙڪو ڏيو، اَٿوَ اڳيان اَڇ،
گهاتو گهر نه آئيا (17)

شاهه عبداللطيف جيئن ٻين ڏتڙيل طبقن جي نمائندگي ڪندي اُنهن جي زندگي، بود و باش، ريت رسمن ۾ مڪمل سماجي حيثيت جو به بيان ڪيو آهي. هيءَ جاتي سمنڊ ڪنارن، دريا ڪنارن ۾ ڍنڍن تي آباد آهي ۽ سڄي دنيا جي هڪ اهم جاتي (COMMUNITY) آهي جنهن جو دنيا جي ثقافت ۾ معيشت تي گهاتو اثر رهندو اچي.
شاهه عبداللطيف هنن ٻن سُرن ۾ جن پهلوئن کي ڇُهيو آهي سي به تمام اهم آهن.

# مددي ڪتاب ۽ حوالا:


## حوالا: ڍول مارئي

1. پاوناٽي صاحب جا پيا ڪتاب "ڪامل جو ڪلام"، "چند سڳند"، "علم عروض" ۽ "ائٽ جي اوٽ" آھن. فقط آخري ڪتاب سنڌ ۾ ڇپيو آھي.
2. محمد عثمان اديب: سڏيونت ۽ سارنگا، ٽر جون چونڊ لوڪ ڪھاڻيون ۽ پيا ڪتاب شايع ٿيل آھن.
3. ڏسو ٽر جون چونڊ لوڪ ڪھاڻيون، حيدرآباد، 1991ع ص ص 8_9
4. ايضاً — ص ص 8 کان 34

## حوالا: موسيقي

1. قاضي ظھور الحق: رھنماءِ موسيقي (اردو) پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس اسلام آباد 1975ع ص 29_30 (عرض مصنف)
2. ايضاً — ص ص 5_6_7 ۽ 8
3. ڪوڪر، استاد محفوظ: "راڳ سروپ" لوڪ ورثہ اشاعت گھر اسلام آباد 1998ع ص 25
4. منظور نقي: سنڌي راڳ ۽ تال، سنڌالاجي 1981ع ص 39
5. اختر علي خان، ذاڪر علي خان: "نورنگ موسيقي" (اردو) اردو سائنس بورڊ لاھور. 1995ع ص ص 28_29
6. مغل، پيير بخش: "راڳ ساگر" شاھ لطيف ثقافتي مرڪز 1997ع ص 23.
7. ايضاً — ص 25 ۽ پڻ ڏسو "نورنگ موسيقي" ص 18
8. راڳ ساگر ص 25
9. ايضاً — ص ص 59_60
10. رھنماءِ موسيقي ص ص 89 کان 113
11. ايضاً — ص 89
12. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، شاھ لطيف ڪلچرل سينٽر، ڀٽ شاھ 1978ع ص 197

13. رهنماءِ موسيقي — ص91
14. ايضاً — ص 93
15. ايضاً — ص 95
16. ايضاً — ص 97
17. ايضاً — ص 99
18. ايضاً — ص 101
19. ايضاً — ص 103
20. ايضاً — ص 105
21. ايضاً — ص 107
22. ايضاً — ص 109
23. ايضاً — ص 111
24. ايضاً — ص 113
25. حوالي ۾ بيت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جي جلد پهرئين مان ورتل آهن.

### مددي ڪتاب: آسا


1. ڊاڪٽر بلوچ: موسيقي جي مختصر تاريخ. 1978ع
2. قاضي ظهور الحق: رهنماءِ موسيقي. پاڪستان نئشنل ڪائونسل آف آرٽس 1975ع
3. اختر علي خان، ذاڪر علي خان: نورنگ موسيقي. اردو سائنس بورڊ لاهور 1995ع
4. پيير بخش مغل: راڱ ساگر، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1955 ـ 1997ع
5. اُستاد محفوظ کوکر: "راڱ سروپ". ورثہ اشاعت گھر اسلام آباد 1998ع
6. آءِ آءِ قاضي. شاهه جو رسالو. سنڌي ادبي بورڊ 1993ع


### مددي ڪتاب: پرڀاتي


1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز 1978ع
2. قاضي ظهور الحق، رهنماءِ موسيقي. پاڪستان نئشنل ڪائونسل آف آرٽس 1975ع

3. اختر علي خان، ذاڪر علي خان: نورنگ موسيقي. اردو سائنس بورڊ لاهور 1995ع
4. ترتيب ڏنل، "هماري موسيقي". اداره مطبوعات پاڪستان ڪراچي
5. پيير بخش مغل: راڳ ساگر. ڀٽ شاهہ لطيف مرڪز 1955، 1997ع
6. اُستاد محفوظ کوکر: راڳ سروپ. لوڪ ورثہ اشاعت گهر اسلام آباد 1998ع
7. آءِ آءِ قاضي، شاهہ جو رسالو. سنڌي ادبي بورڊ 1993ع

## حوالا: ڪيڏارو

1. چنہ، محبوب علي. مقالو "شاهہ جي رسالي ۾ سندس همعصرن ڏانهن اشارو" مخزن نذر لطيف، محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان ڪراچي، ص 83
2. پرمانند ميوارام: سنڌي، انگريزي ڊڪشنري ( A MUSICAL MODE OR WAR, P.436) 1910ع
3. اختر علي خان ۽ ذاڪر علي: خان نورنگ موسيقي. اردو سائنس بورڊ لاهور 1995ع ص 161

نوٽ: هي فنڪارنزاڪت علي خان سلامت علي خان جا ننڍا ڀائر هئا، هاڻي گذاري ويا آهن.

4. ايضاً- ص 163
5. بدوي لطف الله: تذڪره لطفي (ج اول، ٻيو ڇاپو) حيدر آباد ص ص 147 _ 182
6. وفائي، دين محمد. لطف اللطيف ٻيو (ڇاپو ڪراچي ص 138
7. ادبي تحفو (1934ع) ص ص 41_42 بحوالہ مخزن "نذر لطيف" ص 84
8. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر) سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ (1978ع) ص 301 ۽ 303 ۽ پڻ ڏسو ڊاڪٽر صاحب جي تاليف "شاهہ جو رسالو رسالي جو ڪلام" (جلد 10) مقدمو ص 26_27 ۽ 28.
9. ڏسو شاهہ جو رسالو (ج اول) پهريون ڇاپو ص ص 31 ۽ 197

## حوالا: مُهاڻا

1. ڏسو راقم جو ڪتاب "شاهہ جي رسالي جو مطالعو" مقالا: ڪاموڏ ڪاماٽي، سُر ڪاموڏ جي موسيقي ۽ سُر گهاتوءَ جو مطالعو.
2. قاضي، علامہ آءِ آءِ. شاهہ جو رسالو سنڌي ادبي بورڊ. 1993ع ص 342
3. ايضاً — ص 341

4. ايضاً – ص 342
5. ايضاً – ص 342_343
6. ايضاً – ص 344
7. ايضاً – ص 346
8. ايضاً – ص 346
9. ايضاً – ص 350
10. ايضاً – ص 351
11. هن واقعي جا تفصيل ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي پنهنجي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي ۾ ڏنا آهن اُتان تلخيص ڪيل آهي. ڏسو شاهہ جو رسالو پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1985ع ص ص 747، 748 ۽ 749.
12. شاهہ جو رسالو (علامہ قاضي) ص 669
13. ايضاً – ص 669
14. ايضاً – ص 670
15. ايضاً – ص 671
16. ايضاً – ص 669
17. ايضاً – ص 672

# ليکڪ جو تعارف

**نالو:** ڊاڪٽر عبد الجبار ولد ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو.
**ولادت:** 26 نومبر 1935ع ڳوٺ پير فتح شاهه تعلقو بدين.
**تعليم:** بي اي (آنرز)، ايم اي (سنڌي) گولڊ ميڊلسٽ پي ايڇ.ڊي (سنڌ 1974ع) — ڊپلوما چيني ۽ فارسي زبان.
**ٻولين جي ڄاڻ:** سنڌي، اردو، سرائيڪي، پنجابي، چيني، فارسي، هندي، گجراتي، هسپانوي، انگريزي ۽ سنسڪرت.
**ڇپيل ڪتاب:** 65
**شاهه بابت ڪتاب:** 7
**ملازمت:** سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي 1962ع کان 1995ع بحيثيت پروفيسر ۽ ڊين رٽائر.
**اعزاز:** چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ 93_1994ع ، سچل، بيدل ۽ ٻيا ايوارڊ.
**تحقيقي رهبر:** اٺن شاگردن پي. ايڇ. ڊي ۽ پنجن ايم. فل ڪئي.
**سير سفر:** پاڪستان، ڀارت، چين، برطانيه، ترڪي.
**وندرون:** ڪلاسيڪي راڳ ٻڌڻ.
**اشاعت لاءِ تيار ڪتاب:** 10
**سرنامو:** 194 شهريار منزل بدين
**فون:** 0297861864
**سيل:** 03023036613